منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق

(جيوني)

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

سلسلو

MUNHINJI HAYATIA - JA - SONA ROPA WARQA
Autobiography
by : Popati Hiranandani
Koonj Publication
Bombay-400023.
June 1981
Rs. 10-00

منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق
جهوني
پوپٽي هيرانندڻي
ڪونج پبليڪيشن
۴، گرانٽ ويسٽرن بلڊنگس، شهيد ڀڳت سنگهه روڊ،
بمبئي-۴۰۰۰۲۳.
جون ۸۱
قيمت: ڏهه روپيا

ورق پهريون

مان ۽ پنا

ٻُوندن جون قطارون
هوا جي طوفاني تيزي
جڻ نانگڻيون لهرائينديون هليون،
پوءِ به ٽڪڻ آ سڪون پري
زندگيءَ جون اَدائون
تن من جي انتها پيڙا
جڻ چوڌرد سؤ بلائون سرڪنديون رهيون،
پوءِ به جيون آ رنگ پري.

— پوني

منهنجي زندگي ڪڏهن کان پنن ۾ ويڙهجي ويئي آهي ياد نه اَٿم. فائيل اندر پنا، فائيل کان ٻاهر پنا، ڪبٽ اندر پنا، ڪبٽ جي مٿان پنا، ميز تي پنا ۽ پرس ۾ پنا، ساڙهين جي وچ ۾ پنا ۽ بلائوزن جي پرسان پنا، انهن ئي پنا مونکي گهيري ويٺا آهن ۽ مان هر هميشه پنن جي ئي صحبت ۾ ويٺي آهيان.

ان ڳالهه تي منهنجي اَمي ڏاڍي ڪاوڙبي هئي پر اَسان ٻن مان ڪنهن به هڪ، ٻنهي جو ساٿ ڪين ڇڏيو آهي. اَميءَ جي ڪاوڙجڻ تي ڪڏهين ڪي پنا چونڊي ڦاڙي ڇڏيندي هيس پر وقت گذرڻ تي اُنهنجو تعداد گهٽجڻ بدران وڌڻ ئي لڳو آهي.

پڙهڻ جي عادت مون ۾ پروفيسر ڪي. اين. واسواڻيءَ

ڪونج ڪتابي يوجنا - ٨١

- **اوڪ ڊوڪ** (تنقيدي ڪتاب)
  ليکڪ: ڪيرت ٻاٻاڻي
  جنوري ١٩٨١ ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي.
  قيمت ڏهه روپيا

- **منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق** (جيوني)
  ليکڪا: پوپٽي هيرانندڻي
  جون ١٩٨١ ۾ ظاهر ٿيو
  قيمت: ڏهه روپيا

- **زنده دل** (ناول)
  ليکڪ: چندو لعل جئسنگهاڻي
  آگسٽ ١٩٨١ ۾ ظاهر
  قيمت: اٺ روپيا

- **اڌا شام** (ڪهاڻيون)
  ليکڪ: موهن ڪلپنا
  ڏياريءَ تي ظاهر
  قيمت: اٺ روپيا

چئني ڪتابن جي گڏيل رعايتي قيمت ٢٥ روپيا
سنڌي ساهت کي همٿائڻ چاهيو ٿا ته اڄ ئي پئسا
موڪلي چار ئي ڪتاب گهرايو.

لاءِ جدا ٿي ويا!

حيدرآباد وارو هاسرمل ماڪيجاڻي جڏهن حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ ويو هو تڏهن اُتان مونکي آڪاڻي لکي موڪلڻ لاءِ لکيو هئائين. اُها آڪاڻي واپس موٽي آئي هئي. بعد ۾ مون ليک موڪليو مانس جنهنجو سرو هو "اُنم ڪير؟ استري يا پرش؟" اُن ۾ مون لکيو هو "چنڊ رات کي سندر بڻائي ٿو ۽ رات چنڊ کي. جيڪڏهن چندرما ڪري رات روپهلي بڻجي سهاڳڻ جيئان ڪلي ٿي ته چنڊ به رات بنا بلڪل ڦڪو ۽ ڪجهو ٿو لڳي. اِها رات ئي آهي جا چنڊ کي سونهن بخشي ٿي." اِهو منهنجو پهريون ليک هو جنهن مونکي "واهه واهه" سڏائي. هونئن منهنجي لکڻ جي ساراهه صرف منهنجون شاگردياڻيون ڪنديون هيون جڏهن مان اسڪول جي نوٽيس بورڊ ۾ سندن اُلهي ڪتيل ست جيان کي لينگها رهڙي وجهندي هيس.

ورهاڱي بعد ٻڙودي مان سنسار سماچار اخبار لاءِ هڪ ليک لکي موڪليم "ٻپهي جي پڪار" بعد ۾ "هندستان" اخبار ۾ پڻ منهنجا ليک ڇپجڻ لڳا. سنڌ مان انعام جي صورت ۾ ڪيئين ڪتاب اچڻ لڳا. اُن وقت تاريخ معصومي يا چچ نامو وغيره ڪتابن جي ملهه جي ڄاڻ ئي ڪين هئم. اِن ڪري جڏهن جڏهن به اَمي غصي ٿي چوندي هئي ته "جتي ڪٿي تنهنجا ڪتاب پيا پيا آهن، اَسانکي ته ويهڻ جي جاءِ به ڪانه ٿي ملي." تڏهن گهٻرائجي سوين جا سو ڪتاب ڏيئي ڇڏيندي هيس!

هندستان اخبار جي هفتيوار اخبار "هندواسي" نالي سان مشهور ٿي ۽ اُن ۾ هر هفتي منهنجا ليک، ناٽڪ ۽ آڪاڻيون ڇپجڻ لڳيون. پهريان هندستان ۽ پوءِ هندواسيءَ ۾ ۱۹۴۹ کان وٺي ۱۹۶۵ تائين لڳاتار منهنجون لکڻيون ڇپجنديون رهيون. بعد ۾ لپيءَ جي سوال تي متڀيد شروع ٿيو. ۱۹۶۹ ۾ ساڳيءَ اخبار مون مٿان عجيب "گلن" جي ورکا ڪئي ۽ پوءِ منهنجي لکڻي ته ڇا، منهنجو

وڌيءَ لکڻ جي، شري هاسي مل ماکيجاڻيءَ. جڏهين پهريون دفعو ميران ڪاليج کليو تڏهين واسواڻي مونکي انگريزي پاڙهيندو هو ۽ هاسومل ايڪانامڪس. واسواڻيءَ مونکي انگريزي ناول پڙهڻ جو شوق ڏياريو ۽ هاسي مل لکڻ لاءِ آماده ڪندي چيو، ”خيال جو وستار ڪرڻ ۽ وستار واريءَ ڳالهه کي ننڍو ڪري لکڻ جو ڏانءُ تو ۾ آهي. تون ليکڪا بڻجي سگهين ٿي.“

اهو دفعو ڪاليج کلي بند ٿي ويو ۽ ٻئي پروفيسر هليا ويا پر مون گهڻيئي ڪتاب پڙهيا ۽ گهڻا ئي رنبا روز پيم. ٻيو دفعو ڪاليج کلڻ تي مون سنسڪرت وشيه ڪئي. سنسڪرت ساهتيه منهنجو من اصل موهي وڌو. انيڪ پستڪ اٿلايم. حيدرآباد جي بامبي بيڪريءَ وارو شامداس لڌاڻي منهنجيءَ هڪ شاگرديائيءَ جو ڏاڏو هو. هن وٽ سنسڪرت ڪتابن جو اصل خزانو رکيل هو. انهن ڪتابن ۾ گهڻيئي راز سمجهايل هئا. مثلا: ڪير ساگر ۾ ليٽيل وشڻو ڀڳوان ۽ شيش ناگ جي مورت ۾ جاگرافيءَ جا لڪ ته سنسار ۾ پاڻي ڪيترو آهي ۽ زمين ڪيتري، ته دنيا جي شڪل انهن بيضوي آهي جيئن وشڻوءَ جو ناگوري بسترو ..... وغيره.

ٻارس مان به گهڻيئي ڪتاب گهرائي پڙهيم. انهن منهنجي گهر جي دڇتي جتي هونئن اَن سان ڀريل ڳوٽيون رکيل هونديون هيون، منهنجن ڪتابن سان ڀرجي ويئي! نموني نموني جون ڊڪشنريون، فلاسافي سمجهائيندڙ چارٽ ۽ دلفريب مورتون پڻ گڏ ڪرڻ جو شوق هئم.

ورهاڱي ڪري سڀ جو سڀ ڪتاب انهن ئي ڇڏي اچڻا پيا. پنهنجن پائرن ڪي تاڪيد ڪري آئي هيس ته فلاڻي طرف وارا ڪتاب ضرور ڪڻي اچجو. پر انهن مان چار ئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا هئا ۽ چئن ئي کي صرف بدن تي به ڪپڙا کڻي اچڻ جي اجازت ملي هئي. ان ڪري منهنجا ڪتاب مونکان هميشه

ڀرئين ۽ ٻئي ماڙي تي بيٺل ساهيڙين ڏانهن اُڇلائي رهي هئي ۽ سندس ساهيڙيون گلال سان ڀريل ڏول مٿان اُڇلائي رهيون هيون. اوچتو زور زور سان دروازو کڙڪيو. ڪل ڪل ۾ اَميءَ ڀريان کڙڪا ٿيڻ ۾ ئي ڪين آندا. نيٺ دروازي تي زوردار ٺوڪ لڳو ۽ اَمي در ڏانهن ڊوڙي. ٻابا چاچيءَ تي هٿ رکي اندر گهڙيو. بس، سڀ ڏينهن ٻئي ڊاڪٽر آيا ۽ ويا. ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ٿمون اندر ڪمري ۾ وياسين. ٻابا جي سڄي بدن تي هئڊ ۽ جاڙ مڪمل هئي. نرس ڪيس منع ڪئي پر ٻابا اُٿي ويٺو. ٻارهن ورهين جي عمر واري ٿمي جي مٿي تي هٿ رکي چيائين، ”پٽ! مان وڃان ٿو. سيٺئي ڀائر ڀينر توکان ننڍا آهن. تون اُنهنکي ائين سنڀالج جيئن تون ئي اُنهنجو پيءُ آهين.“

منهنجي مٿي تي هٿ رکي پوءِ مونکي ڀاڪر پاتائين ۽ چيائين، ”ٿمون ماءُ تي ويو آهي. سندس دل ڪومل ۽ ڪمزور آهي. تون ٻهادر ٿج. ڀاءُ کي هر هڪ ڳالهه ۾ مدد ڪج. ننڍن ڀائرن ڀينرن کي پاڙهڻ جو ذمو تو تي آهي. هاڻي توهين ٻئي ٻاهر وڃو نه ته منهنجا پراڻ ويندا ئي ڪين.“

ائين چئي هو اکيون ٻوري ليٽي پيو. اَسين ٻئي اَهڙا هراسجي ويا هئاسين جو ٿمي جون اکيون ڦاٽي ويئون هيون ۽ مان ائين سمجهي رهي هيس جڻ هلي نه پئي سگهان. اسين ڪمري کان ٻاهر آياسين ۽ پٺيان اَميءَ جي دردڀري اوڇنگار ٻڌي سين. ورانڊي ۾ روئندڙ ڇهن مهنن جي ننڍي ڀاءُ نارائڻ کي هنج ۾ کڻي مان اَڱڻ ۾ هلي آيس پر روڊن نه رڳو منهنجن ڪنن ۾ هو، پر اُو منهنجي سيني ۾ پڻ هلي آيو هو.

مؤت جي ڌهڪائيندڙ روپ سان اِها منهنجي پهرين ملاقات هئي. اُن کان پوءِ ١٩٤٣ ۾ منهنجي ڀيڻ گذاري ويئي. هوءَ ٿنهن وقت منهنجيءَ گود ۾ ئي هئي. مؤت روپي پڪيءَ

ڏاڍو ٻه سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح هن چپ بند ڪري ڇڏيو. آئين ٿي "هندواسيءَ" جو ساٿ نه مونکان ڇڏائجي ويو پر پنا منهنجا هميشه جا ساٿي بڻجي پيا.

لکڻ مهل جي ڪچا ڦڪا خيال نوٽ ڪڍندي آهيان ته پنا ڇڻ ضايع ڪندي آهيان. وڏا وڏا اکر رهڙيندي ويندي آهيان. پر جڏهين سڄو ٻيو مضمون يا آکاڻي لکڻ ويهندي آهيان تڏهين صاف سٿرو اڇو ۽ لسو پنو کڻندي آهيان. ليڪن واري يا ميري گهنجيل پني تي منهنجو خيال ٻوڙي نه سگهندو آهي. لکڻ مهل ويهڻ جي ڀڻ هڪ مقرر ٿيل جڳهه اٿم. جڳهه بدلجي ته من لکڻ ۾ ٽڪندو ٿي نه اٿم. هونئن لکڻ مهل سامهون ڀانت جي بنهه پرواهه نه ڪندي آهيان، ڀل پيو گوڙ ٿئي، مان پنهنجو چت يڪ ٽڪ لکڻ ۾ لڳائي سگهندي آهيان، بشرطيڪ مون سان ڪو اُن وقت دو بدو نه ڳالهائي يا سوال پڇي.

منهنجو نانو ڀاونداس واسواڻي ماستر هو. منهنجو پتا ڊائري رکندو هو جنهن ۾ پنهنجن ڀائرن مان هڪ هڪ جو وهنوار ۽ چرڙ به لکندو ويندو هو. پر دوستن يا عزيزن خويشن جو احوال به لکي رکندو هو. شايد ٻنهي جو گڏيل ورثو مليل اٿم جو پاڙهڻ ۽ سمجهائڻ جي عادت به منهنجي شخصيت ۾ سمايل آهي ۽ مان گڏوگڏ ماسترياڻي ۽ ليکڪا بڻجي پئي رهي آهيان.

ڪتاب ۽ پنا اٿلائيندي اٿلائيندي ڪڏهين ڪڏهين زندگيءَ جا پنا پڻ اٿلائجن ٿا. اُن وقت گذريل زماني ۾ وري جيئڻ شروع ڪجي ٿو. جيئن مان هينئر هنن پنن ۾ جيئي آئي آهيان.

جڏهين منهنجو پتا گذاري ويو، مان پورن ڏهن سالن جي به ڪين هيس. چٽيءَ طرح ياد اٿم:-

هوليءَ جو ڏينهن هو. اسانجو گهر هيٺ گرائونڊ فلور تي هو. اُمي، ڏول مان رنگين پاڻيءَ جون پڇڪاريون ڀري مٿي

جي ڦٽڪار مونکي وري لڙائي ڪرڻ لاءِ اُڀاريو ۽ مون ڪال ڪي ڳوهي ڏيئي ئي ورتي! اندر بدن ڪهڙو نه هجي ٻاهران نه رنوويشن ٿيل لڳي ٿو نه؟ ۽ مون ڪونج نه لکيو:

مونکي پڻ ڪش سمجهي
سيون ٽنبيندا ويا
ڪورين جا پترا اپترا ڏسيائون
جو انهن جي ڊيگهه
هر دوار جي پنڊن
۽ ڳوٺ جي واٽين
جي ٻنڊين کي به شهه ڏيئي وئي.
جيئن فرنيچر جي مرامت ڪرائبي آهي
نه ڪرسيءَ يا ٽيبل جي ڀڳل ٽنگ ڪوي
ٺڪين وجهندا آهن
ائين هنن منهنجن عضون کي
ڪٽيو ۽ ڳنڍيو
پوءِ
انهن جي جڳهه انهن مٽايائون
جيئن ڪمري ۾ وزندار سامان
هڪ ڪنڊ کان ڪڍي ٻيءَ ۾ رکبو آهي.

بدن مان رت
۽ ڪيسي مان پئسا
ڦري
هر طرح ڪمزور بڻائي
مونکي اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
چي:
اسان توکي رنوويٽ ڪيو آهي
هاڻ
تون اهو رنوويشن ڪيستائين ٿي هلائين
اهو توتي ئي مدار آهي

جا پَرَ سنڌس ڇهري تي ڦڙڦڙائيندا مون ڏٺا هئا. ١٩٧١ ۾ جڏهين منهنجي امي گذاري ويئي تڏهين به سنڌس جيون جي چراغ جي ٻجهندڙ لاٽ پنهنجين اکين سان ڏٺي هئم ۽ جڏهين منهنجو ڀاءُ حشوُ هليو رهيو تڏهين مرليوءَ جي اونداهي پاڇي اڳيان کيس سسڪندو ڏٺو هوم. (ڌمون لنڊن ۾ ئي گذاري ويو هو.)

خبر ناهي ٻين جي مرليوءَ سان ڪهڙي واقفيت آهي پر مان انهن ئي سمجهان ته پنهنجن ويجهن ۽ پيارن جي هميشه لاءِ وڇڙڻ بعد اسانجي دل جي حالت ساڳي نه ٿي رهي. آتما امر آهي ۽ ديهه فاني، اهي گفتا پڙهيا ۽ ٻڌايا اٿم، سمجهيا ۽ سمجهايا اٿم پر جڏهين پنهنجي محل ۾ رهندڙ شهزادا ابدي ننڊ ۾ سمهي ٿا پون، جڏهين پنهنجي هار جا آبدار موتي ڇڄي ڳم ٿي ٿا وڃن، جڏهين پنهنجي باغ جا سڳنڌي گل اوچتو مرجهائجي ٿا وڃن يا جڏهين پنهنجي ئي اکيڙي مان به ڇهڪندڙ پکيڙا اڏري ٿا وڃن تڏهين هڪ عجيب اداسي من کي وڪوڙي ٿي وڃي!

وقت آيو جڏهين اهو موت روپي پکي مون مٿان پر اڏڻ لڳو. پر مون کلي انهي اڏائي ڪڍيو. ٽن سالن بعد اهو وري آيو ۽ مونکي نهايت گهڻو تنگ ڪرڻ لڳو. نراس نه مان نه ٿيندي آهيان، نه ٿي ڊڄندي آهيان. پر هن ڀيري شريرڪ پيڙا ڪجهه زياده ٿي هئي. مونکي صرف هڪ ئي خيال پئي ستايو - اپاهج ٿيڻ جي زندگي ڪيئن گذاربي؟ اسپتالن جا چڪر، ڊاڪٽرن جا ڇهرا، دوائن جون شيشيون ۽ گورين جا ڍيرا انترا ۽ اهڙا آهن اڄ ڪالهه، جو بدن جي تڪليف انهن جي پل پلٽيان ۾ ئي پٺڪندي ويندي آهي.

هن ڀيري موت مون سان خوب چڪري ڪاڏي. هڪ ٻه دفعو ته مون هار مڃي پنهنجا هٿيار ڦٽا به ڪيا ۽ آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر عين وقت تي منهنجي هوش ۽ حوصلي

ڀڄاءِ. اسان ساڳي ٽالهيءَ ۾ ڪاڏو آهي - پيڻ!" ۽ اميءَ کي ڪاغذ ڦاڙيندا پيا ڇاڪاڻ ته پئسن ڪاڻ ڪنهن کي جيل موڪلڻ هڪ عورت جي شان وٽان نه هو. ان ڏينهن جا ماڻ ۽ ماپ ئي نرالا هئا.

جهان ڇڏڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ، منهنجي پيءُ اڳيان شڪارپوري سيٺ وچن ڏنو ته هو جلد ئي منهنجي ماءُ کي ورتل پئسا واپس ڪندو، پر ڏيڻ وارو شخص هليو ويو ته وٺڻ وارو ڪنهن جي پرواهه ڪري؟

پس هڪ ڏينهن اڳ ۾ اسانجي گهر ۾ پٺيوالا ۽ آيائون هيون ۽ ٻئي ڏينهن اسين وڃي ٽرين ۾ ويٺاسين!

اسين، امي ۽ ٻار ڪل اٺ ڄڻا هئاسين. اميءَ جي عمر ان وقت ٻٽيهه سال هئي. سياويڪ هوءَ نهايت گهٻرايل ۽ دکي هئي. ڪراچيءَ جو تياڳ ڪري هوءَ پنهنجن ٻچڙن ۾ حيدرآباد هلي آئي.

پنهنجيءَ پيڻ کي پئسن تي وياج تي هلڻ جو آسرو ڏيئي منهنجي مامي ڪيس صلاح ڏني ته هوءَ پنهنجا مٽيا وڪڻي پئسا سندس دوست وٽ وياج تي رکي. ان ڏينهن ۾ زالون سونا زيور پٽل جي دٻلن ۾ رکنديون هيون. اميءَ پنهنجا مٽين سان ڀريل دٻلا وڪڻي ڇڏيا! هس ۽ هار، ڦلهون ۽ جهومڪ، ڳن ۽ ڇلا، منڊيون ۽ ٻانهن - پٽا، نٿون ۽ ٻولا، جي ٻابا ڪيس ٺهرائي ڏنا هئا، انهن کي وڇوڙيءَ جا ڏنگ سمجهي هن نيڪال ڪري ڇڏيا ۽ پئسا ڀاءُ جي دوست وٽ وياج تي رکيائين. پر ان شخص جلد ئي ڏيوالو ڪڍيو. ٻين سان گڏ هڪ بيواهه جا پئسا غرق ٿي ويا.

مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي وٺي امي ان شخص، جنهنجو نالو ريواچند ٽڏاڻي هو، وٽ هلي ۽ نيزاريءَ سان چيائين، "منهنجا ٻار تمام ننڍا آهن. پئسا ڄڻ انهن ڳڻن جي گاهه برابر

ورق ٻيون

حالتن ئي موکي سيکاريو آهي

”زماني جي ڌڪن ئي آهي سيکاريو ته ڪئين هلجي
سهي چوٽن تي چوٽون عاقبت هشيار ٿي پياسين“
— موتي پرڪاش

منهنجو پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. سنڌ جي شهرن ۾ سندس بدلي ٿيندي رهندي هئي. سکر ۽ شڪارپور بعد سندس ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي جتي هڪ شڪارپوري سيٺ جي مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳاسين. سيٺ پاڻ مٿي رهندو هو. انهن بابا جي سيٺ سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي ۽ بابا کيس ڏهه هزار رپيا اڌارا ڏنا.

بابا کي ڪاٻه علت ڪين هئي. منهنجا چاچا پتو کيڏندا هئا ۽ بيڙي ڇڪيندا هئا پر بابا نه پاڻ پتو کيڏندو هو ۽ نه اسان کي کيڏڻ ڏيندو هو. هن ۾ بس هڪ ئي اوڳڻ هو، جو هو پئسا وياج تي اڌارا ڏيڻ.

هنجي ان اوڳڻ ڪري ئي اسان سندس وڃڻ بعد ڏاڍو ڀوڳيو. سندس هڪ دوست تاراچند ٽالسي هو. ٻنهي گڏجي مليرـ ڊرگ روڊ پاسي ڪئين ايڪڙن ۾ ڦهليل پٽ ورتو هو. تاراچند کي به بابا اڌارا پئسا ڏنا هئا جي هو واپس ڏيئي نه سگهيو ته پاڻ وارو پٽ به بابا کي لکي ڏنو هئائين. بابا جي گذاري وڃڻ بعد هن ٺڳي ڪري ٻئي ڪنهن کي پٽ وڪڻي پئسا ورتا. ڳالهه کلي پوڻ تي جڏهن پوليس انکي پڪڙيو ۽ هنکي حيدرآباد ۾ اميءَ جي سامهون آچي ڪڙو ڪمائون لڌائين هو اميءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ ليلائي چوائين، ”موکي

ڀرڻا آهن ۽ هميشه ٻه گهڙيون ٻانهن سان ٻلائون ڀرڻو پوندو.

مون نوڪريءَ لاءِ "ها" ڪين ڪئي. هونئن ته مان هميشه اَڇي ساڙهي ئي پهريندي هيس پر هينئن ٻين جي مرضيءَ موجب ڪپڙا پهرڻ جو حڪم مونکي ڪين وڻيو.

منهنجي اسڪول ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول ۾ ساليانو جلسو هو جتي مون جُتيڪا ري جو گيت ڳايو "ڪل ڪي سپني آج ڀي آنا ......" بس مونکي پنهنجي ئي اسڪول ۾ "ميوزڪ ٽيچر" جي نوڪري ملي ويئي!

ڪن مهينن بعد اسڪول ۾ سنڌ جو تعليمي وزير پير اِلاهي بخش اچڻو هو. تعليم کاتي، ماسترن جو پگهار وڌائي ڏيڻ جو حڪم ڪيو هو پر اَسانجي اسڪول جا مالڪار پئسا نه هئڻ جو عذر ڏيئي اسانکي جهوني اسڪيل موجب ئي پگهار ڏيندا هئا.

وزير جي آمد جو ٻڌي ماسترياڻين (ٻه ماستر ۽ ارڙهن ماسترياڻيون هيونسين) ۾ هلچل مچي ويئي. صلاحون ٿيون، ميٽنگون ڪيون ويون، ميمورنڊم لکيا ويا پر پرنسپال جي سامهون وزير کي اهو ميمورنڊم ڏئي ڪير؟ نيٺ مون اِن ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پر مون چيو ته مان وزير سان ڳالهائينديس. ميمورنڊم ته پوءِ به موڪلي سگهجي ٿو. ڪنهن کي به اعتبار نه پيو اچي ته مان ائين ڪري سگهنديس. ماستر ڪيمچند مون سان شرط رکي "تون ڳالهائي سگهين ته پنج روپيه ڏيندو سانءِ ۽ نه ڳالهائيءَ ته ڏهه روپيه وٺندو سانءِ."

هيڊ مسترياس کي ڪڙڪ پئجي ويئي. هن مونکي چيو ته وزير جي اچڻ واري ڏينهن ميوزڪ پيرڊس ڪونه ٿيندا، تون ان ڪري تنهنجي اچڻ جو ضرور ڪونهي." پر اسڪول جي بلڊنگ ۾ اچڻ کان منع ناهي ته ڪير ڪري نه ٿو سگهي. مان اسڪول هلي آيس ۽ ڪامن روم ۾ ويهي رهيس. ڪلاسن جو

هُئا. مهرباني ڪري سڀ پئسا نه، ته ٿورا ڪجهه ئي واپس ڪريو."

هن شخص نهايت بيپرواهيءَ سان چيو، "گهڻن کي گاهه نه سڀ کارائيندا آهن. تون وڃي گاهه جو ڪٿان بندوبست ڪر." اِهو ٻڌي اَمي سراپجي ويئي ۽ منهنجو ڀاءُ روئڻ لڳو. اُن شخص جي ڪٺورتا ڏسي منهنجي من جو هڪ حصو پڻ نهايت سخت ۽ ڪٺور ٿجي پيو.

اُن آزمودي بعد اسانجي گهر مان ڪوبه ڪنهنکي پئسا اُڌارا نه ڏيندو آهي. مان نه هر آدميءَ جي شرافت ۽ اِنسانيت جي ماپ تور پئسي ڏيڻ وٺڻ سان ئي ڪندي آهيان.

منهنجا ڀائر ۽ ڀينر جنکي ٻه ٻه پنيوالا هنج ۾ کڻي گهمائيندا هئا سي اوچتو ئي اوچتو اَٻالا ٿجي پيا. مونکي منهنجو "بابا" سڪيلڌي ڌيءُ جيان ئي بيحد گهڻو پيار ڪندو هو ۽ حيدرآباد ۾ اچي اسڪول ۾ پڙهڻ سان گڏوگڏ مان ٽريننگ ڪاليج ۾ ماستريائي ٿيڻ جي سکيا به وٺڻ لڳيس. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان اڳ ئي مون ٽيوشنس ڏيڻ شروع ڪيون.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان اَڳ ئي مونکي ڪمائڻو هو. مئٽرڪ پاس ڪري اَمي هڪ رشتيدار وٽ وٺي هلي ۽ اُنکي هٿ جوڙي چيائين، "هن کي ميونسپل اسڪول ۾ ماستري وٺي ڏيو."

مونکي بيحد گهڻو غصو آيو. اُن وقت نه سوُر اچي ويس پر گهر اچي مون ڏاڍو گوڙ ڪيو. مون چيو ته "هٿ جوڙڻ سان ڪم مليو ته اُهو ڪم مان ڪڏهين به نه ڪنديس."

مون سباڻيءَ ئي سبڻ شروع ڪيو ۽ ٽيوشن ڏيڻ لڳيس. ٻه ٻه درجا گڏ ڪٽڻ ڪري مون چوڏهن ورهين ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. هڪ هنڌ درخواست وڌم ۽ انٽرويو لاءِ سڏ ٿيو. اُتي چيائون ته اسڪول آدرشي آهي' ان ڪري اُڇا ۽ سادا ڪپڙا

منهنجا ڪپاٽ کلي ويا!

ساڌو واسواڻي وڏوڏا جي ناياب خزاني جو مالڪ هو. "يوگ معنيٰ ميلاپ، انگريزي لفظ يونين، ٻڌڻ جي ڳڇيءَ مٿان يوڪ (Yoke)، ٻج ڌاتو آهي - جنهن مان گريڪ لفظ هيءَ آهي وغيره ٻڌائي، لفظن جو اتهاس، لفظن جو اَصلي اَرٿ، ٻين ٻولين ۾ بدليل معنيٰ، لفظ جي مسافري، گيتا ۾ ان لفظ جي ٻين لفظن جي وچ ۾ اَهميت، سڀ سمجهائيندو هو. ڪلاس ۾ ٻهراين ڏهه شاگرد ياٺيون هوندسين، پوءِ وڃي صرف ٻي ٽي رهندسين پر هوُ ساڳئي ئي اُتساهه سان سکيا ڏيندو هو.

جنهن چيز منهنجي هردي جي ساز کي لرزش ۾ آندو سي هئا گيتا جا لفظ:- پرم تپ! "اُتشٺهه! جاڳرتهه" (هي اَرجن! مها تپسوي! اُٿ! جاڳ!)

ساڌو واسواڻيءَ جو آواز ڪومل ۽ مٺو هو پر جڏهين ساڃي هٿ جي آڱر سان اشارو ڪري وري چوندو هو اُتشٺهه! جاڳرتهه! تڏهين ان آواز ۾ للڪار هوندي هئي. پراچين ڀارت جي رشين جي للڪار - غفلت تياڳڻ لاءِ هر سچيت آدميءَ جي غافل کي للڪار! انهن لفظن جي گونج منهنجي هردي ۾ هردم پيئي وڄندي هئي!

صبوح سويل ڏارن ڀري آڪاش جي هيٺان اَڱڻ ۾ هوَن ڀاري ساڌو سنتن پرارٿنا ڪندو هو: اَستوما سد گميه تمسو ماجيو تر گميه ......

سنسڪرت ڀاشا جي شبدن جي اها ڌوَني منهنجي سرير جي هر هڪ رڳ کي سوري لرزائيندي هئي ۽ مون پڪو نشچيه ڪيو ته سنسڪرت سکي اهو سڀ پڙهجي جو منهنجي اندر کي جاڳائي. پر ڪيئن سکان؟ ڪٿان سکان؟

خوشنصيبان ميران اسڪول وارن ڇوڪرن لاءِ ميران ڪاليج کوليو. ساڌو واسواڻيءَ جو متر هو پنڊت مدن موهن مالويه، سو

چڪر لڳائيندي مون وزير کي ڏٺو ته اڳيان وڌي ويس "سائين! ڪجهه ٻڌندا؟" هيڊ مسٽريس جو منهن ٽامڙي ٿي ويو. پر وزير هڪدم پٺيان ڪنڌ ورائي چيو، "چڱو، اوهان کي ڇا چوڻو آهي؟"

وزير جي وڃڻ بعد هيڊ مسٽريس مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مون سان مسٽر ڪيمچند به گڏجي هليو. هو ڄاڻن شايد ٻيو ڪجهه ٿيو ها پر هن محسوس ڪيو ته مون سان سڀ ٽيچرس شامل آهن. هن ڪڙڪ آواز ۾ چيو: "حساب ڪتاب ڄاڻين؟ ٻجيٽ ٺاهڻ ايندي هجيئي ته هتان فائيل کڻ ۽ وڃي ساليانو ٻجيٽ ٺاهه."

حساب؟ مان مئٿميٽڪس ۾ ته هميشه ناپاس ٿيندي هيس. انگ اکر ڏسي اڄ به منهنجو مٿو چڪرائيندو آهي. حساب ڪتاب جو نالو ٻڌي منهنجون ٻيئون ئي منجهي وينديون آهن. مون ڪيمچند ڏانهن نهاريو. هن اُماڪ چيو "کڻو فائيل؟ مان ٿو ٻجيٽ تيار ڪريان."

هن ٻجيٽ تيار ڪئي ۽ مهني بعد ئي اسانجو پگهار سٺيتاليهن مان وڌي ڇهانوي روپيا ٿي ويو! ٿورن ڏينهن بعد اسانجي هيڊ مسٽريس ڇهن هفتن لاءِ ٻمئي ويئي ته اسڪول جي ائڪٽنگ هيڊ مسٽريس مونکي بڻائي ويئي جيتوڻيڪ مان سڀني ۾ جونيئر هيس!

اسانجي اسڪول ۾ سنسڪرت وشيه پاڙهڻ جو بندوبست هو پر مون مٽرڪ لائين پرشن ڪئي هئي. اسڪول ۾ هندي به سيکاريندا هئا ۽ هڪ ڌرمشت دادي گرمکي پڻ سيکاريندي هئي. گرسنگت ۾ شام جو ماستر پرمانند گرمکيءَ جا ڪلاس هلائيندو هو جنهن ۾ امتحان ورتا ويندا هئا. ننڍي هوندي ئي مون گرمکيءَ جا امتحان ڏيئي ٻاون اکري ۽ پنج گرنٿي وغيره پڙهي هئي. پر جڏهين ساڌو واسواڻي وٽ اسپيشل گيتا ڪلاس ۾ ويس تڏهين سنسڪرت ڀاشا جي خزاني کي ڏسي

۾ سنسڪرت جا پيريڊس اٽينڊ نه ڪريان. مان پروفيسر ٻنهي جا ڪي وينتي ڪري ونس سنسڪرت پڙهڻ لاءِ ويندو هئس.

مئنيجر هڪدم ڇڙٻ وجائي ۽ چيو ته ”ٻيون ڇوڪريون چپ آهن رڳو تون ئي ئي گوڙ ڪرين. بهتر آهي ته تون ڪاليج ڇڏي وڃين!“

مان ڏاڪڻ لهي آيس ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ پڙهڻ لڳس.

جهٽوٽيڪ لائين ڪرڻ پهاڙ سان مٿو ٽڪرائڻ مثل هو. ڇاڪاڻ ته بنارس يونيورسٽيءَ ۾ هندي ۽ سنسڪرت جو اسٽنڊرڊ تمام اوچو هو.

شاگردن سان هميشه ظلم ٿيندو رهندو آهي ۽ مريادا جي صدقي هنن کي هميشه چپ رهڻو پوندو آهي. مون کي اهڙي مريادا کان نفرت آهي. هندستان ۾ اسڪول ۽ ڪاليج بانيڪارن جا ڪارخانا بڻجي پيا آهن، ڇاڪاڻ ته شاگردن ۽ ماسترن کي مريادا جو واسطو پيل آهي. اسانجا نوجوان ڪارخاني مان نڪرندڙ جوراب ۽ رومال بڻجي ويجان ۽ نراتساهه ٿيل آهن، ڇاڪاڻ ته ڪين مريادا سان نڀاهڻو آهي!

ٻمبئي ۾ آياسين ته سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ ماستريائي ٿيس. هڪڙي آڪاٽي لکيم جنهن ۾ هڪ پئراگراف ۾ لکيل هو ته ”اسڪول جي ماستريائي اهائي ٿي بڻجي جنهنجي ڪنهن سبب شادي نه ٿي سگهي آهي، يا ته هوءَ وڌوا بڻجي پيئي آهي ۽ يا ته هوءَ ماتا نه ٿي آهي. ان ڪري هوءَ ننڍڙن ٻارڙن جي نازڪ جذبات کي سمجهڻ کان قاصر آهي.

اسڪول جي پرنسپال جي هڪ وڌوا مائٽياڻي ماستريائي هئي. هن پرنسپال کي پڙڪايو ۽ مونکي وائيس پرنسپال پاڻ وٽ گهرائي ڌمڪائيندڙ نوع ۾ چيو، ”توکي نوڪري ڪرڻي آهي يا نه؟“ مون ان ڌمڪيءَ جو پس منظر چڱيءَ پر جاتو ٿي. ڇاڪاڻ ته اُن ماستريائيءَ جي چوڻ تي لڳي ٽيچرس روم ۾

لکپڙهه هلائي ميران ڪاليج کي بنارس هندو يونيورسٽيءَ سان اَئفليئيٽ ڪيو ويو. ميران ڪاليج شام جو ۳ بجي کان ۷ بجي تائين هلندو هو جنهن ڪري مان صبوح جو ماستري ڪري، شام جو ڪاليج پڙهڻ لڳيس. شروعات ۾ ڪاليج ۾ اَسي ڇوڪرن داخلا ورتي پر پوءِ سڀ ڪاليج ڇڏي ويئون ۽ ٻن مهنن بعد ڪاليج بند ٿي ويو.

وري ٻئي سال ڪاليج کليو. هن دفعي صرف پنجويهه ڇوڪريون آيون. حيدرآباد نئشنل ڪاليج جا سڀ پروفيسر شيوا ڀاءُ سان ميران ڪاليج ۾ پاڙهڻ ايندا هئا. پر منجهائن صرف ٻه پروفيسر، انگريزيءَ جو پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي ۽ سنسڪرت جو پروفيسر نارائڻداس بنيجا ٿي ريگيولر هئا ۽ لڳن ۽ اُتساهه سان پاڙهيندا هئا.

اوچتو، خبر نه آهي ته ڇا ٿيو، نئشنل ڪاليج جي سڀني پروفيسرن ميران ڪاليج ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏيو!

هاڻي ميران ڪاليج جو مئنيجر، جو خود مئٽرڪ پاس هو، اَسانکي انگريزي پاڙهڻ لڳو ۽ سنسڪرت لاءِ چيائين ته پنڊت ڪالورام کان سنسڪرت پڙهو. ڪالورام کي انگريزي بنهه ڪين ايندي هئي ۽ اسانکي سنسڪرت انگريزي دوارا ٿي پڙهڻي هئي. ڪالورام کي ڪجهه سمجهائڻ ٻڌائڻ ته ڪونه ٿي آيو.

اَسان ڇهن ڄڻين سنسڪرت وشيه کنئي هئي. بنارس جي امتحانن ۾ ڪن سوالن جا جواب سنسڪرت ۾ ٿي ڏيڻا هئا. ويد ۽ اُپنشد اسانجي ڪورس ۾ هئا. ان حالت ۾ اهو ڪالورام ته اسانکي پاتال ۾ پهچائي ڇڏي ها!

مون مئنيجر کي عرض ڪيو ته پروفيسر بنيجا کي وٺي ڪري ڪيس واپس گهرايو پر مئنيجر مرڳو ئي ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته ڪاليج مئنيجمينٽ جي ڳالهه ۾ تنهنجو دخل ٺيڪ نه آهي. مون تنهن تي چيو ته مونکي موڪل ڏيو ته مان ڪاليج

ورق ٽيون

جوڳي جادو لڳائي ويا

"مون پوهه جي پاري ۾ پهاڙيءَ تي آيو
هڪ صبح، اُگهاڙو ڪو الله لوڪ ڏٺو
وسمه ۾ ڏسي مونکي، چيائين مرڪي
ڇو عشق جي ڪوري تي ڪونهي ٿو ڪپڙو؟"

— هري سدارنگاڻي

حيدرآباد ۾ هيرآباد ۾ اَسانکي پنهنجي جاءِ هئي پر نانيءَ چيو ته ننڍڙن ٻارن سان منهنجي ڌيءُ اَڪيلي ڪيئن وڃي رهندي؟ ان ڪري اسين سڀ گڏ رهڻ لڳاسين. هيئنر منهنجي ماسي پنهنجن ٽن ٻارن سان ۽ ماڙيءَ تي منهنجو مامو، سندس ٻه ٻار ۽ منهنجي ناني هڪ پاسي ۽ ٻئي پاسي اَمي ۽ اسين ست ٻار. منهنجو ماسڙ ڪوئيٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ منهنجي مامي گذر ڪري ويئي هئي. سڄي هيڏي ٻڙ جي وڻ جيئان ڦهليل پريوار کي منهنجو وڏو مامو (منهنجيءَ ماءُ جو مامو) گوپالداس پاليندو هو. هن شادي نه ڪئي هئي پر سندس ڌرمپتني گذاري ويئي هئي ۽ هن وري شادي نه ڪئي هئي.

مامو گوپالداس وڏو ٺيڪيدار هو. گڏو بندر واري اسپتال توڙي سول اسپتال ۾ هر هڪ چيز پهچائڻ جا ٺيڪا کڻندو هو. چولا، سٿڻون، روا، ڪوٽ، ڪمر، ميوو، ڏڌ، ڀاڄيون، گيهه سڀ ڪجهه ٻنهي اسپتالن لاءِ پهچائيندو هو. اَسانجي اَڱڻ ۾ ڪير جا مٽ پيا ڪڙهندا هئا، ڏڌ به مٽن ۾ ڄمايو ويندو هو، بافتي ململ جا سوين ٿانڪا ايندا هئا ۽ ڀاڄين ۽ ميون جا ٽوڪرا.

اَکم ٿي ڳوڙ ٿيو هو پر مون اَڻ ڄاڻ بڻجي کيس جواب ڏنو ته ”اوهين پنهنجي جملي کي واضح ڪريو.“ هن کي اُچا ته گهڻو غصو لڳو پر مون پنهنجي طلب پوري دهرائي چيو ته ”ڪارڻ سمجهڻ بعد ئي ته نوڪري ڪرڻ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪنديس. ان ڪري اوهين پنهنجو چيل جملو کولي سمجهايو.“

نوڪري ڪرڻي آهي يا نه. اُنجو فيصلو جڏهين هؤ مونکان پڇي رهيو هو، تڏهين هو مونکي ڌمڪائي ڪيئن ٿو سگهي؟ جڏهين منهنجي ڳالهائڻ مان نوڪري ڪرڻ جي مجبوري هؤ ڄاڻي نه سگهيو، تڏهين ڳالهائڻ جو رخ بدلي هن مون کي سمجهائڻ شروع ڪيو.

ان بعد اسڪول ۾ جنهن به ماسترياڻيءَ کي ڌمڪايو ويندو هئو ته هوءَ مون سان صلاح ڪرڻ ايندي هئي. ان جو اهو مطلب نه آهي ته مون ۾ ڄهڙي سياڻپ آهي، پر مان بالادست اڳيان پاڻ کي مجبور ۽ لاچار ڏيکارڻ بدران پاڻ ڄتائڻ جو طريقو اَپنائڻ جي ٿي فائدي ۾ آهيان. جنهن وقت بالادست زيردست جي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ ٿو چاهي تنهن وقت ڊپجي هيٺ ٿيڻ بدران ليڪڻي د نلپ وانگر ڦڻدي مٿي ٿي بيهجي. چاڪاڻ ته پگهار اسان کي پنهنجي ڪم جي اُجوري جي روپ ۾ ٿي ملي ٿو. ان ڪري پيچ لوڏڻ جي ڪاب ضرورت ڪينهي. چوڌاري نظر ورائبي ته ڏسبو ته سيدي پراڻين جي پٺيءَ جو ڪندو ڪنهن نه ڪنهن نموني ٽمبل يا وريل آهي. هڪ انسان ئي آهي جنهن جي سڌي ڪنڌي جو ڇيڙو آڪاش ڏانهن اشارو ڪري ٿو، اهڙو بلند مايه ناز انسان ڪنهنجي پيرن ڏانهن ڇو نهاري؟

ويندا ها گولين راند ڪري پڪار ڪندا - ”سچ!“ نوار جي کٽن تي ٽپ ٽپ ڏيا ڪندا هئاسين، پينگهي ۾ لڏي ”سڀ کان سهڻي ساراهه - قدرت وارا“ ڳائي، ڪراچي ۽ سکر اسٽيشنن کي پاڻ وٽ گهرائي ”هندو پاڻي! مسلمان پاڻي!“ جا هوڪا ڏيندا هئاسين. ڏوڏا ۽ ٻيڙن جا بسڪوٽ جهولن ۾ ڀري وڏي خزاني جا مالڪ بڻجندا هئاسين. هڪ ٻئي سان اوڻي ڪري پوءِ ”چٽينس نه...“ ڪري ساڻس ڳالهائيندا هئاسين ۽ پڳڙا ڪُٽي اُن ۾ کنڊ وجهي، ان سان واٽ ڀري پوءِ ”پڦي“ چٽي ڪلندا هئاسين! ڇوڪريون راند ڪن ”اَنم آءِ آئوٽ؟“ نه ڇوڪرا منجهائين ۽ جي ڇوڪرا راند ڪن ”لٽن - مون - ڪٽ - آر - بانمريس“ نه ڇوڪريون منجهائين. پوءِ گڏجي راند ڪريون ”اسين ٻئر ڇونڊ اُچون ٽا ...... اُچون ٽا ...... اُچون ٽا -“

نوڪر ڪاڏي ڪاڻ لاءِ پيا سڏ ڪن، مائر پٽون ڏيون ڪين نه وڃي ٻاهر راند ڪريو، پر اسين پنهنجن جهيڙن ۾ ئي پورا نه تو مونکي ڇري ڇو ڇيو ۽ هن مونکي چور ڇو سڏيو؟ موڪل ملي نه مائر اَصل ڪڪ. ڪنهنکي ”هوم“ ۾ ويهارڻ جي ڌمڪي نه ڪنهنکي زوردار ٺڦڙ. پر اسانجي ”ٽٽيا ٽٽيا“ ۾ ڪمي اچي ئي ڇو ٿي؟

ٻارن ۾ مائرن جا ڪم ٻه اَنيڪ پوندا هئا. پاڻ ڪڏ ٿي سڪڻ وجهي اَچو، پنجل مودي کي چٽي اَچو نه ڏهه سير اٽو موڪلي، پاڙي ۾ سيٺا کي قيمي جا سنبوسا ڏيئي اَچو، پڳل ٻيهن واري ڪان ڪٽورو ڪٽي انين آني جا ٻيهه وٺي اَچو، پسيءَ جو هوڪو پيو اچي، ٻيهار پوس، ڏڌڙي وٺي اَچو، .... ۽ اسين شرطائي چوندا هئاسين ”اندر نه ٽا اچون. تو ڇيو نه نه ٻاهر وڃ.“

وڏي مامي جي شخصيت عجيب نه نڊيو مامو ٻه عجيب. ٻنهي جون ڙالون مري ويئون هيون ۽ ٻنهي جو ڙالو ٻه ساڳيو.

ماما پاڻ صبح جو ليمن جو شربت پي ٻاهر نڪرندو هو ۽ وري شام جو دير سان گهر موٽندو هو. منجهند جو ٻوڏي پساريءَ وٽ گدرو ڇانهين کائيندو هو يا ڏوڏي ميوي واري وٽ ويهي سنگترا ۽ سردا خلاص ڪندو هو. ميوي سان سندس ڏاڍي دل هوندي هئي. گهر ۾ ڇانهين گدرن سان ڀريل انب گاڏيون، انبن سان ڀريل مٽ (سنڌ ۾ پاليل انب مٽن ۾ پچائبا هئا) مسمبين سنگترن جون ڳوٿيون موڪليندو هو. ڪوئٽا مان ٻه ماسيءَ وٽ تازيون باداميون ۽ تازا اکروٽ، زردالو ۽ آلوچا، توت ۽ شهتوت جهجهي انداز ۾ ايندا هئا.

ماما دسهڙي تي ٻاروت (ڦٽاڪن) جا ٽوڪرا وٺي ايندو هو. سندس نوڪر رام ڪرشن جو راجستاني هو، ٽي ڏينهن ساندهه شام جو اڱڻ ۾ اهو ٻاروت ٻاري ڏيکاريندو هو. پاڙي جا سڀ ٻار اسانجي گهر ۾ ايندا هئا. پوءِ ڦٽو پيو ته ٽاڙيون وڄيون، هوائي مٿي ويئي "شررر ...... جا آواز ٿيا، سر ڦٽ ڦٽ ڪئي ته اسان ڦيريون پائيون!

اڄوڪن ٻارن لاءِ ته مونکي ڏاڍو قياس ايندو آهي. اسانجي ڀيٽ ۾ نه انهن ڪجهه ڏٺو آهي نه ماڻيو آهي.

منهنجو وڏو ماسات هيرو لاهور ۾ واپار ڪندو هو ۽ منهنجون چار ماساتيون ڪاليج ۾ پڙهنديون. باقي اسين ڌمون، ديناناٿ، گوبند، هشو، مولي، نارائڻ، جانڪي، شانتي، ڪملا، سندري، ساوتري، گنگا ۽ مان سڀ ڏينهن پيا کيڏندا هئاسين. شرطون پچائڻ، پرولين سلڻ، گڏجي بيت چوڻ، اصل سڄو ڏينهن مستي، ڪيچل ۽ راند ۾ مگن رهندا هئاسين. ننڍڙا ڇوڪرا ريل ٺاهي هڪ ٻئي جي گهاگهري يا قميص پڪڙي هلندا، ٽورا وڏا ماچيس کي ڌاڳا ٻڌي هڪ ٻئي کي ٽيليفون ڪندا، ڇوڪريون رنگين پٽڪا "اپان ڪي ڀوريان، اپان کي ڀان" ڪنديون، ڇوڪرا نڪريءَ لاءِ ميهڻ وسارڻ ڳولهڻ

ڏريون هيون.

نانيءَ سان گڏ رهياسين ته مار کائڻ وقت ماسي ۽ ناني ٻئي ٻچائينديون هيون. هاڻ ته اميءَ سختيءَ ۽ پابنديءَ سان پالڻ شروع ڪيو. اميءَ جو حڪم هو ته صبح سوير اٿي ساڌو واسواڻيءَ جي ستسنگ يا گور سنگت ۾ وڃڻو آهي. اُتان ئي جيل واري روڊ تي پنڌ ڪرڻو آهي يا ڊوڙ پائڻي آهي. ائين جيڪو نه ڪندو تنهن کي نيرن نه ملندي.

۽ سنڌ ۾ نيرن ڪهڙي کبي هئي؟ سيئون پتاٽا، يا مالپڙا يا ڀيهون ۽ مٺان شربت يا انب ماني ۽ مٺان لسي، يا چانهه ۾ ڊبل روٽي.

اهڙين چيزن جو نالو ڇو کڻجي؟ پر اونهاري ۾ ته خير، سياري ۾ سوڙ مان نڪري هٿ منهن ڌوئڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو. تن ڏينهن ۾ واسواڻيءَ جو ستسنگ صبح سوير ساڍي پنجين بجي شروع ٿيندو هو. سو اسين ڇوڪريون ته ماءُ پٺيان ئي اٿي ستسنگ ۾ پهچي وينديون هيونسين، باقي اسانجن ڀائرن مان حشوُ سوير اٿي باغ مان گل پٽڻ هليو ويندو هو ۽ اُتان گور سنگت ۾ ڪڙاهه پرساد ورهائڻ وقت ڪڙاهه وٺي ٿالهي اچي ڏيندو هو ته هوُ گور سنگت ۾ ويو هو. ننڍو نارائڻ اميءَ جي اچڻ جو آواز ٻڌي سڌو سنان جاءِ ۾ پهچندو هو ۽ وڏي واڪي سان "ايڪو اوَنڪار ست نام......" چئي جپ صاحب پڙهڻ شروع ڪندو هو.

ستسنگ ۾ ساڌو ڏاڍيون سٺيون آکاڻيون ٻڌائيندو هو. سندس ڀاشڻ، مثالن ۽ جيونين سان نهايت دلچسپ لڳندو هو. جڏهين هوُ آکاڻيءَ جي ڪلائيميڪس تي اچي چوندو هو ته "اَڄ مان اِتي ڇاڏيو ٿو رکان." تڏهين من سسي ويندو هو ۽ ٻئي ڏينهن آکاڻيءَ جي انت ڄاڻڻ جي موهه، وچان ستسنگ ڏانهن ڀڄبو هو.

ٻئي پنهنجين سرڳواس ٽمل ڀٽنين کي ٻوجهندا هئا. ننڍو هنجي فوٽي کي روز ٽازن گلن جو هار پائيندو هو ۽ وڏو من ۾ ٽي من ڀر. اسين ننڍي کي گوپال ۽ وڏي کي "مامو" ڪري سڏيندا هئاسين. ننڍي جي زال مري وئي ته نوڪري ڇڏي آيو ۽ وڏو اڳي کان ڏهوڻو ڪم ڪرڻ لڳو. مامو جهڙو ٻروچ! ننڍي هوندي ٽنگ ۾ سوُر پوڻ ڪري، ڪنهن ڇڪي ٻٽي ٻڌي هيس، جنهن ڪري هڪ اک مٿان جوت هلي وئي هيس. سندس حجام مري ويو ته نه ٻئي حجام کان ڏاڙهي لهرايائين نه مٿي جا وار. هڪ اک تي ڪارو پٽو ٻڌل، پٺئي جو چولو، ڪاري صدري ۽ ڪلهي تي ڳاڙهي ڪنار وارو ترڪش ٽوال. ڪڏهين اَت هزار گلاب جا گل وٺي آيو ته گلاب پاڻي ۽ "ڏُٺاچو" (هڪ دفعو نڪتل گلاب پاڻيءَ ۾ وري گل وجهي ڪاڙهي گلاب پاڻي ڪڍيو هو ته اُن ۾ بيحد گهڻي سرهاڻ هوندي هئي، اُنکي "ڏٺاچو" سڏبو آهي جو شربت ۾ ڪم ايندو آهي پر اکين ۾ نه وجهبو آهي) ڪڍي ته ڪڏهين عرق جون سرهيون چيزون آڻي چوندو هو عرق ڪڍو. اسان وٽ ڪرنقل ٻارهوٺي چڙهيو پيو هوندو هو. ماڻهو چوندا هئا ته توهين عرق سان اَٽو ڳوهيندا آهيو يا گلاب پاڻيءَ سان؟ ايترو عرق يا گلاب پاڻي ڇا ڪندا؟ پر اسين اونهاري ۾ مٽي ۾ گلاب پاڻي اوتي اُنکي ٿڌو ڪندا هئاسين ۽ جنهن ٽهن بيماريءَ ۾ عرق پيئندا هئاسين.

اهڙي مٽل ميلي ۾ ٻالاپڻ گذاري اسين ٽورا وڏا ٿياسين ۽ پوءِ وڃي پنهنجيءَ جاءِ ۾ وهاسين. اُها جاءِ ساڌو واسواڻيءَ جي ستسنگ واري جهوني جاءِ جي لڳولڳ هئي. اُها جاءِ شري منگهمل ساڌوءَ کي دان ڪري ڇڏي هئي ۽ اُتي ٽي ميران اسڪول ٺهرايو ويو هو (جهونو- نئون پوءِ جيل جي اڳيان ٺهيو هو.) اُساڻجي ڪڏ واري پيٽ ۾ ساڌوُ واسواڻيءَ جي ڪمري جون

بابت. انهن ٽلسي، ميران، سُورداس، ڪبيرداس، نامديو، تڪارام، گيانيشور، سدنو ڪاسائي، وويڪانند، رام ڪرشن پرمهنس، چيتنيه ۽ ٻين جي جيون جا خاص واقعا ۽ آزمودا انهن بيان ڪندو هو، جن اسان سڀ ڏسون وينا. هر ڌرم ۽ هر گرنٿ مان مثال ڏيندو هو. اُنان جي نظمين ڌرم "ڀائي اَلله" بابت پڻ ڄاڻ هيس. بائيبل، قرآن، گيتا سڀني ۾ چيل گفتا اَرٿ سميت سمجهائيندو هو. سندس ڄاڻ ۽ اَڀياس جو ڪو ڪاٿو ئي نه هو. هُو سنسڪرت ۽ انگريزيءَ ۾ ماهر هو ۽ مهان ودوان هو. پوءِ به نمرتا ايتري هوندي هيس جو هڪ ننڍڙي ٻالڪا اڳيان جهڪي پوندو هو!

منهنجو بابا صبح جو سوير اُٿي بلند آواز سان ڀڄن ڳائيندو هو:

مُجهه اَنڌلي ڪي ٽيڪ تيرا نام خـنـدڪارا
مُجهه غريب مُجهه مسڪين تيرا نام هَي آڌارا....

يا

”سنتان ڪي ڪارج آپ کلويا ....“

۽ اَمي مرڻ گهڙيءَ تائين صبح سوير اُٿي پنهنجيءَ ماءُ جيان سکمنيءَ جو پاٺ ڪندي هئي. پر مون ڪڏهين نت نيم سان ڪنهن پستڪ جو پاٺ ڪين ڪيو. ڀڄن جي بيت ۾ مونکي ڪلام وڌيڪ وڻندا هئا ۽ وڏي ٿيڻ تي ”غـزل“ زبردست نموني ۾ موهيندو آهي.

پر ساڌُو واسواڻيءَ جي شخصيت مونکي فيلسوفيءَ ڏانهن مائل ڪيو. فيلسافي هال ۾ ليڪچر رکيا ويندا هئا، ڀائي پرتاپ جي مٽري يون ۾ هر جمع تي ڪٿ اُپنشد تي سوامي رنگناٿن جو وياکيان ٿيندو هو، هر سومر تي گور سنگت ۾ ماستر فتحچند گورن جي جيون جو ورڻن ڪندو هو ۽ هر ٻڌر تي سنتداس وڪيل گيتا جا اَڌياءَ سمجهائيندو هو. جيئن جيئن اُهي ٻڌم تيئن تيئن ٿي اڀياس وڌي.

ٽيري ٽيري ساڌوءَ جي اپديش جي ڪشش فيلسوفيءَ کي سمجهڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ سندس ليڪچر ٻڌڻ ٿي وري وري دل ٿيندي هئي. ساڌوءَ جي اکين ۾ الاهي نُور هو. اپديش ڏيڻ وقت سندس اکيون بند رهنديون هيون پر مشڪل وقت اُو کليل پونديون هيون. ڀاشڻ ۾ چرچا ۽ لطيفا به شامل هوندا هئا ته ڊائلاگس پڻ. ان ڪري ساڌوءَ جو ليڪچر نهايت وڻندڙ ٿي پوندو هو.

اونهاري ۾ اسين ڪُڏ ٿي سمهندا هئاسين. حيدرآباد جي انوکي چانڊني رات، چنبول پکيءَ جون ڪهوُن، ٻرهه ڦٽيءَ جي ٿڌي هوا ۽ ساڌوءَ جي ڪليل دريءَ مان سندس مڌر گيت جو آواز! هوُ هڪ هٿ جي آڱرين سان ٻئي هٿ جي آڱرين پنيان تال رکي ڳائيندو هو:

”نازڪ ڌاڳا نينهن جا وڃي ونيان
سنهڙا سڳڙا سٽ جا وڃي ونيان“

ڪڏهين اَڌ رات جو گيت ٻڌي اکيون کلي پونديون هيون. ”هيءُ ڪنهنکي ٿو سڏي؟ سندس ڪنهن سان نينهن آهي؟ ننڊ مان جاڳي ڇو ٿو پڪاري؟ ساڌوُ واسوانيءَ جي عجيب شخصيت هئي. ڏاڙهيءَ کانسواءِ گهڻ پدار ڪارا اڇا وار، سادو ڊگهو کاڌيءَ جو چولو، اڇو کاڌيءَ جو لنگوٽ ۽ پيرن ۾ چمپل. سندس اکيون بند هونديون به جڙ اندر پرنديون رهنديون هيون.

سندس اپديش هر هڪ لاءِ هو. ننڍڙن ٻارن لاءِ آکاڻيون، وڏن لاءِ فيلسوفي، گهڻيرن ماڻهن لاءِ ڳُوڙها ويچار، رواجي انسان لاءِ عمل ڪرڻ لائق چوٽيون وغيره وغيره. هوُ بلڪل سرل سادا لفظ ڪم آڻيندو هو پر ساڳي ڳالهه کي گهڻن نمونن سان سمجهائيندو هو. گهڻي ڀاڱي دنيا ڀر جي مهان هستين بابت ڳالهائيندو هو. ڪڏهين سنتن جي ڀڳتيءَ بابت ته ڪڏهين ڪرم يوگين جي ڪرم بابت، ڪڏهين پريم ۽ شرڌا بابت ته ڪڏهين آتم گيان

ورق چوٿون

اسين ڀائر ڀينر سڀئي ست ڄڻا

نظر سان ٿي جن ٿي ڪيا دُور ڏکڙا
اَلا! سي هليا ويا، ڪٿي ويا ٻهارون.

- اندر پوڄواڻي

اَمي چوندي هئي ته جڏهن سکر ۾ هئاسين تڏهين ٻه دفعا لون مٿان ڪڏ لان هيٺ ڪري پيئي هئين. جڏهين ٻيو ڀيرو مسلمان ڪنير گان منهنجو مُڙيل ٻير ۽ پڳل هڏو ٺهرائڻ وياسين، تڏهين هن ڇينڀيندي چيو ته نينگر نه ڪيو ته هتي ڇڏي وڃوس! مان ڪيئن پاليندس!

شڪارپور جي ته مونکي چٽي ياد آهي. اسان وٽ پاڙيءَ ۾ هڪ ڪم ڪندي هئي جا بزار ۾ ڀاڄي وٺڻ ويندي هئي ته ساڻس لڙڪي پوندي هئس. هڪ دفعي هوءَ مونکان ليئي ٿي ته پيٽي ۽ مان روئندي روئندي هلندي پيئي وڃان ته ٻن سلوار پهريندڙ شخصن مان هڪ، مونکي ڪڇي ورتو ۽ گڏهه تي وهاري ٻئي ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳا. مان ٿهائين وڌيڪ رڙيون ڪرڻ لڳيس، جي ٻڌي ڪجهه هندو جوان شايد ٻڌي پون ۽ اهي ڊوڙندا آيا. جت مونکي پٽ تي رکي ويٺي ڀڳا. جوان مونکي گهر ڪارايا ۽ پوءِ گهٽيءَ ۾ هوڪو ڏيندا هليا "هيءُ ٻار ڪنهن جو آهي؟" ڏکيءَ تي بيٺل اَميءَ اُماڪ ٻانهون وڌائي مونکي ڪڇي ورتو.

ڪراچيءَ ۾ مان ٻچي ماسيءَ جي اسڪول ۾ پڙهندي هئس. ٻچي ته اَلائي ڪير هئي پر منهنجي مسلمان ماستريائي

پر وري ساڌوءَ جي آواز جي گونج

اَستو ما سد گميہ
تمسو ما جيوتر گميہ
مرتيور ما امرتم گميہ

مونکي ڇڪيندي رهي. تارن سان ڀريل آڪاش، هؤن جي سگند، مٽي ويندڙ دونهون، شانتيءَ (ساڌوءَ واسواڻيءَ جي ننڍي شڪشيا) جو پوتر ڳاڙهو تيل چهرو ۽ ساڌوءَ جو مندر جي گهنڊ جهڙو مڌر آواز! ان آواز ۾ عشق جو خمار به هو ته ملڪ جي مڌرتا به سمايل هئي!

ساڌوءَ جي من ۾ وهندڙ گيان جي گنگا جي هڪ بوند منهنجي سيني جي سر (تلاءَ) ۾ ڪڏهين سمائجي ويئي سا خبر ڪين اٿم.

اَڇي ٿيو. هو نٿن ۾ بابا غصو گهٽو ڪندو هو. اسين ٻارڙي ۾ ٻ وڏا ٿياسين. ٻارڙيواريون رڌل ڪچيون چيزون ڪٽي هلي آيون. اَڌ مني ڪلاڪ اندر محفل لڳي ويئي. اِجهو ائين ٻارڙو اوڙو هڪ ٻئي کي ڪم ايندو هو. اُڌيءَ ڪٿيءَ هڪ ٻئي کان شيءِ گهرائي ونبي هئي. گهر ۾ شادي ٿئي، ته هين ۾ ٻارڙيوارا ئي ڪم ايندا هئا. ان ڪري ئي ته چوندا هئا "ٻارڙو اَبو اَما".

اَسين ست ٻار ڀيڻر هڪ ٻئي جيڏا هئاسين. ڏيڍ ٻوڏي ٻي سالين جو هڪ هڪ ۾ تفاوت. منهنجو وڏو ڀاءُ ڏمون، مونکان ڏيڍ سال وڏو ۽ مان ٻئي نمبر کان ٻوڏا ٻه سال وڏي. ان طرح واري سان جاوا هئاسين. ڀاءُ ڀيڻ، ڀاءُ ڀيڻ، ڀاءُ ڀيڻ ۽ ڀاءُ. ڏمون جهڙو ساڌُو! ڪڏهين ٻه ڪنهن سان جهڳڙو نه ڪيائين. ٻئنڪ ۾ هيڊ ڪئشر، سنڌو ۽ اسيٽلمينٽ ۾ اڪائونٽنٽ، هانگ ڪانگ جي فرم ۾ مئنيجر، پر ڪڏهين ٻه ڪنهنجي پائي ميري نه ڪيائين! هن جهڙا ٻيا جلدئي لکاپتي ٿـي ويا پر هن سائنٽيڪي سادي انسان کي خود سنڌس سنڌوءَ به اِنصافي اُجورو نه ڏنو.

منهنجو ٻيو نمبر ڀاءُ حشو، هر قسم جي ڪارن يا هلچل ۾ ٻهرو وٺندو هو. ڪسرتي آکاڙو هجي يا ٻهري ڏيڻ واري ٽولي، آزاديءَ جي هلچل جي ٻليٽن ڪيڏـي هجي يا ڪنهنکي مار ڏيڻي هجي، ڪاليج ۾ مدصوبورتي پروفيسر کي پٽائڻو هجي يا دوستاڻي محفل ۾ ڪا شرط پڄائڻي هجي، حشُو سڀني ڳالهين ۾ اڳرو هوندو هو.

شڪل شبيهه ٽوڙي عادت سڀاءَ ۾ ڏمون ۽ حشُو هڪ ٻئي جي صفا اُبتڙ هئا. ڏمي ڪڏهين ڪنهنکي هلڪي چماٽ ٻه نه هڻي، پر حشُو زبردست لڙاڪ هو. حيدرآباد ۾ چوڪرا پاڙ ۾ ۽ چوڪريون پاڙ ۾ ٻه - ٻه، ٽي - ٽي شام جو مين روڊ تي چلڻجي ڏکجي ٻڌ ڪرڻ نکرندا هئا. مارڪيٽ کان جيل ٽائين

مونکي سڏيندي هئي ”پيڻ ٺڪي!“ پيڻ! پيءُ کي نه چئجي نه ته ڏندڻ جون ڳوٺيون موڪلي ڏي.

اسانجي گهر جو پنيون اڱڻ سدائين ڏندڻ ۽ ڪوهن جي ڳوٺين سان ڀريل رهندو هو. ڀلا ٻيلن مان ڇا نه ملي؟ ماکيءَ سان ڀريل ڏيا، سڄي گيهه سان ڀريل ڇاڏيون، مکڻ جون ٽالهيون ۽ ڪونئر! اڱڻين اڱڻ ۾ شڪار ۾ ماريل پکين ۽ ٻدڪن جون قطارون نوڙيءَ ۾ ٽنگيل رهنديون هيون.

اسين ٻار سڀ ڀتڪڙا، ٻوءِ ڪائي ڪير؟ دوست، پاڙيوارا، مٽ مائٽ حجت رکي شيون کڻي يا کڻائي ويندا هئا. اُنئي مينگهي! ٽاڙي ماکي آئي اُنئي ڇا؟ شيشو کڻي آئي آهيان ڀري ڪري ڏجانءِ.“ ”اُئي اج ڪوئلن جا به اُت اچي لٿا هيئه، مٺي منهنجي ڪوئلن واري ڀور ڪري مڪي آهي، ڳوڻ کڻائي ٿي وڃانءِ.“

سنڌ ۾ نه ماڻهن جون دليون نهايت وڏيون ۽ ڪشاديون هونديون هيون. پاڙيوارن کي به هميشه مٽن مائٽن ۾ ڳڻبو هو. هتي نه پنهنجي ماءُ ۽ پيڻ کي به پرائو سمجهي گهر ڪسان ٻري ٽا رکن!

اڳ گڏيل ڪٽنب ۾ دليون ڀريل ۽ ڪم جي ورهاست نه هوندي ٿي هئي. نه رڳو وڏا ننڍا ان ڏاک جي ڇڳي ۾ ڳنڍيل رهندا هئا، بلڪ پريان مٽ مائٽ به پنهنجائي ڳڻبا هئا. جيون جو رس ننڍڙن ننڍڙن ڳالهين ۾ ئي نه رهندو آهي. وڏيون ڳالهيون نه موقعي سارو آهيون ۽ بس ويئون!

امي شڪار جي پکين کي هٿ به ڪونه لائيندي هئي. بابا کي ڪهندو هو نه آفيس جي پٽيوالي کان اڱڻ ۾ ٽتر يا چنڊول رڌائي کائيندو هو. امي هٿ جي ڏاڍي ڇوٽ هئي. هڪ دفعي شڪار آيو مس نه سڀ ڏيئي وئي خلاص ڪري ڇڏيائين. منجهند جو بابا پٽيوالا ۽ دوست وٺي آيو نه هڪ به پکي نه نهي!

سندس ڪير پيو ڪڙهندو هو، جو ٻي سمهي پوندو هو ۽ وري صبوح سوير ۾ باغن ڏانهن ڪسرت ڪرڻ هليو ويندو هو.

ساڳيءَ طرح موتي نارائڻ جي قد بت ۾ به جهجهو فرق آهي، پر انهن ۾ ساڳيون ڳالهيون پڻ جهجهيون آهن. ٻئي راڳ جا شوقين آهن. اختريءَ جا غزل ٻڌندي سڄي رات گذري وڃن ته به ڍءُ نه ٿئين! چرچي گهڻي، ياري دوستيءَ جا ٻئي شوقين. ٻنهي مان ڪو اڪيلو ٿي دوستن سان هجي ته به محفل مچائي رکي، پر جي ٻئي گڏ هجن ته بس، هڪ منٽ لاءِ به ڪير ڪرسيءَ تي سڌو ويهي نه سگهندو. ڳائيندا، نقل ڪندا، ٽهڪ ڏيندا، هنڪي پٽائيندا، هنڪي ڪٽ ڪندا.

منهنجي وڃڻ پڄاڻا شانتي منهنجيءَ نانيءَ تي وئي هئي. ناني منهنجي وقت ۾ منهنجيءَ سونهن لاءِ هاڪاري هئي. ڊگهي، هڪ ٿهي، وار لنبا، رنگ گورو، نڪ جهڙو انب جي قار ۽ اکيون شيريون. نيڙي ڪملا ۽ شانتي ٻئي ٽڌيون ۽ سانتيڪيون. شانتيءَ کي ڪجهه به چوءُ، سڀ سهي ويندي. ڪملا اهڙو جهٽو ڳالهائيندي جو پڙ ۾ وڃڻ به مشڪل ٿيندي! پر ڪمت سڄي مون ۾ اچي پيئي آهي! هوءَ ٻئي ٿهر ۽ ڌيرج سان ڪم ڪن ۽ مان هلان تڪڙو. ڳالهايان تڪڙو، سڀيران به تڪڙو. ڪم نه ڪريان پر واڪا به ڏاڍا ڪريان!

امي گهڻو پڙهيل نه هئي پر سندس خيال انقلابي هئا. هوءَ ڇوڪرن کي ڇوڪرين کان مٿي مڃڻ لاءِ تيار نه هئي. اسان جي گهر سامهون ٽن پاترن جي هڪ پڻ سڄو ڏينهن پيئي وهندي هئي. پاتر بسترن تان ڇولو ڇنڊي اٿي ويندا هئا ۽ پڻ انهن جا بسترا ويڙهي ڪلهي تي رکي ڪٽندي هئي. ڪاڏو رڌي، پائي، پاٽي گلاس سوڌو هوءَ پيءُ ۽ پاترن جي اڳيان رکندي هئي، جيتوڻيڪ هوءَ سيني پاترن ۾ ننڍي هئي!

پر امي چوندي هئي ڪم ورهائي ڪٽو. ڇوڪري پا

ڪلاڪ ڏيڍ ائين عجيب رونق ڇانيل ويندي هئي. ڪي ٻيا ڇوڪرا ڇوڪرين کي ويچارا ڏيندا هئا "اُني آلا! مان رومال نه وساري آئي آهيان!" ۽ سندن هلڻ جي اهل ڪندا هئا. ائين اُبوجهه ۽ الڙ ڇوڪر مستي ڪن پر جي ڪنهن لوفر ڪنهن ڇوڪريءَ کي ٽونٽ هنئي يا ڪو گندو لفظ چيو ته هڪدم حشوءَ ٽائين نياپو پهچندو هو! (هيرآباد جو اهو حشو هٽلر سيٺن جو اڳوان هو) بس پوءِ اهو لوفر اهڙي مار کائيندو هو جهڙي اُٺ کائي پڻ نه!

ڪڏهين موڪلن ۾ آيل ڪنهن ڪراچيءَ جي ڇوڪري کي ڪٽي ڪٽيندي هئي ۽ هو ڪنهن ڇوڪريءَ سان مستي ڪندو هو ته هيرآباد جا ڇوڪرا سندس شامت آڻي ڇڏيندا هئا. ڇوڪرين کي ٻاهر گهمندو ڏسي، سلائن جي پاڙي جا ڇوڪر ڇهه ست ڄڻا گڏ ٿي هيرآباد ۾ ايندا هئا. اڃا اهي گهڙندا مس هئا ته هڪدم پهر جي ور هيڻان وينل ڏانهن ڪو نڊو ڇوڪر ڊوڙندو هو. بس، جي سلائنا جتي ڪٽي ته پڳا يا اماڪ معافي نه ورتائون ته ڪين قيامت جو وقت ياد ڪرڻو پوندو هو!

ٽمپ کي صرف هڪڙو دوست هو ڪشو، پر حشوءَ جي ٽوليءَ ۾ سوين هئا، جي سڀ پنهنجي ڇيڙ واري ٽالي سان ٿي پرسڌ هئا. فقيرو، ٻب، شيدو، ڦاڙهو، ڪارو.... انهن مان ڪي موين ڏنا ۽ ڪين هئا، پر انهن ڏسڻ جي ٿي هڪ هڪ کي سندس ڇگائين لڳايون سوڏو تمام ڇڳيءَ طرح سڃاڻي سگهندي هيس.

حشو هٽلر جي پيڻ هڻڻ ٽالي— اسانجو روب هو. ڪو به اسان ڏانهن اک کڻڻ جو ساهس ڌاري نه سگهندو هو.

ٽمون گهر ڏانهن جيترو ٿي وڌيڪ جوابدار هو، حشو اوترو ئي لاپرواهه هو. صرف ماني کائڻ لاءِ گهر ايندو هو. رات جي ماني کائي ٻه گهر. آلائي ڪيڏي مهل ايندو هو. جيٺي ٽي

بابا چوندو هو ته اسان ته توکي گهري ورتو آهي. ساڌ ٻيلي جي سوامي هرنامداس کي چئو هئين ته اسانکي نياڻي کپي ته ڪلهي چيائين ته گرڀ اندر ته پٽ آهي! جڏهن تون ڄائين ته تڏهين اسين پڻ جيئن تنهنجو منهن لهرائڻ ويا هئاسين ته سوامي هرنامداس چيو ته نالو رکوس تونت يعني توَن قسمن جي خزانن جي مالڪڻ!

ڪڏهين منهنجو ڀاءُ ٽمون بابا سان گشت لئي ويندو هو ته ڪڏهين مان. هڪ دفعي شڪار لئي به وياسين هيس. اسين ۽ گورو صاحب مٿي ڪڏٽي ۾ ويٺاسين ۽ هيٺ شڪاري ڪتن، نوڙين ۽ دهلن سان ٻيا ڪيترا ماڻهو. گوري بندوق مٿي ڪري هلائي ته ويچارا ننڍڙا پکي آواز تي ئي ڦڙڦڙ ڪري هيٺ ئي ڪريا! ڪتن هڪ سوئر پٺيان ڀڄ لڳائي. جڏهين سوئر سهڪي سهڪي ٿڪو، تڏهين سندس هڪ پير ۾ نوڙي وجهي کيس ڇڪي هڪ وڻ جي ٿُڙ سان ٻڌائون. ان وڻ سان ٻڌل سوئر جي مٿي ۾ گوري گولي هنئي. رت ڦوهارا ڪري وهيو ۽ پوءِ گورو هيٺ لهي سوئر جي پر ۾ اُڀي بندوق جهلي فوٽو ڪڍائڻ لڳو!

ورهاڱي کان اڳ ئي منهنجي ڀيڻ شانتي مدي جي ٽپ ۾ گذاري ويئي. هئي ڏيهن انٽر آرٽس جي امتحان ۾ هوءَ پاس ٿي هئي. ائين ڪونجن جي قطار مان هڪڙي ڪونج اَلڳ ٿي وئي.

ورهاڱي بعد منهنجا ٽي ڀائر ولائت هليا ويا. هڪ هانگ ڪانگ، ٻيو سينگاپور، ٽيون لنڊن! چوٿين حشوءَ کي به هانگ ڪانگ گهرايائون پر هنجي ڌرمپتنيءَ کيس واپس بمبئيءَ گهرائي ورتو.

١٩٧٥ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ٽمون اوچتو ئي اوچتو دوست جي گهر ۾ ٿڪ ڏيندي گذاري ويو! هاڻي ائين لڳو

ڇوڪرو، سيڻيءَ کي ڪم ڪرڻو آهي. ننڍي هوندي هن اسان کي ڏاڍي نيم، سنجم ۽ سختيءَ سان هلايو. چوندي هئي تہ ٻارن کي ڪاراڻجي هولن جيئن پر ڏنيءَ ڏاڻڻ جيئن. ست ٻار سٽن نمونن جي نيرن طلبيندا هئا تہ هوءَ هر ڪنهن کي سندن پسنديءَ جي چيز ناهي ڏيندي، پر صبوح سويل اٿڻ، هوا کائڻ، جپ صاحب پڙهڻ ۽ ستسنگ يا گورسنگت ۾ وڃڻ وارن نيمن جي پالنا ڪرڻ لازمي ٻڌائي ڇڏيندي هئي. ٻهانو ٻڌائي اسان مان ڪڏهين بہ ڪنهن اسڪول نہ گسايو.

سختيءَ سان پاليندي بہ هن اسانجي شخصيت کي ڪڏهين بہ ڪونہ گُهٽيو. ان ڪري اسين سڀ هڪ ٻئي کان گهڻو قويل آهيون. ڏمون بي. اي. پڙهيو تہ حشوُ انجنير ٿيو. موليءَ بي. ايس. سي. پاس ڪئي ۽ نارائڻ بي. ڪام. مان پاڻ ٻهنجو سڪان يا دلربا وڄايان تہ مونکي منع نہ هئي. موليءَ ناٽڪ ڪري تہ اسين سڀ هنکي همٿايون.

وڏا ٿياسين تہ امي بہ اسان سان ساٿيءَ ميز لـي ڳالهين ٻولهين ۾ حصو وٺي چوندي هئي تہ مان بہ توهانجو دوست آهيان، انڪري اسين هڪ ٻئي جي ننهہ قريب ٿي ويا آهيون. منهنجا گهري ۾ گهرا متر منهنجا پاڻر آهن. مون وٽ ڇا ڇا آهي ۽ مان ڇا ڇا ٿي ڪريان؟، هن کي سڀ خبر آهي. هنن وٽ ڪيترو پئسو آهي، اهـي ڪٿي ٿا وڃن، مونکي سڀ ڄاڻ آهي. مان ڇوڪري آهيان، انڪري مونکي بيباڪ ٿيڻ نہ گهرجي، اهـڙي ڳالهہ مونکي نہ ڪڏهين اميءَ چئي ۽ نہ منهنجي وڏي ڀاءُ. هڪ ٻئي سان کليل ۽ سڌي نموني ٿي پيش ايندا آهيون. لڪ لڪاءُ يـا ڊپ ڊاءَ بنا هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهيون. فلاڻو ننڍو آهي يا فلاڻي ڇوڪري آهي، ان ڪري هن ڳالهہ کي وزن نہ ڏيو، اهڙيءَ طرح اسان مان ڪنهن ڪڏهين بہ ڪين سوچيو آهي.

ورق پنجون

ڀڪي مڙيوئي نه هنج

"واٽ مولين کي ڇُڳڻ وارا نه پنجن ٿا گهڻو
چانڊوڪا ڪانو ٿا هنسن جي وڃن محفل ۾"

— سڳن آهوجا

جيون جي هن لنبي سفر ۾ انيڪ آدمي گڏيا اٿم. اسڪول پڙهندي، حيدرآباد ۽ بمبئيءَ ۾ ماستري ڪندي، ڪاليج پڙهندي، وري سان ٽن ڪاليجن ۾ ڪم ڪندي، "سنڌيت" جي هلچل ۾ ڀاڱو وٺندي ۽ اَکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا جي عهدي تي رهي سرگرم رهندي، گهڻن ئي شخص سان واسطو پيو اٿم. عزيزن خويشن، مترن ۽ ڪليگس جي ڀڻ لنبي يادداشت آهي مون وٽ. اُنهن مان صرف ڪن ڳاڻ ڳڻين شخصن کي ئي مون اِنسان ڪري مڃيو آهي. گهڻي ڀاڱي دوکيباز، لالچي ۽ سوارٿي ماڻهو ئي پئي مليا اٿم.

حيدرآباد ۾ پروفيسر ٻنيچا وٽ هر روز سنسڪرت پڙهڻ ويندي هيس. مئٽرڪ ۾ مون پرشن ڪنئي هئي. بعد ۾ ميران ڪاليج کليو ته اُسي شاگرد ڀاڻين سنسڪرت ڪنئي. پروفيسر ٻنيچا ٿورو ڪجهه سيڪاري امتحان ورتو ته مان پوريون نمبر پينيس. سياويڪ هن مون ۾ چاهه وڌڻ شروع ڪيو. فيءَ جي حساب سان هن مونکان هڪ پائي به نه ورتي، پر اُجوري طور مونکي پنهنجي اسڪول ۾ سنگيت جي وشيه ڇڏي سنسڪرت پاڙهڻي هئي. انٽر پاس ڪرڻ بعد بي. اي. ۾ مون سڀ "ڀاشائون" ئي ڪنيون.

جڻ منهنجا ٽڪ به هميشه لاءِ سمهي پوندا.

ساڳئي ئي سال حشو ٿوري بيماريءَ بعد ٻمبئيءَ ۾ سرڳواس ڪري ويو. هن جي وڃڻ تي انئين لڳو ته، اڳ جيڪو بادل سرهائيءَ جو پيغام آڻيندو هو سو هاڻ لاش بڻجي لهي پوندو.

ڏمون، مان ۽ حشو قلعيءَ جي ڪپ تي اُفق وٽ انڌلڪ جي ٻيڙي ڏسڻ ويندا هئاسين. ڪئين دفعا ڪڏ تي ٻيڙي نچي "پيج مؤلا چانديءَ ڪا گولا" چئي واڪا ڪيا هونداسين. ڪئين دفعا مٽي گاڏيءَ واري سان وهڻ لاءِ ضد ٻڌي يا اَنب جي ڪور ٻئي کي ملڻ تي هڪ ٻئي سان وڙهيا هونداسين. ڇام دفعا ڪٽ جي چوڏاري ڦري هڪ ٻئي کان ڏيتون ۽ ٻهر ڦريا هئاسين! هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلڻ وارن جو انهن هڪ ٻئي کان هٿ ڇڏائجي ويو!

اَسان گڏ جي گهر جون جواهر ريون ڪهيون، ٻاڻ ۾ ٻهت ڪيا، ڏکيائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ساٿ ڏنو ۽ خوشيءَ ۾ گڏجي کليو هو، پر هاڻ اُهو ساٿ ڇٽي ويو! اَمي وئي ته انهن سمجهيم جڻ گهر جي ڇت اُڏامي وئي آهي. هي به ويا ته جڻ گهر جون ٿنڀيون به ڀڄي پيئون!

باقي بچيا اَٿم ٻه ڀاٿر هڪ ڀيڻ. مان ٻنهي جن ڀاٿرن کي تمام گهڻو گهرندي آهيان. زمانو ڀل ڪيتري به ترقي ڪري وڃي پر ڀيڻ ڀاءُ جو هيءُ اَنوکو رشتو مون وٽ اَڄ به هڪ خاص معني رکي ٿو. مان اَڄ به جهوني زماني جي ڀيڻ آهيان ۽ اُن وانگر ئي ٻراڙندا ڪندي چوندي آهيان "شال منهنجي عمر به توهان ڀاٿرن کي ملي!"

مان آيل سنڌس پٽ فون ڪيو ۽ ٻڌائين تہ بابا ڇٽي ويا هئا تہ جنهن ڇوڪريءَ لئي پڇئي هٿ رکي اها ونج. مان شادي ڪرڻ آيو آهيان، مونکي ڇوڪري ٻڌايو."

هاڻي منهنجو وارو هو اکين ۾ پاڻي آڻڻ جو! اُستادن جي اِها پرڙهي جن ۾ اِن قسم جي نمرتا، آدرتا، سچائي ۽ سنيھ هو، اَڄ شايد ڳولهڻ سان بہ نہ ملي. بنيجا جهڙو هڏو ڪي ۽ نرلوڀي اُستاد مونکي ٻيو ڪونہ مليو. جيتوڻيڪ اسڪول توڙي ڪاليج پڙهڻ واري عرصي ۾ دادي ڦري، دادي پوپري، پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي جهڙا سکيا ڏيندڙ مونکان ڪڏهين بہ نہ وسريا آهن.

بي. اي. جي نتيجي ظاهر ٿيڻ بعد ميران ڪاليج وارن هڪ پيڪيدار اُتسوُ ڪيو. ان ئي ڪاليج ۾ پڙهي مون انٽر پاس ڪئي هئي پر پوءِ سنسڪرت وشيہ پڙهڻ لاءِ مٽيهڊ ڪري مان اهو ڪاليج ڇڏي آئي هيس ۽ پنهنجي سر ئي تياري ڪئي هئم.

ميران ڪاليج منهنجي گهر جي لڳو لڳ هو پر هنن مونکي اُتسوَ جي نيمنڊ بہ ڪين موڪلي! هنن ڪاليج ۾ نہ پڙهندڙ هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ کي گهرائي اُنکي انعام سان نوازيو ڇاڪاڻ تہ هوءَ هڪ هلندي پڄندي واري شخص جي رشتيدار هئي.

لياقت جي بي قدري، انصاف جو خون ۽ سچ چٽي ڏيندڙ کي سزا ڏيڻ وغيره ڳالهين کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو اِهو منهنجو پهريون آزمود و هو. منهنجي من جو سرؤد دردپلو آواز ڪري وڄي اٿيو هو ۽ منهنجو سارو وجوُد جهنجهناهٽ ڪري ڏڏي ويو. اَڄ بہ جيترو ئي وڌيڪ سچ ڳالهائڻ ڪري ستائي ويندي آهيان اوترو وڌيڪ مان اَٽل ۽ محڪم رهڻ جو يتن ڪندي آهيان، جيتوڻيڪ پڪ بہ هوندي اٿم تہ هنن شخص مان انصاف ۽ قدر جي اُميد اڻين رکجي جيئن ٻٻرن کان بير گهرجن. عادت موجب مان هر ڪنهن کي وڄائي ۽ ڪڙڪائي ڏسندي

انگريزي لازمي، سنڌي مادري ڀاشا ۽ سنسڪرت ۽ هندي آپشنل. مون راشٽر ڀاشا جا امتحان ڏنا جيئن هنديءَ ۾ اڀياس گهرو ٿئي ۽ اُنهن امتحانن ۾ پڻ فرسٽ ڪلاس کنيم. پر اهي امتحان ڏيڻ ڪري اسڪول وارن راشٽر ڀاشا جي امتحانن لاءِ ڇوڪرين کي تيار ڪرڻ جو ڪم مون مٿان مڙهي ڇڏيو! هاڻي نه ڪم منهنجي پٺيان ۽ مان ڪم جي ڪڍ، واري ڪار ٿي پيئي! گهر ۾ پنهنجو پڙهڻ ۽ گهر جو ڪم ۽ اسڪول ۾ ڇهين درجي کان نائين درجي تائين هندي، ڇهين کان مئٽرڪ تائين سنسڪرت ۽ سيني درجن مان چونڊيل شاگرد ياڻين کان محنت ڪرائي ڪانئن امتحان ڏيارائڻ. پنهنجي سکيا لاءِ بنارس جي پرسڌ ودوان پنڊت سيتارام چترويديءَ کان خطن دوارا هندي وشيه ۾ سهايتا وٺندي هيس ۽ سنسڪرت پروفيسر ٻنيجا کان پڙهندي هيس.

ٻن سالن جو بي. اي. وارو ڪورس پورو ڪري امتحان ڏنم. هنديءَ ۾ سٺ سيڪڙو ۽ سنسڪرت ۾ اٺهتر سيڪڙو مارڪون کنيم ۽ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ ٻيون نمبر بيٺيس. پروفيسر ٻنيجا ڏس ته اصل گد گد پيو ٿئي. هن منهنجون مارڪن وارو پنو ۽ سرٽيفڪيٽ پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. گهڻن سالن تائين هو پنهنجن مترن کي اهي پنا ڏيکاري منهنجو نالو فخر سان وٺندو هو.

دکشنا جي روپ ۾ جڏهن (پاس ٿيڻ بعد) مان وٽس ڪجهه پيسا رکڻ جي مراد رکي ويس، تڏهن خوشيءَ وچان اکين ۾ پاڻي ڀري چيائين، "تو جهڙي محنتڻ مون وٽ ڪير ڀري پڙهڻ آئي، ان لاءِ مان پنهنجا وڏا ڀاڳ ٿو سمجهان."

گهڻا سال پوءِ سنڌيءَ جي لپيءَ جي سوال تي هو منهنجو ورودي ٿيو هو، پر تڏهن به نهايت سنيهه ۽ عزت سان پيش ايندو هو. هن جي سرڳواس ٿي وڃڻ بعد هڪ ڏينهن آمريڪا

مس هري واسواڻي، هيڊ مسٽريس مس ڪيمچند، هيڊ ماستر
لڌارام موهنداس، ماستر درياناڻي، ماستر منشاراماڻي وغيره.
ماستر هاسومل ۽ سنڌس ڌرمپتني ديوي ٻائي ٽوڙي چندرا،
ليلارام وغيره آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀاڱو وٺندا هئا. اُهي ميٽنگون
سڏائڻ، سرگسون ڪڍڻ جهڙا ڪار به ڪندا رهندا هئا پر مون
ڪڏهن انهن ڳالهين ۾ سرگرم ڀاڱو ڪين ورتو. وٽان به ڪيئن
۽ ڪهڙي وقت؟ وڏي ڌيءُ هئڻ جي ناتي منايون، وڙا،
آچار ۽ مربا به ناهڻا هئا، سُئي ۽ آر سان مڙهڻو به هو ته بادلو
۽ مقيش به سڪڻو هو، ماستر ياڻي هئڻ جي ناتي پاڙهڻو هو
۽ شاگرد ياڻي بڻجي ڪري پڙهڻو هو. پوءِ به منهنجو ڀاءُ حشوُ،
بليٽنون ڪڍڻ ۽ ورهائڻ جا ڪم ڪندو هو ته هنڪي لڪڻ ۽
سائڪلو اسٽائيل ڪرڻ ۾ مدد ڪندي هيس ۽ سلائن سان وڙهڻ
لاءِ لٺ جي منهن تي فوني جون سهون اٽيون ڪري اڪائيندو
هو يا والنٽيئر دوست پنڌين در کان لڪائي آڻيندو هو ته پنهي ڳالهين
۾ ڪيس مدد ڪندي هيس. لنيون، مترڪا، ڪؤنٽر، هٿوڙا سڀ
منهنجيءَ نوار واريءَ چادر سان ڍڪيل کٽ جي هيٺان رکيل
هوندا هئا ۽ اَڌ رات جو نيڊڙو ڪڙڪو ٻڌي سنڌس دوستن
کي در کولي اندر آڻي ڪاڌو کارائڻ (اُميءَ ۽ وڏي ڀاءُ
کان لڪائي) منهنجو ڪم هو. فالتو ڪمن ۾ وقت نه وڃائي
گهڙيال جي ڪانٽي جيان هر وقت ڪم ڪرڻ منهنجي عادت
بڻيل آهي. منهنجا ڀائر پيٽر وڪيشن ۾ ڪراچيءَ ويندا هئا،
ٻين موڪلن ۾ به گهمڻ ۽ راند ين ڪرڻ ۾ وقت ضايع ڪندا هئا
پر مان ائين ڪري نه سگهندي هيس.

دادي هري واسواڻي پهريون انسان هئي جنهن جي
هوشياريءَ ۽ سادگيءَ جو مون تي تمام گهڻو پرڀاءُ پيو. پهرين
هوءَ ميران ڪاليج ۾ اسانکي انگريزي نظم پاڙهيندي هئي.
هوءَ خود به شاعرا آهي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪوتائون رچيندي
آهي. (اڄ تائين). سنڌس ڪوتائن ۾ رواني ۽ مٺاج آهي پر هوءَ

آهيان ۽ جلد معلوم ڪري ٿي وٺندي آهيان ته اُو جهنجهٽا ۽ رانديڪا ٿي آهن. ڪي پنهنجين زالن جي هٿ ۾ ته ڪي پنهنجي ناليءَ يا پئسي جي هٿن ۾! عهدي، انعام يا سنمان جي لوڀ وچان اُنهن لڄ ۽ خسيس ماڻهن جي خوشامد مان ڪڏهين نه ڪين ڪندي آهيان. ڪوڙ ۽ رسائيءَ کان سخت نفرت اٿم، ان ڪري جيڪي ڪجهه مونکي ملڻ کپي سو ڪين مليو اٿم، پر اُنجو مونکي بنهه ارمان ڪينهي.

اسڪول واريءَ جيون ۾ ڪل ڪل ۽ ڇهه ڇهه سالگي ٿـي ساهيڙيون مٽيون آهن پر بعد ۾ ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندڙ، گنڀيرتا سان ڳالهه کي سمجهندڙ ساهيڙيون ڪجهه يون آهن. ڪاليج ۾ پڙهندي هڪ ساهيڙي رکيم ۽ ڪيس نوٽس لکي ڏيڻ، سمجهائي ڏيڻ، ڪاپيون ۽ ڪتاب ڏيڻ ۽ راتيون جاڳي ڪيس ڪُولهانند، رام چرتمانس ۽ رگ ويد پاڙهيم پر هن خود بن ٽن ۾ دوکو ڏنو. منهنجيءَ ڪچڙيءَ دل کي ٺيس لڳي ۽ ساهيڙين مان منهنجو ايمان ٿي نڪري ويو. بمبئيءَ ۾ ماستري ڪندي پڻ هڪ هم پيشهور ماستريائيءَ سان ساهيڙپ پاتم پر حسد ۽ ساڙ وچان هوءَ مون بابت عجيب وغريب افواهه اُڏائڻ لڳي. زال کي شايد ساهيڙي پائڻ نٿي اچي. شايد پنهنجيءَ ننڍڙيءَ دنيا ۾ ننڍڙين ۽ خسيس ڳالهين کي اهميت ڏيڻي، راڳ دويش وهيڻي هئجي هوءَ ساهيڙپ پائڻ جهڙي نعمت کان وانجهيل ٿي رهي. يا شايد ائين آهي ته مان سوکمتا سان سڀ پرکڻ جي عادي آهيان جو وهنواري لحاظ کان دنيا ۾ هلڻ جو عملي طريقو ناهي ان ڪري مونکي ساهيڙي هڪ به ڪانهي. ۽ اُسانجي سماج ۾ ساهيڙو رکڻ جو رواج به ته ڪينهي ان ڪري مان بلڪل اڪيلي ٿي آهيان.

حيدرآباد ۾ منهنجي گهر جي ارد گرد ماستر ئي ماستر هئا. ماستر هاسومل، ماستر ليلارام، ماستريائي چندرا، هيڊ مسترس

واقفڪار ٿيءِ. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ اهو ڪٽنب تمام سکيو آسودو هو، پر گهر جي ڪنهن به ڀاتيءَ کي پئسي جو غرور نه هو. اهي سڀ پنهنجن غريب مائٽن سان قرب ڀريو ورتاءُ ڪندا هئا. هو نئين نه، نه حيدرآبادي عاملن ۾ وڏي ۾ وڏي خامي آهي پنهنجي عهدي، خاندان يا پئسي تي پڌي مغرور ٿيڻ. جاگيرداري نظام هيٺ عامل ديوان ۽ زميندار ٿي رهيا ۽ انگريزن جي راڄ ۾ به انهن وڏا عهدا ماڻيا. اتفاق سان اسانجي گهر جيان جيڪڏهن ڀيءُ جي گذاري وڃڻ تي اهو گهر لٽڙي پوي ته پوءِ عهديدار يا پئسي وارا مائٽ انهن کي تمام هيٺ سمجهندا آهن. ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر ٻڌجي اهي انگريز ٻڌجي ويندا آهن ۽ ڏاڍي نٽ سان هلندا آهن. پر درياڻيءَ جي ڪٽنب فلمن ۾ گهڙڻ ڪري لڪاپتي ٻڌجي به پنهنجي وهنوار ۾ اجائي وڏائي نه آندي هئي. سندن گهر ۾ ٻاروهي جڻ لنگر پيو هلندو هو. جيڪو به اچي، کيس آءُ ڀاءُ ملي ۽ آدرستڪار سان ڪٽنب جا ڀاتي کيس کلي کيڪارين ۽ کارائين.

اسڪول ۾ اسانجو ماستر هو ڀهلاجراءِ. هوءَ اسانکي پرشن ٻاڙهيندو هو. هن ڳالهه ٻڌائي هئي ته ابوبڪر سويل صبح جو اُٺي ٻاڙي ۾ سيڻي کي ڪير پهچائيندو هو. جڏهين هنکي خليفو مقرر ڪيو ويو تڏهين هڪ ٻڍيءَ ڏاڍي ڏک مان چيو "هاڻ مونکي ڪير کير ڏيندو؟ تون ته وڃين ٿو بادشاهه ٿين!"

ابوبڪر کيس کلندي چيو، "امان! بادشاهه ٿيان ته ڀاڻ جهجهو کير ملندءِ نه؟" خليفو ٿيڻ بعد ابوبڪر اڳي جيان پنهنجي ٻاڙي ۾ کير پهچائڻ ايندو رهيو.

اسين پل ان کي آڪاڻي سمجهون پر ان مان پليءَ پٽ ثابت ٿئي ٿو ته اڳين ماڻهن کي، جنکي اسين سادا سُودا ٿا سمجهون، جيون جي رهسيه جي ڀلي جاڻ هئي.

منهنجي ناني روپي ڪٽوري ۾ پاڻي پيئندي هئي. اميءَ

روحاني راهه جو پانڌيئڙو آهي، انڪري ناليءَ ۽ مشهوريءَ جي
پرواهه نه ٿي ڪري.

گرداسمل هاءِ اسڪول جو پرنسپال شري لڏارام به انهن تمام ٿورن سٺن ماڻهن مان آهي، جي پنهنجي جيون ۾ رواجي ڳالهين ۾ اوچ گڻن جي مالڪي جتائڻ بنا ٿي هلت ڪندا آهن. هڪ دفعي منهنجي ڀاءُ موٽيءَ کي ٽنگ ۾ ڦرڙي نڪتي. موٽي لڏارام جي اسڪول ۾ ٿي پڙهندو هو ۽ ڪيس هوميوپيٿي دوا ڏيندو هو. جڏهين هنجي ڦرڙي ڦاٽي تڏهين لڏارام پاڻ اچي انکي صفا ڪرڻ لڳو! اهو شخص جنهن وٽ هزارين شاگرد پڙهندا هئا ۽ جنهن جي هٿ هيٺ سوين شخص نوڪري ڪندا هئا، ان ۾ هن نموني جي نمرتا ۽ ڀلمانسيءَ جا گڻ هئا.

انجي ابتڙ بمبئيءَ ۾ هڪ متر جو وهنوار ڏٺم. مان ۽ هڪ منهنجي پروفيسر ساهيڙي باندرا ۾ انسوٽي ويا هئاسين. موٽڻ وقت اسانجو هڪ واقفڪار پنهنجيءَ موٽر ۾ چڙهيو. اسان ٽنهي جو گهر ساڳئي ٿي پاسي هو پر موٽر واري متر اسانکي ڏسي به چڻ نه ڏنو. منهنجي ساهيڙيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مان پيئي کلي چوانس، "اڙي هو هزارن واريءَ موٽر ۾ ويو آهي ته اسين لکن واريءَ بس ۾ ٿا هلون." پر هوءَ پيئي چوي ته هي وڏا ماڻهو پاڻ کي سمجهن ڇا ٿا؟

اڙي ڀائي جنهنکي عهدي يا پئسي تي ليکر چڙهي سو "وڏو" ٿيو ڪيئن؟ اهو ته پاڻ نيچ ۽ خسيس ماڻهو ٿيو. پر منهنجي سکي اجايو پنهنجي من تي دک جو تيزاب هارڻ لڳي.

ان ٽان هڪ ٻي ڳالهه به ياد ٿي اچيم. حيدرآباد ۾ نانڪ نويس کانچند درياڻيءَ جو نالو نه ٻڌو هوم ڇاڪاڻ ته منهنجيءَ جاڻ ۽ ٻڌيءَ جو وڪاس اڃا ٿيو ٿي ڪين هو. هن جي ڀيڻ ليگ درياڻي مئٽرڪ ۾ مونکي آلجبرا پاڙهيندي هئي. بعد ۾ ساڳئي ٿي اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ ڪري هوءَ منهنجي

گهٽ درجي جو سمجهي اُن سان اَهڙو وهنوار ٿا ڪريو ڇا؟ نه. باقي اَڄ پاڻ ڪهڙو سکيا آهيو؟"

پيا نه ڇڏيو پر ڇڏهين ڪميونزم ۾ وشواس رکندڙ مترن کي پنهنجن دوستن سان پيدي ورتاءُ ڪندو ڏسندي آهيان تڏهين من ۾ خيال ايندو آهم ته هنن "ڪامريڊشپ" جي معنيٰ پوريءَ طرح سمجهي ئي ڪانهي. ننڍي هوندي ته اَسانکي سيکاريو ويندو هو ته رڌڻ مهل داٻلي جي ٻهرين ماني ڳانءِ لاءِ آهي ۽ ڇانورن جي ٻهرين ڇاٽي اَڳنيءَ لاءِ، ته اَڳيان آيل ڏالهيءَ مان ٻهرين ڳڙي ڪانوَ لاءِ ڪڍبي ۽ ٻپاڙيءَ جي ڪتي لاءِ. اِن طرح اَسانجن "ساٿين" ۾ ڪانوَ، ڪتا، ڳانيون، ڪٺليون سڀ شامل ٿي ويندا هيون. نه رڳو شامل ٿي ويندا هئا پر اَسان جهڙا ٿي ليکبا هئا. ڪتي لاءِ ماني پچندي هئي ته اُنکي گهه ضرور لڳندو هو. ڇي: ڪتو اُٽيو نه کائيندو آهي، ڪيس "سٽيو ٽڪر" وٽندو آهي. ويچاري ڪتيءَ کي سڀ ٻاڙ ٻوارا پچندا هئا. فقير، مست قلندر، پنگي، سپني کي مند سارو اَنب، شربت يا ڳڙ پيل لولي ڏبي هئي.

پر هتي اِنسان مان اُهو اِنسانپڻو عدم موجود ٿي ويو آهي.

کي چانديءَ جي ٿالهي ڪٽوريءَ ۾ کائڻ پسند ايندو هو. جڏهين
منهنجي پيءُ ناراڻ هانگ ڪانگ ۾ تمام گهڻو ڪمايو تڏهين
اميءَ کي لکيائين، تنهنجي لاءِ سونو گلاس ٿو وٺان. تون اڄ
ءِ ان گلاس ۾ اچي پاڻي پيءُ."

اميءَ کيس جواب ۾ لکيو ته پاڻي ته ٺڪر جي گلاس ۾ به
پي سگهجي ٿو. سوني ڌاتوءَ ۾ اهو بدلجي ڪين ويندو. جن
دوستن توکي چڙهڻ ۾ مدد ڪئي آهي، تون انهن سان ورهائي
وٺي کاءُ پيءُ - ماڻ چوڙ. اسين شومهراج کي مهاديو ٿا سڏيون
ڇاڪاڻ ته هن پاڻ زهر پيتو ۽ ٻين لاءِ امرت رکيائين. تون
گهٽ ۾ گهٽ پئسن جو اڌ ته دوستن ۾ ورهاءِ.

مون ته وڏي هوندي ڌرم ۽ اڌيائم بابت پڙهيو ۽ انکي
سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. امي ته انهن فيلسوفين کان اڻ واقف
هئي. سندس سادن سوڌن لفظن جي وهنوارڪ ڄاڻ ڏسي
مونکي ڏاڍو عجب لڳو.

شاسترن ۾ ڌرم کان اڌيائم جي وڏي مهما ڳاتل آهي.
جڏهين ڪرشڻ کان گوپين پڇيو ته سڀني ۾ سٺي پرارٿنا ڪهڙي
آهي؟ تڏهين ڪرشڻ چيو ته پاڻ کان هيٺ ٻين انسان جو پاڻ
جهڙو ٿي آدر ستڪار ڪرڻ کي اوچ ۾ اوچ بندگي ٿو چئجي.
جڏهين يڌشٽر جو يگيه سماپت ٿيو تڏهين ڪرشڻ جي اڳوات
ٻڌائڻ موجب گهنڊ نه وڄندو ڏسي يڌشٽر سوال ڪيو ته "ائين
ڇو ٿيو آهي؟ اسان ته سڀ وڌيون پوريون ڪيون آهن."

ان تي ڪرشن کين چيو ته اوهان سڀني پاڙيوارن کي
گهرايو آهي پر سامهون رهندڙ چمار کي نه. اوهان نينڊ موڪلي ٿي
ڪينهي پوءِ گهنڊ ڪيئن وڄندو؟

ان تي پانڊون نوڪرن کي حڪم ڪيو ته چمار کي وٺي
اچو. پر ڪرشڻ کين چيو ته ايڏو تفاوت ڇو ٿا رکو؟ ٻين پاڙيوارن
کي ته دروپدي پاڻ نينڊ ڏيڻ آئي آهي. چمار کي اوهين

سو اُماڪ ٻنهي کي جهلايو ويو. ٻنهي جي شادي ڪرائڻ ٻدران ڇوڪريءَ کي هڪ شيدي ٻڍُونگي دال ڇڙُونگي سان پرڻائي ڇڏيائون ۽ حشن کي لاوارث ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيائون. اَهو حشن پوءِ حيدرآباد جو مشهور شودو ليکجڻ ۾ ايندو هو.

اِن طرح ڪئين نينگرين نينگرن سان ظلم ٿيندو ڏٺو ٻڌو هوم.

اَسان ٽي وري اَڃا ٻه سخت پهرو هو. منهنجو ڏاڏو ڏاڏي سويل ٿي پرلوڪ پڌاريا هئا. منهنجي هڪ چاچي (ڪندن لالي) کي ڪن مسلمانن ڀڄائيو هو. هڪ ڏينهن اُن ٽي چاڙهي، اسڪول مان پڙهائي، مسلمان مذهب ۾ داخل ڪيائونس. اَهڙا واقعا سنڌ ۾ ٿيندا رهندا هئا. پر پوءِ اهي ڇوڪرا وري هندو ٿيڻ چاهيندا هئا، ته ڪين پنچائت جا مکي واپس هندو ٿيڻ ڏيندا ٿي ڪونه هئا. ڪندن ڏهن پندرهن ڏينهن بعد واپس اَچي ڏاڏيو ٻڌايو، پر ڪيس هندو بڻجڻ ڪين ڏنو ويو. اَهڙا مسلمان ٿيل هندو شيخ سڏبا هئا ۽ شيخ ٿيل عامل وري پنهنجين سؤٽين کي ڀڄائي ساڻن شادي ڪندا هئا. اِهو سندن هڪ خاص اُديش رهندو هو. نتيجي طور شيخ جي هندو مٽن مائٽن جون ڇوڪريون سخت پهري هيٺ رهنديون هيون. اَسان نه ڪڏهين پنهنجو اهو چاچو ڏٺو ۽ نه ٿي وري سندس اؤلاد وغيره سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ويتي ٿي هئي.

هڪ دفعي گهر پرسان ڀڳت مونڻ جي ڀڳت هئي. هن ڪافي ڳائي:-

حاڪم هوت هلي آءُ هڪڙي گهڙي
او جڏهين يار منهنجي ٿئي سينگار ڪيا
عاشق سڀ ٿي خائن ڪيا
نه آءُ ڪيئن ڪريان، ويٺي آ دلڙي اَڙي ...

سندي ڪافي؟ ڄڻ رڻ ۾ ڪنهن ڪُوڪ ڪئي. اُن ڪُوڪ

ورق ڇهون

ڇا مون پيار ڪيو؟

جڏهين جڏهين آهي ڪانءُ - اڱڻ منهنجي لنويو
تڏهين تڏهين آهي ٽانءُ - تنهنجو هريو هانءُ ۾
— ڪرشن "راهي"

هڪ دفعي سرڳواسي هاسارام راڻيءَ چيو هو ته مون ڪٿي پڙهيو آهي ته حيدرآباد جا عامل يونانين جو اولاد آهن. سندن نڪ ۽ ڪاروبار هلائڻ جي لياقت اها ڳالهه بخوبي ثابت ڪن ٿا.

خبر ناهي مٿين ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي مگر اها سا خبر اٿم ته يونانين جيان حيدرآبادي پڻ ڏيئن ڀيٽرن ڪري پيار ڪرڻ ڏي پيدا ٿي نه هئا.

جتي جتي جاگيرداري نظام هو اُتي اُتي عورت جي حالت ته ڇا مگر نگاهه تي به سخت پهرو رکيل هوندو هو. عورت ان پهري کان جڏهين به ٻاهر نڪتي ٿي تڏهين ڪيس، يا سندس نگاهن جي گهايل کي موت جي گهاٽ اُتاريو ٿي ويو.

حيدرآباد دکن ۾ وڃڻ ٿيو هوم. هڪ مسلم پروفيسر پاٽي اتهاسڪ عمارتون ڏيکارڻ هلي هئي. هڪ هنڌ ٻڌي چيائين، "هنن ديوارن ۾ نه معلوم ڪيترن حسين نازنينن جا بت ۽ هڏا پوريل هوندا!"

اسانجي حيدرآباد ۾ به پيار ڪندڙن جو حال برو ڪيو ويندو هو. سانپر اٿم ته هڪ ٻنهل جهڙي نيمگر هئي. سندس نينهن هو حشن سان. ملاقات ڪندي پڪڙجي پوڻ تي ٻنهي کي قلعيءَ ۾ نپو ڏنو. حشن جو پيءُ هو پوليس انسپيڪٽر،

کان گهر ڏانهن، بس ڊوراڻ لاءِ پهچندو هو، جيئن اُنهورِيءَ سان پڪڙي ميونسپالٽيءَ جا ماڻهو ڪتن کي گاڏيءَ ۾ وجهي وٺي ويندا هئا. پر جيئن ٿي مئٽرڪ پاس ڪري ماسٽري شروع ڪيم، تيئن ٿي آزاديءَ جي هوا به لڳي ۽ نئين زماني جي لهر به آئي.

هاڻي ٻڌندا هئاسين ته ڪراچيءَ ۾ ڇوڪري ڇوڪرو پيار ڪندا آهن ۽ گڏ گهمندا آهن. حيدرآباد ۾ به ڪاليج ۾ اِها هوا لڳي. ڇوڪرين ڇوڪرن جون ٽوليون ڪٺي گڏ ڏسڻ ۾ اينديون هيون، پر اهڙين ڇوڪرين کي ماڻهو سٺي نظر سان ڪين ڏسندا هئا.

اسين ته ماسترياڻيون گڏ هلنديون هيونسين. راڌي ۽ سندري به پينر نڪري، مس پدماڻيءَ کي وٺي مون وٽ اينديون هيون. مان پنهنجي گهٽيءَ جي مُنهن وٽ ٿي بيٺي هوندي هيس. چارئي گڏجي اڳيان وڏي مارڪيٽ اڳيان ڪلان کي گڏجنديون هيونسين، جا اڳڻ جي دريءَ وٽ بيهي اسان کي ڏسي اُمالڪ ٻاهر ايندي هئي. ٽيتري ۾ ڪالونيءَ مان هري ۽ گومي به اچي سهڙنديون هيون. ٽلڪ چاڙهيءَ وٽ ته بيون وشني ۽ پاپوءُ به اچي اُنهن شامل ٿينديون هيون، جيئن هتان هتان نهرون گڏجي وڏي ندي ٺهندي پوندي آهي! ڪل ڪل ۽ ٽهڪ ٽهڪ ڪنديون، اسين هڪ ئي وقت اسڪول پهچنديون هيونسين.

۽ هڪ هو جو پنهنجي گهٽيءَ جي مُنهن وٽ بيهي منهنجي راهه تڪيندو هو. اِنٽر سائنس پڙهندڙ، ڊگهو قداور، سهڻو ملوڪ شهزادو! پهري ۽ پاڻ ٻئي ڪري صرف پريان نظرون ٿي ملنديون هيون. چپ مشڪڻ لاءِ چرن، تنهنڪري ته ڪئين ڏينهن لڳا! پر اسين اُن ۾ ئي خوش هئاسين. اِها ڳالهه به وڏي بهادريءَ جي ٿي هئي جو ٻنهي جون نظرون ٻڌائي، مسڪ ذريعي دل جو نياپو پهچائيندا هئاسين.

جي هُوءَ دل ۾ پيهي ويندي آهي. ان عمر ۾ ڏاڍي اَڻ جي پوري معنيٰ نه ڪين ٿي سمجهيم، بس اِها رڻ جي رڙ ۽ واريءَ جو واقعو دل ۾ گهڙي ويو هو.

ماڙيءَ تي رهندا هئاسين. سنان پٺي کيم ۽ ڪافي پٺي ڳايم. سنان جاءِ ۾ هئا پڙڪڙا، سو آواز هيٺ هليو ويو. منهنجو آواز به هو بلند (اَڃا به آهم. هڪ دفعي حيدرآباد دکن ۾ مشاعره تي ڪافي پٺي ڳاتم ته هڪ سفيد ريش بزرگ اُٿي بيهي چوڻ لڳو، "يا اَللهُ! آواز ڪتني تندرست هئه.")

منهنجو پيءُ، جو هيٺ دوستن سان دوڪان تي ويٺو هو، سو اَمالڪ مٿي چڙهي آيو. سنان جاءِ جو ڪڙو ڪڙڪائي دٻ چيائين، "ڳائڻ هڪدم بند ڪر. اَڳتي ڳائڻو هجيئي ته ڪمرو بند ڪري اَندر ڳاءِ ۽ هي دلڙيون ٻاڙيون ڪٿان آنديون اَٿيئي؟"

بس اُن ڏينهن کان پوءِ صرف ڪيٽل جا پڇڻ ڳائڻ جي اِجازت ملندي هئي، سو به اَندر ڳايان ته واهه، نه ته نه!

پر پهرو ڪيترو به سخت هجي، دلين ۾ پيار جو سلو ته اُپرندو ئي. ٻالاپڻ پلئه ۾ ٻڌي نينگر، جڏهين جوڀن ۾ قدم رکندي آهي، تڏهين سندس ڌڙڪندڙ دل، ڪنهن ٻيءَ دل ۾ پنهنجو آشيانو ڳولهڻ شروع ڪندي آهي. اُن وقت هوءَ هڪ گيت ٻڻجي پوندي آهي ۽ ڪنهن ساز جي ڳولها ۾ هوندي آهي، جنهن تي وڄي هوءَ جهان ۾ هڪ گونج پيدا ڪري. اُن وقت هوءَ لهرائيندڙ پاڻيءَ جيان ٿي پوندي آهي ۽ ڪنهن ٿانو جي تلاش ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ پاڻکي رکي هوءَ هڪ روپ يا آڪار حاصل ڪري. اُن وقت سندس سپنن مٿان هڪ نوجوان جو پاڇو پيو منڊلائيندو آهي ۽ هوءَ هر نوجوان کي پسي ڇرڪ پوندي آهي ته "هيءُ ئي ته نه آهي؟"

اِسڪول ۾ پڙهندي، گهر کان اِسڪول تائين ۽ اِسڪول

پاڙهيون؟ مون شادي مهل ڪرڻ جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو، جيتوڻيڪ منهنجي امڙ ڏاڍي ناراض ٿي هئي.

هاڻي ڪم هئا ۽ مان هيس. جوابداريون ۽ ڪمن جي وچ ۾ پيار ڪٿي ڦاسي؟

ٿورو پوءِ ٻڌم ته ڪراچيءَ ۾ ٿي ڪنهن سان پيار اٿس ۽ گهڻو پوءِ ٻڌم ته هن شادي ڪري ڇڏي آهي.

پهرئين پيار جا رنگ، انهين پوپٽ جي پرن جي رنگن جيان جلد ئي مٽجي ويا. پر عورت پنهنجو پهريون پيار ڪڏهين به ڀلائي نه سگهندي آهي ۽ منهنجو ته اهو پيار پهريون به هو ته آخرين به.

اٺاويهن سالن بعد جڏهين هو ناٺيءَ ۽ ننهن وارو ٻڻجي چڪو هو، اَچانڪ رستي تي گڏجي ويو! جذبات جي لهر سيلاب ٻڻجي منهنجيءَ دل ۾ وهڻ لڳي. منهنجي چنچل ڪشور اوستا جڻ مون وٽ موٽي آئي. زندگيءَ جو ڪو ڪٽيل حصو وري مون سان جڙڻ لڳو!

هو هٻڪي پيو ۽ گهٻرائجي ۽ منجهي چيائين، ”پوپٽي آهين نه؟“

مونکي بيحد گهڻو عجب لڳو. منهنجي زندگيءَ جي شام ٿي آهي هاڻ. محل جڻ کنڊهر ٻڻجي چڪو آهي. منهنجي طوفاني چال ڌيمي پئجي چڪي آهي. اکين ۾ خمار بدران اڪيلي راهه تان هلندڙ گنڀيرتا جو اتي پاڇو پيو پوي. پڇڻ چاهيم ته ”مون کي ڪيئن سڃاتئه؟“ پر پڇيم ڪين.

هن منهنجو سوال جڻ ڄاڻي ورتو. جواب ۾ چيائين، ”اخبارن ۾ فوٽو ڏٺو اٿم. تنهنجا ليک ۽ ڪهاڻيون به سڀ جو سڀ پڙهندو آهيان.“

مان ڇا چوان؟ سمجهي نٿي پيو ته ڇا ڳالهايان؟ خير.... مون به پڇيو ”ڪيئن آهيو؟“

اِنهيءَ کان پوءِ هنڪي ڪراچيءَ ۾ انجنيري ڪاليج لاءِ وڃڻو
پيو (هميشه موجب ساڳئي هنڌ نه ڏسي، پڇائون ڪري اِهو
ڄاڻي ورتو هوم) پر حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ مفاصلو گهڻو؟
هر موڪل تي هُو حيدرآباد ۾ ايندو هو.

مون سپنا مڙهڻ شروع ڪيا. خوشگوار ڳالهين جا ڌاڳا ڪٽي،
ڪلپنا جي سئيءَ سان گهڻيئي پرت پرڻ لڳيس. هر هڪ خيال
دل ۾ لهرون پيدا ڪندو هو ۽ لهرن جي سطح تي منهنجي
زندگي ترڻ شروع ڪندي هئي.

ڌيري ڌيري هن جو به انتظار ڪرڻ بند ٿي ويو.
مونکي ڏک ٿيو پر ايترو نه! ڦٽندڙ جواني هڪ عجيب اوستا
آهي. ان اوستا ۾ صرف روشن ڏينهن ٿئي ٿو، اونداهي رات
اُتان ڪسڪي گم ٿي وڃي ٿي.

سنڌ جي آب هوا ۾ نيمگرين جي ڳلن ۾ گلاب ٽڙندا هئا.
خورش واري ڪاڏي ڪري لن ۾ تازگي هوندي هئي. باقي به
جو شڪل شبيهه ۾ چڱي اوچي هيس، تنهن البيلائي ۽ بيپرواهي
پري ڇڏي هئي مون ۾. پاڙي ۾ سڏيندا هئم "پڙن ڦٽي".
منهن مان رت پيو ٽمندو هو. مٿن مائٽن يا عزيزن خويشن وٽ
منهنجيءَ سونهن ۽ گڻن جي چرچا هئي. انڪري مون به هنڪي
وساري ڇڏيو. ٿورو پوءِ پيو به سبب بڻيو. مان حياتيءَ جي ان
موڙ وٽ پهتي هيس، جتي البيلائيءَ کي الوداع ڪرڻي پوندي
هئي ۽ گهر جون جوابداريون ڪلهن تي ڍونڻيون ٿي پيون.
پرائمري اسڪول جي منزل طئه ڪري، ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ
تيار ويٺا هئا. ان ڪري پيار ۽ شادي اهي ٻئي لفظ پنهنجون
معنائون ڪٽي مون کان دور هٽي ويا!

منهنجي وڏي ڀاءُ به ڪاليج اڌ ۾ ڇڏي نوڪري ڪئي
هئي. هو اُن هوءَ به ٻه درجا گڏ پڙهندو ويو هو. هن ٻيو نه خيال
ڪري فيصلو ڪيو ته منهنجي شادي ڪرائون يا هن سيٺي کي

نہ، مون ورِي پيار نہ ڪيو. منهنجو مطلب ان پيار سان آهي جيڪو منهنجي سوال ۾ سمايل آهي.

ها، ماڻهو ڪهاڻيون گهڙيندا آهن. ڇوڪري شادي نہ ڪري تہ ضرور افواهہ اُٿندا. ڪڏهين ٻئي تي آڱر ڏيکاري، ڪڏهين ڪنهن سان منهنجو نالو جوڙي، منهنجي مٿان پيار ٿڦيو ويندو آهي. پر پيار تہ دل تي اُڪرجندڙ چيز جو نالو ٿِي آهي.

شايد ان ڪري ٿِي، نہ ڪڏهين ڪنهن جي پرواهہ رهي اٿم ۽ نہ ڪڏهين ڪنهن جو ڊپ يا اِنتظار! نہ ٿِي ڪنهن کي رجهائڻ، مڃائڻ يا خوش ڪرڻ ايندو اٿم ۽ نہ ڪنهنجي خوشامد ڪري پيار جتائڻ.

نہ، مونکي شادي نہ ڪرڻ جو اَرمان بہ ڪينهي. شادي زندگيءَ جي منزل نہ آهي، نہ ٿِي شادي پيار جو مقصد آهي. وواهہ تہ هڪ سنسڪا آهي، سا بہ نهايت پراڻي. شادي ڪرڻ جيون جيئڻ جو هڪ سهج ۽ آسان طريقو آهي. شادي ڪيل پاڻ ۾ ائين ويجها مائٽ بڻجي وڃن ٿا، جيئن ڪي ٻيا مٽ مائٽ پنهنجا بڻجي وڃن ٿا. ها، ساٿ آهي، ويچارن جي ڏي وٺ آهي، ڏک سک جي ونڊ سنڊ آهي، پر ان ۾ لرزش وارو ۽ ڌڙڪندڙ پيار آهي؟ ان ساٿ ۾ انڊلٺ جي رنگيني آهي؟

ها، ڪڏهين من جي اندرين تهہ جي اَڪيلائي، هڪ سڃ جو اَحساس ڪرائيندي آهي. پر اهو بہ گهڙي پل لاءِ. ٻيءَ ڪڻ ٿِي زندگي پنهنجي پيچيدي چال ۾ ويڙهي ڇڏيندي اٿم.

پر زندگي ڇا هڪ عجيب چيز آهي؟ ٻه منٽ پهرين هڪ ٻن سٽن ڳالهائڻ بعد چيومانس "مونکي ته ڪاليج ۾ دير ٿي رهي آهي." هن مشڪي ڏنو ۽ اڳتي وک کڻي هليو ويو. پارڪ کي جذبات ۽ ڪلپنا جي حوالي ڪري ڇڏي وڃان ۽ جوان زندگي بهار آهي ۽ پوءِ ورهين بعد پهرين ڳالهائڻ جي واقعي کي سونهري تارن سان وڙهي ڇڏيان. پر اها حقيقت نه آهي. عملي زندگي صفا ٻي آهي.

جيڪي ڪتابي جملا ٿا ڳالهائين، سي به ٻين کي ٺڳيندا آهن. ڪيئن جوان ڏٺا اٿم جي ڪاليجي زندگيءَ ۾ پيار ڪندا آهن ۽ پوءِ ان پريتما کي ائين ڀلجي ويندا آهن، ڄڻ اها هئي ئي ڪين! ڪيترا ته اڳين پريتما جي پيار ڀرين گفتن جو پوءِ مذاق پيا اڏائيندا آهن. هڪ شادي شده مرد، پنهنجيءَ زال کي پٺيءَ ٻڌايو ته "هوءَ اڃا به ڪنواري آهي." زالس کلي چيو "ته پوءِ وٺي اچيس نه، نوڪرياڻي ائين به ملي ئي ڪين ٿي." ۽ پوءِ ٻئي ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳا. هڪ ٻه نه پر اهڙا جهجها ئي شخص ڏٺا اٿم.

پيار امر آهي، پيار هڪ پاڪ جذبات آهي، چوندڙ ته انگريزي ڪوتا "ڪانسٽنٽ لوَر" (Constant Lover) سڏيندڙ ڪويءَ جيان پيار ڪندا رهندا آهن، پر پريتمائون بدلائيندا هلندا آهن!

پيار، عمر، طبيعت، حالتن، فرصت ۽ جذبات جي گهرائي وغيره گهڻين ئي ڳالهين تي مدار رکي ٿو. پيار جا رنگ به انيڪ ٿين ٿا. عمر جي حساب موجب اوُ سطحي يا گهرو پڻ بڻجي ٿو. عورت ۽ مرد ۾ وڏي ۾ وڏو فرق اهو ئي آهي ته گهڻي ڀاڱي مرد، جنس جي ڏريعيءَ کي ئي گهڻي ۾ گهڻي اهميت ڏئي ٿو. ان ڪري ئي شايد حسن ۽ جوانيءَ سان عشق جو گهرو تعلقات ڏيکاريو وڃي ٿو، پر استريءَ جي دل جو ماپو صفا ٻيو ٿئي ٿو.

ٿيندو، پوليس ٻهري سجاڳ آهي ۽ ملٽري پڻ سچيت آهي." پر جتان جتان لاريون لنگهيون ٿي، اُتي اُتي دردريون بند ٿينديون پئي ويئون. ماٺيون اَنومان ڪيو ته ضرور ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. رستن تي جڻ هانءُ گهمي ويو.

گهر ۾ اچي ريڊيو تي ڪولمبو ته اَميءَ منع ڪئي، "متان سمجهندا ته اسين مزي سان ويٺا ريڊيو تي راڳ ٻڌون." هونئن سڀئين ٻچي ٿي گهر جي ٻاهرئين در جي مٿان واري بتي ٻاري هئي، جا رات جو دير تائين پيئي ٻرندي هئي. ٻاهريون در پڻ رات جو يارهين ٻارهين تائين کليل رهندو هو، پر اڄ اَڱڻ ۽ ورانڊي جون بتيون به ڪين ٻارونسين. در کي جيڪي ٽن نمونن جا ڪڙا هئا، سي سڀ پائي ڇڏياسين.

گهر ۾ سڀ اچي چڪا هئا صرف منهنجو ڀاءُ حشو ڪين آيو هو. پناهگيرن جي فسادن جي انومان ڪري، سڀ جوان ٽوليون ٺاهي، پنهنجن گهرن جو بچاءُ ڪرڻ سکي رهيا هئا. حشو اهڙيءَ هڪ ٽوليءَ جو مهندار هو. هو دير سان ايندو هو ۽ سائيڪل تان لهي لٺيون سرڪائي ورانڊي واريءَ منهنجيءَ کٽ هيٺان لڪائي رکندو هو.

(مان نوار واري کٽ تي سمهندي هيس، جنهن تي چادر پيل هوندي هئي، پر حشو اَڱڻ ۾ واڻ واريءَ کٽ تي سمهندو هو) ڪن لٺين جي منهن وٽ فوني جون سيون ٺوڪيل هيون ۽ ڪن تي نديڙا ڪپ اَٽڪايل هئا. پنجاهه ست لٺيون ته ڪڏ تي زمين ڪوٺي اُن ۾ پوريل هيون، جئن فساد وقت اَساڻجي گهر جي ڪڏ تان لٺيون ڪڍي فسادين سان لڙي سگهجي.

نوَ لڳا، پر حشو نه آيو. سامهون گهرن جي ماڙين وارا در پڻ بند هئا. ٻاهر سنائو ڇانيل هو. اُها هيرآباد جتي رات جو ٻارهين هڪ تائين هوٽلن اَڳيان فوني تي رڪارڊ پيا وڄندا هئا، "ڪيا ڪارن هئه اَب روني ڪا...... ڪيا ڪارن"، ٻرف وارن کي

ورق ستون

جڏهن مونکي زندگي ۽ موت
جو گڏيل احساس ٿيو

موت وس ۾ نه، زندگي وس ۾
ڪيڏو نه بي اختيار آهيون اسين
— لڇمڻ ڪومل

ريڊيو تي ظاهر ٿيو ته ملڪ کي ورهايو ويندو. اخبارن ۾ خبر آئي ته سڄو سنڌ پاڪستان کي مليو آهي. پناهگيرن سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. هڪ ڏينهن ٻڌوسين ته حيدرآباد ۾ پنج هزار مسلمان اچي لٿا آهن، جن مان ڪي مسلم هاسٽل ۾، ڪي سلاٽن جي باڙي ۾ ۽ ڪي مدرسي ۾ رهايا ويا آهن. مسلم هاسٽل اسانجي گهر جي ساڄي پاسي واري رستي تي هئي. فضا ۾ ڊپ، هوا ۾ هراس ۽ دلين تي دهشت ڇانئجي ويئي. باقي ته جو هاسٽل مان نڪري ڪن نوجوان - مسلمانن نعرا هنيا ته ”هيرآباد جون حورون اسانجي حوالي ڪريو“ تنهن ته آئي باقي دلين جي ڌڙڪڻ تيز ڪري ڇڏي! هر هڪ گهر ۾ ڇوڪرين کي سيکاريو ويو ته مسلمان گهر ۾ گهڙي ته بجليءَ واري پلنگ جي ٻن ٽنگن ۾ آڱريون وجهي بٽڻ هيٺ ڪري پاڻکي ختم ڪجو. گهرن ۾ ڏو ٽئي - زهر جون ننڍڙيون پڙيون پڻ ورهايون ويئون، جيئن ڏکئي وقت ۾ زالن کي ڪم اچي سگهي.

شام جا ڇهه لڳا ته لائوڊ اسپيڪر جو آواز ٻڌي مان پنهنجيءَ گهٽيءَ جي منهن وٽ وڃي بيٺيس. پوليس لارين جي قطار لنگهي رهي هئي ۽ اهي ٻڌائي رهيا هئا ته ”دنگو فساد ڪمن

پوڻي ۽ ڪملا کي پرينهن هتان روانو ڪيو.

مون ڏانهن منهن ڪري چيائين "پرينهن معنيٰ سڀاڻي رات. تمام ٿورڙيون ضروري چيزون کڻجو."

ٻلا مان ڇوڪري! مون وٽ هٿ سان مقيش ڀريل ساڙهي هئي. بادلي سان ساڙهي ڀرڻ شروع ڪئي هيم، جا اڃا اڌ ٿي هئي. ڪٽ تي ريٽي سان ڀريل چادر پيئي هئي، جنهنجي چوڌاري اميءَ ڳنڍين واري جهالر هڻئي هئي. رهڻي تي آر سان مڙهيل ڪَوَر پيل هو. رنگين ربنون، ڌاڳن سان ڀريل ٽوپي، ننڍن پائلين واريون ٻڙيون، ڪنڊ تي نالو ڀريل رومال، دل جا اُڌما ڀرڻ تي اُنار ڀل واريون ڪاپيون، موڙن وارا ڪتاب، پڙهڻ لاءِ سنگمرمر جي ميز، لڏڻ لاءِ پينگهو؛ ٻڪل واري گهاگهري، دڇتيءَ ۾ جاري تي ٿهيل منڊر... ٻلا جا ڇڏيان ۽ جا کڻان؟ منهنجون شيون جا هتي ڇڏي وڃڻ جهڙيون هيون؟

سڄي رات مان پاسا ورائيندي رهيس. منهنجي ساهيڙي ڪلان جا چوندي، ٻڌايئه ته ڪين! هريءَ ته چيو هو ته منهنجو ڀاءُ ٻاهر آهي، مونکي ڪيرائي ڪونهي. ڊپ جي ڪا ڳالهه ٿي ته مان ۽ ڀاڀي ٿورو وقت اچي رهنديونسين. اها جا چوندي ته لکي ڀچي ويئينءَ؟ ٻلا مان ۽ ڪملا وڃون ۽ ڀنيان ڪجهه ٿئي ته اسانجو گهرو حال ٿيندو؟

منهنجو وڏو ڀاءُ ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي ويو هو. هنوءَ کان سواءِ ٻيا ٻه ننڍا ڀائر هئا. اسين فوٽا ڪيائڻ وياسين. جدا ٿي اَلائي ڪٿي وڃي پئون، نه هڪ ٻئي جا فوٽا اسان وٽ هجن. مون اميءَ سان گڏ فوٽو ڪيايو ۽ ڪملا منهنجي ننڍي ڀاءُ سان. اَمي پئي روئي "مٺن گهرو ڦهر ڪيو آهي؟" منهنجو ننڍو ڀاءُ پيو سمجهائيس "هندستان اسانجي وڏي ماءُ آهي. سمجهه ته اتي ٿيون وڃون." اميءَ چيو "ڏوڙ پئي وڏيءَ ماءُ کي، جائي پئي انهن مٺن کي، جهڪي اباڻن کان ٿا اسانکي وڇوڙين."

پريان پريان سڏ پيا ٿيندا هئا ”او ڪارا! اَئين آئي جي برف ڏيئي وڃ“، جوان دڪانن اڳيان شرطون ويٺا ٻڌائيندا هئا ته گهٽيءَ ۾ گهٽا ڪيلا ڪير ٿو کائي، نانيون آڪاٽيون پيٽون ٻڌائينديون هيون ته ”ڪنو ڪنوار ڪٽي ڪيئن پڳو؟“، نانگي وارا لوڙاوا ڳائيندا ويندا هئا ”عمر مارو ئيءَ کي ڪٽي ويو، ڪٽي ويو، ڏنارن کي ڏاڙو هٽي ويو، هٽي ويو“! اَئي اڄ ڄڻ راڪاس گهمي ويو هو!

در تي ڪڙڪو ٿيو. سڀ جا سڀ سچيت ٿيا. اَميءَ ڪنهن کي اڳيان وڌڻ نه ڏنو. ”ڪير آهين؟“ ”مان آهيان- حشو، دروازو کوليو.“

اَڄ حشو چپ هو. اسانکي بيحد گهڻو عجب لڳو. هونئن هو ايندي ئي گپ شپ هڻڻ شروع ڪندو هو. رجب اَڄ ڇهه ڪچا ٻيدا کائي ويو! فقيري اَڌ ڪلاڪ هٽ جي ٿڙيءَ تي برف جو ٽڪرو جهليو! شهديءَ سلاٽي کي اهڙي مار ڏني جو ٻولاٽيون پيو کائي! نانوءَ اهڙي لٺ ڦيرائي جو اسين سڀ سمهي پياسين.“ ... پر اڄ سندس منهن اُداس هو. هن چيو:-
”حيراباد جي چوڌاري پناهگير وسيل آهن. لاهور مان آيل مسلمانن اَڄ مارڪيٽ ۾ وچ رستي تي گانءِ ڪٺي.“

اَسانجو سڄو بدن ڄڻ صرف ڪن بڻجي پيو. آهستي آواز ڪري هن چيو ته ”فيصلو ڪيو اٿن ته حيراباد مان سڀ زالون ۽ ڇوڪريون نڪرن. پهرين ڪنوارين ڇوڪرين کي ڪڍڻ جو بندوبست ڪبو. اڄ ئي اَڌ رات جو هڪ لاري هتان نڪرندي ۽ ميرپور خاص رواني ٿيندي. اُتان ئي اُنهن کي ٽرين ۾ چاڙهي ڇڏبو!“

”پر ٻه اهي ڪٿي وينديون؟“ منهنجي ماءُ پڇيو.

”اهو به بندوبست ڪبو. مون به شام جو هڪ ماڻهو جوڌپور موڪليو آهي. اُتي ڪا ننڍي وڏي جاءِ مسواڙ تي ڪري ايندو.

دل ته رُنو پئي، پر اکين مان آنسون وهيون ٿي. ڊريون بند ڪري تمام تکيءَ رفتار سان لاري هلي. پنهنجي ئي وطن ۾ چورن جيان لڪي هلي رهيا هئاسين!

اڃا سج ڪني ڪين ڪڍي هئي ته اسين ميرپورخاص پهچي وياسين. ميرپورخاص ۾ منهنجي ماسات جو گهوٽ چڱي هلنديءَ وارو هو. چيائين هڪ سڄو ڳاڏو بوڪ ٿو ڪرايان، پر سامان جون ڳوٺڙيون نه کڻجو. ٻئي ڏينهن منهنجي ماءُ جي سؤٽ جون ڌيئر ۽ ننهر به آئي اچي پهتيون. ميرپورخاص مان رات جو ٽي بجي نڪتاسين ۽ ريلنگس تي بيٺل ٻن ڊبن ۾ اوندهه ۾ چڙهياسين.

ٽرين هلي، پر اڌ ڪلاڪ بعد مسلم آفيسر ٽرين جي بيهاري اسانجن ڊبن ۾ اچي چڙهيا. هڪ منهنجيءَ مائٽياڻيءَ فٽن کنيو هو. فٽن جي پرن مٿان پاڻ چڙهي ويٺي هئي ۽ پؤنپ باٿ روم ۾ رکيو هئائين. ٻيءَ سبط جي مشين جو هينڊل لاهي انگي ڪري ڪوکي ۾ کنيو هو. آفيسرن لڪڙي کڻي سڀ چيزون ٽوڪيون ۽ سڀ ٽنگون لاهي کڻي ويا. ان وارو ڊبو پڻ روڪي ڇڏيو هئائون.

سوير صبوح جو جوڌپور پهتاسين. ڪل پنجاهه ڄڻا هئاسين. سڀ زالون ۽ ٻار!

ويٽنگ روم ۾ ترسياسين، جو اسانکي خبر ئي ڪين هئي ته ڪٿي وڃي رهڻو آهي. منجهند جو هڪ ڇوڪرو اسانکي وٺڻ آيو. ٽانگن ۾ چاڙهي هڪ بنگلي ۾ وٺي آيو.

بنگلي ۾ ته پهتاسين، پر کائون ڇا ۽ پيئون ڇا؟ ٻه جٽيون نڪري پاڙي وارن وٽ ويئون. هڪ پاڙي واريءَ راجستانيءَ چيو ته اسين صرف ٻارن کي کاڌو ڏينداسين. هن جي گهر مان ڪلاڪ بعد سندس زال ۽ ننهن کاڌو تيار ڪري کڻي آيون ۽ ٻارن کي قطار ۾ وهاري پنن تي کاڌو پرچي ڏنائون. شام جو

شام جو اسين ماسيءَ جي گهر وياسين ۽ اُتي ڪوٺ ۾ ٻاسڻ وجهي سمهيائون پئي. جڏهن اسان چيو ته اسين اڄ رات جو حيدرآباد ڇڏيون ٿا، تڏهين ٻاڪ ۽ سليمانون ته اهي ۽ لڏڻ جي تياري ڪري رهيون آهن. منهنجي ماسي، سندس ننهن ۽ ڪنواريون ڌيئر، ٽي پرٽيل، انهن جا ٻار سڀ پئي سنڀريا. ماسيءَ چيو ته توهين ۽ اسان سان ٽي نڪرو، اڳ پوءِ مينگهي (اَمي) ۽ هلي.

گهر اَچي اَمي ۽ سنڀري. جيئن ٿي نديءَ پيٽيءَ ۾ پنهنجا ٻڙا ۽ چادرون وڌائين، تيئن ٿي سندس سڀ رڳون روئي پيئون! گهر جا سڀ ڀانڊا سڏڪا ڀري روئڻ لڳاسين. ان رات نه ڪنهن ڪجهه کاڌو، نه پلڪ ٿي جهپڪي.

اها رات اسين ڪمرن ۾ گهمي، هڪ هڪ چيز کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسڻ لڳاسين. گهر ته ڇا پر اَڱڻ ۾ بيهي مٿان واري آسمان جي ٽڪري کان به مون موڪلايو. ڀاڙي جون پنيون، آکيري ۾ وڻل جهرڪيون، ٽڪريءَ جي ٿڌي هوا، گهٽيءَ ۾ وڻل اَڇي ڪتي، گهوڙن جي لاءِ پاڻي پيئڻ وارو حوض، گهر جي ٻاهران ڪبوترن لاءِ ٺهيل آکيرو، سڀيئي ياد اَچڻ لڳا. سترهين سيپٽمبر! منهنجي جنم جو ڏينهن! پر اهو ڇڻ موت جو ڏينهن هو! رات جو ايائي ٻجي گهر مان نڪتاسين. منهنجا ٽيئي ڀائر ۽ اسين ٽي ڄڻيون. گهٽيءَ مان نڪري اَسين ور ور ڪري پٺيان پيا نهاريون "وري اَلائي هنن نظرن کي هي ڳالهيون ڏسڻ لاءِ ملنديون اَلائي نه."

منهنجيءَ ماسيءَ جو گهر ويجهو ئي هو. لاري گهر ٻاهران ٿي بيٺي هئي. ٻهراڻ سامان چڙهيو. سيڌي جون نڍيون ٻڪون ۽ پيٽيون ۽ ٻاسڻ جون ٻه ڳوٽيون، پوءِ اسين چڙهياسين. مردن چيو "جلدي ڪريو. رستي ۾ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. روئڻ ڌوئڻ وڃي ميرپور خاص ۾ ڪجو"

ٻيا مسلمان اُنهن گهرن ۾ ويهي ٿا رهن.

اهڙيون ڳالهيون ٻڌي زالون سوچڻ لڳيون ته اسين اجايو نڪري آيون آهيون. پنهنجن مردن کي ڪجهه ٿي پيو ته اسانجو جيئڻ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو؟ منهنجو ماسات خبرچار لهڻ آيو هو. ٻن ڏينهن بعد اُهو واپس ٿي ويو ته سيني کيس ليلائي چيو ته "اسانجي گهر ۾ نياپو موڪلج ته هتي هليا اچن. ٻيو اسانکي ڪجهه به نه کپي. ڀل پيرين اُگهاڙا ئي هليا اچن."

ٻارهن ڏينهن بعد اسان وارو اناج جو گاڏو اچي پهتو. منهنجي ماسات جي گهوٽ ٿورا ڪپڙا به موڪليا هئا. ٻارهن ڏينهن هڪ سائينءَ وڳي ۾ گذاريا هئاسين ۽ هڪ ويلو کاڌو کاڌو هئوسين. تيرهين ڏينهن سنان پاڻي ڪري پيٽ ڀري کاڌوسين.

آهستي آهستي ڇوڪرا ۽ مرد به ايندا ويا. پر سڀ هٿين خالي آيا هئا. منهنجو ڀاءُ حشو دهليءَ پهچي ويو هو. هن اُتان پئسا ۽ ڪپڙا موڪليا. باقي منهنجو وڏو ڀاءُ ڪراچيءَ ۾ رهجي ويو هو. جڏهين خبر ملي ته اُهو به سنڌ مان نڪتو آهي، تڏهين چڻ جشن ملهايوسين.

هاڻي بنگلي ۾ ڪل ڇاهٺ ماڻهو هئاسين. ڪيئون ٻاٿ رومس ۽ ڪچا اَڏ ٻل رنڌا ناهي، هر ڪو اَڌ ڪمرو ۽ ڪمرو وٺي پنهنجو ڪٽنب سنڀالي رهيو هو. رات ٿيندي ئي محفل لڳندي هئي. آکاڻيون، پهاڪا، راڳ، چرچا، ٻارن جون مسخريون ڏسي ۽ ٻڌي اَباڻو وطن ڇڏڻ جو ڏک حال وساري ويٺا هئاسين. ٻار ته خير بي خبر هئا، پر وڏن جي دلين ۾ رکي رکي هڪ سوئو چڀندو رهندو هو. ساڻيهه جي ڪا خبر، ڪٿان ڪو سنڌي لفظ يا سنڌيءَ سان وابسته ڳالهه ٻڌي، من مان ٻجليءَ جي ڌارا وهي هلندي هئي.

مهنو به ائين ئي گذريو. سڀني ڀئي سمجهيو ته اڄهو ٿيو

پڻ اهڙيءَ طرح ٻارن کي ڪاڏو مليو. وڏن سيٺين ورت رکيو. رات جو سمهڻ لاءِ نه ڪٿون هيون، نه ٻتيون. نه هندُ، نه وهاڻو. ساڙهيءَ جي پلوَ سان پاڻ ڍڪي سيٺيون سمهيون، پر ننڊ ڪٿي ٿي اچي؟

ٻئي ڏينهن يارهين ٻجي صبح جو ٽريل مڱن جي دال ڪير و ڪٽڻ آيو. سيٺين هڪ سير ٻه سير ونئي ڦڪ پريا. ٻنگلو شهر کان ٻري هو. رستن جي اسانکي ڄاڻ نه هئي، پئسا هٿا پر کپي وڃڻ جو ڊپ هو، ان ڪري خرچيون ئي نه پيا.

ٽئين ڏينهن صابڻ وٺي ڪپڙا ڌوتاسين، پر پا ساڙهي يا بلائوز- ٻيا وري ٻئي ڏينهن ڌوتاسين. ڪلون ٻه پيا ۽ روئون ٻه پيا. اَسان ۾ هڪ ٻرجستي مائي هئي سندري. اها ٽئين ڏينهن سيٺين کان پئسا وٺي چيزن جي است لکي خريداري ڪري آئي. ڪٽڪ وٺي پيسائي آئي ۽ ٻاجهيون وٺي آئي. اُپائي ڏينهن بعد اَسانکي اَن ڪائڻ لاءِ مليو، پر ڏهين سندري رنڌڻي جي دروازي ٽي ٻيهي سيٺين کي مانيون ڳٽي ڏيندي ويئي. ٻارن کي هڪ ۽ وڏي کي ٻه ۽ پرسان ٻاجهيءَ جو وڏو چمچو، وڌ پڪ ڪجهه به نه.

پيٽ ۾ ڪجهه ويو نه دل ۽ دماغ کي چورڻ جو ساهس ٿيو. سيٺين کي پنهنجي ڇڏي آيل ٻارين جي چنتا ٿي. سيٺين خط لکيا ۽ ڪن تارون ڪيون. ستن ڏينهن بعد منهنجي ماسيءَ جو وڏو پٽ اچي جوڌپور پهتو. گهر جون خبرون نه پهتيون، پر اُنهن پاڻ وڌ پڪ بي چئن ڪيو. ڪراچيءَ ۾ ٽرين پهتي آهي، جنهن مان هزارين پنجابي مسلمان لٿا آهن - لباڻن سڪن (سنڌي سکن) کي مندر ۾ گڏ ڪيو هئائون، انهيءَ مندر جي چوڌاري گاسليٽ هاري مسلمانن مندر کي باهه ڏيئي ڇڏي ۽ اندر ويٺل هڪ سؤ سٺ سک جلي ويا. حيدرآباد ۾ رات جو گهر گهر جو دروازو کڙڪائين ٿا، جن گهرن کي ڪلف پيا آهن، اهي ڪلف

ورق اٺون

مان - ماسترياڻي

جهان ۾ جي رهين نہ رهہ تون جهان جي فضا کان فارغ
اُڏام ڪڪرن جيان مٿاهون وسط سان نالو نهال رهندو
— ليکراج عزيز

منهنجو بابا اسان کان ڇهين ڇهين مهني درجا ٽپارائيندو هو. هر روز رات جو ميز جي چوڌاري وهاري اسانکي پاڙهيندو هو. منهنجو ڀاءُ ڏمون ۽ مان ٻہ ٻہ درجا ٽپيا هئاسين. ڏمون نہ مئٽرڪ تائين درجا ٽپيو. نديو نارائڻ سال ۾ ٽي درجا ٽپندو هو. تڏهين بہ هوءَ سڄي حيدرآباد جي پرائيمري اسڪولن ۾ پهريون نمبر ايندو هو. تن ڏينهن ۾ هوشيار شاگردن جو ڏاڍو قدر ڪيو ويندو هو. ڇوڪريون نہ ٽئين درجي ۾ ئي پهريون انگريزي پڙهنديون هيون. ان ڪري مون چوڏهين ورهين ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو.

نتيجو ظاهر ٿيڻ کان اڳہ ۾ ئي ليو وٺڪسيءَ ۾ ٽن مهنن لاءِ حيدرآباد جي مشنري اسڪول مس پگٽ گرلس هاءِ اسڪول ماستري ڪيم. اسڪول جي هيڊ مسٽريس مس هينورٿ هڪ قدردان انسان هئي. مونکي چوي نہ تون انگريزي ۽ حساب پاڙهہ. حساب سان منهنجي ڏريان ٿي دشمني هئي، سو انسپيڪشن ٽي نہ ٻپ وڃان مون ٿي بورڊ تي حساب غلط ڪيو! انسپيڪٽر هو مسٽر ٽيڪچند، سو منهنجو ڏڏندڙ هٿ ۽ ڳاڙهو منهن ڏسي ڳالهہ سمجهي ويو. هن رپورٽ ۾ لکيو تہ

The teacher was feeling very nervous.

پگٽ گرلس اسڪول ۾ عارضي طرح نوڪري ڪري پوءِ

نياپو مليو ته ٺاپر ٿي آهي، سک سانت آهي، هاڻي هليا اچو، پر اهڙي خبر اچي ڇو ٿي؟

هاڻي سڀني آکيرو ڦٽائڻ جي تياري ڪئي. فقط هڪ ڪٽنب اتي جوڌپور ۾ ٿي رهيو. اُنهن اتي بسين هلائڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو، باقي ڪي دهليءَ ويا ته ڪي بمبئيءَ. ڪي ٻڙودي ويا ته ڪي ڪلڪتي؛ وڃي نئين سر زندگي شروع ڪيائون. منهنجا ٻه ڀائر ۽ ڀيڻ اَڳـا پڙهيا پئي. بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڪورس لاءِ ٻڙودو پڻ ڳنڍيل هو. ان ڪري اسين ٻڙودي هليا آياسين.

ٽرين ۾ چڙهڻ وقت انئين لڳو، ڄڻ جهڙي هوندي ٿي پنهنجي زندگيءَ جو موسم ڏٺو اٿم؛ هاڻ هڪ اَنجان جيون جي پٺيءَ لڳي پيئل آهيان.

حيدرآباد ۾ ته شاگردياڻين جي هر هڪ ڳالهه ۾ اُسانجو دخل هو. ڪپڙا ڪهڙا ٿيون پائين، ڪِن ڳالهائين ڪيئن ٿيون، گهر ۾ ڪيئن ٿيون ورتن، سڀني ڳالهين جي اسانکي خبر هئي. اُنهنجا مائٽ به اُنهنجي گهرو وهنوار بابت اسان سان صلاح ڪندا هئا، "ناول ٿي پڙهي"، "ڇو نٿي مڃي" - "اوهين ڇڙٻيوس" چئي ٻارن جي پالنا جي جوابداريءَ ۾ اسانکي به حصو وٺائيندا هئا. نه رڳو اُهي ڇوڪريون جنکي مان ڪا نه ڪا وشيه پاڙهيان، پر اُهي، جي منهنجي اسڪول ۾ پڙهنديون هجن اُنهنجي وهنوار لاءِ پڻ مان جوابدار بڻجي سگهيس ٿي.

اُهڙي ماحول مان واقف ٿي جڏهين بمبئيءَ ۾ مون شاگردياڻين سان ننڍين ڀينرن جيان هلت ڪئي، تڏهين ورهاڱي بعد شروعاتي دؤر ۾ اُهي پڻ مونکي پنهنجي وڏي ڀيڻ ٿي سمجهي مون سان وهنوار ڪنديون هيون.

پر پوءِ بدليل هوا جو اثر اُنهن تي به ٿيو هو. اُنهن شاگردياڻين مان ڪي ڪجهه ئي سال پوءِ هانگ ڪانگ ۾ ڏٺيون هئم پر اُهي چانديءَ جا چڳا لٽڪائي ائين نهارڻ لڳيون هيون جڻ مونکي سڃاڻن ئي ڪين.

ورهاڱي ڪري سرڪاري توڙي نيم سرڪاري قاعدا سخت ڪين هئا. اُسياويڪ حالتن جو فائدو وٺي گهڻين جي مامن چاچن وڏوائن ۽ اُنائن جا پئسا ۽ ترندا هڙپ ڪيا هئا. اُهڙين ڇوڪرين جون مائر زار زار روئي چونديون هيون ته اُسانجين ڌيئرن کي ٻن چئن سالن ۾ ئي لائق بڻاءِ جيئن چوپڙا ڏسي سگهن. اهڙيون ڇوڪريون ٿيون انگريزي پڙهنديون هيون ته مان اُنهن کي پنجين درجي ۾ وهاري، سخت محنت ڪرائي، هڪ سال اندر ڇهين درجي تائين پهچائي ڇڏيندي هيس. سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ مان ڇهون درجو، جنهنکي هاڻي نائون درجو ٿو چئجي، جي ڪلاس ٽيچر هيس. پرنسپال اُجواڻيءَ

پنهنجي اسڪول ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول ۾ رکي، سيکاريندي هيس. بعد ۾ اُن ئي اسڪول ۾ هندي ۽ سنسڪرت پاڙهڻ شروع ڪيم، پر هڪ ٻن ڪلاسن کي سنڌي به پاڙهڻ ڏنائون. جڏهن انسپيڪشن وقت مسٽر هگوراڻي منهنجي ڪلاس ۾ آيو، تڏهن "اُميد" لفظ جي اُچار تي مون سان بحث ڪيو. پهرين ته هن کي غصو آيو، پر پوءِ دلچسپيءَ سان هن منهنجا دليل ٻڌا. رپورٽ ۾ هُو منهنجيءَ نڊرتا ۽ بيباڪيءَ کي ساراهائي ويو. تنهن وقت تائين منهنجو حوصلو ۽ همت وڌندا ئي رهيا هئا.

ساڌُو واسواڻيءَ جي سکيا اَنوسار مان هميشه اَڇيءَ وائل جي لسي ساڙهي ئي پهريندي هيس، پر پوءِ زماني جي روپ رنگ سارُو مان بدلجڻ لڳيس. اُن وقت ماستريائڻي ۽ شاگردياڻيءَ جو رشتو نهايت پيار ۽ پنهنجائپ وارو هوندو هو. شاگردياڻيون ڪنهن به وشيءِ ۾ مدد وٺي سگهنديون هيون. اوڙي پاڙي ۾ رهندڙ ٻار به پڙهڻ ايندا هئا ۽ شاگردياڻين جا مائٽ به گهور گهو قربان پيا ويندا هئا. جن ڇوڪرين کي مون حيدرآباد ۾ پاڙهيو هو، اُنهن مان ڪي اٺاويهن سالن بعد اسپين جي ڪئنري آئيلينڊس ۾ گڏيون. "دادي، دادي" ڪندي، آءٌ پاءُ ڪرڻ مان پاڻ ئي نه پيئون! مان اُتي پيڪيج ڊيل جي ٽڪيٽ وٺي هوٽل ۾ رهڻ کائڻ جو بندوبست ڪري ويئي هيس، پر هنن مونکي هوٽل ۾ پير رکڻ به نه ڏنو، نه ئي ٽوئرسٽ (سئلانيءَ) جيان سير ڪرڻ ڏنائون. "دڪان ۾ پير گهمايو" — "ٻارن جي مٿي تي هٿ رکو" — "نيرن منهنجي گهر" — "اَڄ مون وٽ" ڪندي، اَٺ ئي ڏينهن هنن مونکي گهيري رکيو.

پر سنڌ جي فضا کان بمبئيءَ جي فضا بلڪل ٻي هئي. سنڌ ماڊل اسڪول ۾ هڪ شاگردياڻي عجيب نموني ۾ وار ڪٽائي آئي هئي. مون کيس ڇنڊيو ته اُمالڪ جواب ڏنائين، "ان ۾ اوهانجو ڇا وڃي؟" جواب ٻڌي مون چرڪ ڀريو.

مانُ ملهہ ڪجھہ قدر مٿي ٿيو آهي پر ڪن ڏينهن ۾ هر روز اُسي نوي ڪاپين تي ڳاڙهي مس جا چٽ ڪيندي ڪيندي چيلهہ ٻي چٻي ٿي ويندي هئي! اُن ڪانسواءِ رپورٽ بڪس، فيءَ جو حساب ۽ پٺتي پيل يا نئين آيل شاگردياڻيءَ سان مٿي ماري ڪرڻ.

ها - سو ڳالهہ پئي ڪيم رو ننڍڙ شاگردياڻيءَ جي. نٿهڻ اُس ۾، ڀڳهر ۾ شل ٿي، وڏي چاڙهي چڙهي وڃي سندس ننڍڙي گهر ۾ پهتيس. سندس ڀاڄائيءَ چغلي هڻي هئي شاگردياڻيءَ جي ننڍڙيءَ ڀيڻ کي پاڻ هٿان مار کارائي هئي ۽ پاڻ پنهنجي ڏال جي چوڻ تي ٻارهن سالن جي ننڍڙيءَ ڀيڻ کي واڻ سان ڪڙي، ڪٽ جي پاڻي سان ٻڌي ويو هو. ائين رات گذري چڪي هئي ۽ مٿان اڃا منجهند ٿي هئي!

ڇوڪريءَ جو ننڍو ڪم ٻه اُلي وهي ويو هو. لڄ ۽ شرم وچان هوءَ ٻيٺي ٿي اُٿي پيٺي هئي. مون هڪل ڪري ڪٽمڙي گهري ۽ واڻ ڪتري کيس آزاد ڪيو. سندن ڀاڄائيءَ کي مون شرمايو، پر اهڙا انسان سڌرندا ٿورو ئي آهن! ٻه چار سال پوءِ ٿي ٻڌم ته اُها ننڍڙي نينگر ٿوري وڏي ٿي ته هڪ ڊرائيور سان ڀڄي وئي!

ماڻهو اهڙين ڇوڪرين کي ڏوهي ٺهرائيندا آهن، پر گهر مان اُها ڇوڪري ٿي ڀڄندي آهي، جنهنکي ماءُ جي پيار کان وانجهيل پوندو آهي. اسانجي سماج ۾ نينگرين جو قدر ٻنهہ ڪينهي. اُهي ٻئي ڀيڻ ڏاڍيون سهڻيون هيون پر ڦهار ڀاڄائيءَ کين پيار:دلار کان بلڪل وانجهيل رکيو هو جنهن ڪري ئي ننڍڙي نينگر اُسپاو يڪ جيون گذارڻ لاءِ مجبور ٿي هئي.

حيدرآباد ۾ ڇوڪرين جا مائٽ مون وٽ گهٽ ايندا هئا. هتي بمبئيءَ ۾ مان ڇوڪرين جي مائٽن وٽ کين سمجهائڻ ويندي هيس. گهڻو ڪري اُهي چوٿين درجي (هاٿوڪي ائين

جي ٻن ڏينهن، اُشا ۽ گوپيءَ کي به مون نائون ڏهون گڏ ڪٽايو. اهڙيون ڪيتريون ڇوڪريون هيون جي منهنجي مدد سان ٻن سالن ۾ ٽي درجا پڙهي پاس ڪري ويون.

ورهاڱي ڪري اسڪول ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺي آيل هئي. ڪي تمام جهونن خيالن واري ڪٽنب مان آيل ڇوڪريون هيون ۽ ڪي تمام غريب گهرن مان. ڪن ڇوڪرين جي مائٽن، ڏيتي ليتي ڏيڻ جي توفيق نه هئڻ ڪري پنهنجون ڌيئر ڪنهن ٻڍي شاهوڪار مائٽ کي ڏيئي ڇڏيون هيون. اهي نهايت مايوس ۽ پروس زندگيءَ جون شڪار ٿيل هيون. ڀلا ڌارين کي ڪهڙو سواد ايندو؟ اهي انهن نينگرين کان هيٺان پاڻي ڀرائي مٿي کڻائيندا هئا، رڌائيندا هئا، سمائيندا هئا ۽ مٿان به ڇار ٽڪ ۾ هڻندا هئا. مونکي حال پائي ٻڌائي سڀ ڪجهه ٻڌائينديون هيون. پنهنجن سڳن پائون پيرن ۾ انهنجو موهه هوندو هو، انهن کان وڇڙي اهي دکي ٿينديون هيون. انهنجي مائٽن کي سمجهائي مان کين واپس پنهنجن گهرن ۾ موڪليندي هيس. هڪ نينگر جنهن کي ماءُ پيءُ نه هو، سا موڪل بعد ڪلاڪ ڏيڍ ٿرسي پوءِ گهر ويندي هئي. پاڻي ڇو؟ ڇي منهنجو پاڻ هن وقت گهر ۾ مائي ڪاٺڻ ايندو آهي، مان اُن کان ڊڄندي آهيان. اُهو مائي ڪاٺي آفيس ۾ وڃي نه پوءِ مان گهر وڃان. هڪ ڏينهن روئي چوي نه تون منهنجي گهر هل.

مان به موڪل ڪاٺپوءِ به ٽي ڪلاڪ اسڪول ۾ ويٺي هوندي هيس. ويهٺو ٿي پوندو هو. منهنجو گهر هو اندريءَ ۾، سو ڪاٻين جا پهاڙ ڏيئي ڪيئن کٽي وڃان؟ ۽ مونکي پاڙهڻ لاءِ هيون چار ٽي پاشائون! ناٿين کي انگريزي ۽ سنڌي، مئٽرڪ کي هندي ۽ سنسڪرت! مضمون جاچي، گرامر جاچيان، گرامر جاچي پهاڪا ۽ اصطلاح درست ڪريان! ماستر جي حالت نه ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. اُجا هاڻي سنڌ ڀڳهار وڌيا آهن ۽ سنڌ

ماستريءَ جي پيشي کي بدنام ڪيو آهي. پر ماسترن کين ڇيو نه پوڻيءَ ماستريائڻين جي باري ۾ ڪجهه لکيو آهي ۽ نه ماسترن جي باري ۾، انڪري اسين نه ڪو به قدم نه کڻنداسين.

ڪلاس جي اندر مان پنهنجين شاگرد ياڻين سان نهايت سختيءَ سان پيش ايندي هيس پر ڪلاس کان ٻاهر مان هنن سان گڏجي ٽهڪ ڏيندي هيس. ٻيون ماستريائيون ان ڳالهه تي مون سان گهڻو حسد ڪائينديون هيون. ڪلاس اندر ڪنهن به ڇوڪريءَ چوٽيءَ يا وارن کي هٿ لاتو، يا گهاگهري يا لوريس ڏانهن ڌيان ڏنو نه مان کين سزا ڏيندي هيس. يونيفارم جو رواج هاڻي پيو آهي پر منهنجي ڪلاس ۾ اصل کان يونيفارم هو. مان پنهنجين شاگرد ياڻين کي اڇي رنگ جهڙو ڪپڙو پهرڻ لاءِ نه چوندي هيس پر رائل بلو رنگ جو ريشمي گهاگهرو يا اسڪرٽ هڪ ئي هنڌان سبارائي پائي اچڻ تي زور ڏيندي هيس. ڪلاس ۾ ٻئي اهڙي هوندي هئي جو شاهوڪار ڇوڪري پنهنجي غريب هم ڪلاسڻ لاءِ فراڪ وٺڻ لاءِ بدل رهندي هئي. ڪا شاگرد ياڻي بيمار ٿي پوي نه سڀني کي ونس وڃي ڪيس وندرائڻو پوندو هو. غريب هئڻ جي حالت ۾ ڦوڙي ڪري اسين سڀ گڏجي مسنبيون سنگترا وٺي ونس وينديون هيونسين. هڪ ئي نينگر جو ڏک اٿم. پشپا ديارام نالي هڪ ڇوڪري بيمار ٿي ۽ ڪي. اي. ايم. هاسپيٽل ۾ داخل ٿي. هوءَ بوريوليءَ رهندي هئي، انڪري اسانکي جلد خبر نه پئجي سگهي. جڏهين خبر پيئي تڏهين سنڊس هوڏي پاءُ فارم ڀي صحي نه ڪئي. ڇوڪري گهڻي بيمار هئي. هن لاءِ خاص مهانگيون سيون کپنديون هيون. مون ڪنهن سنستا سان بندوبست ڪيو پر پاڻس چوي نه فارم تي صحي ڪندس نه ماڻهو اسانکي غريب سمجهندا. مونکي سٺي گهر جي ڇوڪري نه ملندي! وقت تي پوري دوا درمل نه ٿيڻ ڪري هوءَ ڇوڪري گذاري ويئي!

درجي) بعد ڪلاسن پڙهڻ ڇڏائي، کين ”روٽي ڪرڻ لاءِ“ گهر ۾ ويهاري ڇڏيندا هئا. ڪي مائٽ ته ٻارن کي مار ڏيندا به هئا، پر گهڻي ڀاڱي مائٽ ڳالهه ٻڌي مڇي ٿي ويندا هئا ان ڪري مونکي خوشي ٿيندي هئي. هڪ ساڇيٽيءَ نالي ڇوڪري هئي. هميشه پهريون نمبر بيهندي هئي. نائين درجي ۾ پاس ٿي ته ماءُ چويس ته ”ڀائرن لاءِ ويهي روٽي ڪر.“

حيدرآباد ۾ منهنجين شاگردياڻين جا مائٽ پڙهيل ۽ سمجهو هئا. هتي ته ماسترياڻيون به عجيب هيون. هڪ ماسترياڻيءَ ڪنهن نينگر کي اسڪول جي ڇوڪري سان گهمندو ڏٺو. ٻئي ڏينهن ٽيچرس روم ۾ ڇوڪريءَ کي گهرائي، سڀني ماسترياڻين اڳيان ڪيس بي عزتو ڪيائين. ٻي هڪ وڌوا جي هڪ ئي ڌيءُ هئي. هن ڪنهن کي ڪو خط لکيو هو جو ڪنهن ماسترياڻيءَ جي هٿ چڙهيو. ماسترياڻيءَ سندس ماءُ کي گهرائي اهڙو ته ڪايو جو ويچاري وڌوا ڌڄي وئي ۽ ٽڪڙ ۾ پنهنجيءَ ڌيءُ کي ڪري هڪ شرابيءَ سان پرڻايائين.

گهڻي ڀاڱي اسڪول جا ماستر ماسترياڻيون بيٺل پاڻيءَ جي تلاءَ جيان هيون. دنيا جي واءِ سواءِ جي کين ڪا به خبر ڪين هئي. ٻه سال کان ساڳيا سبق، ساڳئي نموني پاڙهيندا ٿي رهيا. مون هڪ آرٽيڪل لکي جنهن ۾ هڪ پئراگراف ماسترياڻين بابت هئي. مون لکيو ته ماسترياڻي اها ٿي بڻجي جا وڌوا آهي، يا ڪنهن سبب سندس شادي ٿي نه سگهي آهي، يا وڏيءَ عمر ۾ شادي ڪرڻ سبب کيس اولاد نه ٿيو آهي، انڪري اهڙيون ماسترياڻيون ڇوڪرين جي ڪشور اوسٿا واري اميلائي، ڪلبل ۽ زنده ٽهڪ ۽ بيپرواهه حالت سهي نٿيون سگهن.

ماسترياڻين ۾ هلچل مچي وئي. ٻئي ماڙي تي ڇوڪرن جو سيڪشن هو. اهي ماسترن وٽ ويون ۽ انهن کي چيائون پوپٽيءَ خلاف نندا جو ٺهراءُ پاس ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هن

۽ ھڪل سان اچي چيائين، ”مينگهي! تو پڙهين ڪٿي آهي؟“
مان ڪمري کان ٻاهر آيس ته چيائين ”هندواسيءَ ۾ لکي
ڏهلڪو ته گهڻو مچايو اٿيئي، پر ڪي. سي. ڪاليج لاءِ اپائنٽمينٽ
جو آرڊر ٻارڊر هجيئي ته ڦاڙي ڇڏ، ڇو ته پروفيسر مان ٿي
آهيان. جي منهنجيءَ جتيءَ ۾ پير پائڻ جي جرئت هجيئي ته
منهنجيءَ جاءِ تي وري تون ئي اچج.“

پر ١٩٦٠ع ۾ نئشنل ڪاليج - باندرا ۾ سنڌي اسپيشل ڪورس
شروع ٿيو ته ان لاءِ مونکي مقرر ڪيو ويو. پر اُتي سڄي وقت
لاءِ پروفيسر ناگراڻي اڳم ئي هو، سو مان پارٽ ٽائيم باندرا واري
ڪاليج ۽ پارٽ ٽائيم چرچگيٽ واري ڪامرس ڪاليج لاءِ
مقرر ٿيس.

جيتوڻيڪ مون ڪاليجي تعليم شخصي طرح ئي ورتي
هئي پر ڪاليجي ماحول مان چڱيءَ طرح واقف هئس. اَڪثر
پنهنجين ساهيڙين سان حيدرآباد واري نئشنل ڪاليج ۾ پيرئڊس
به اٽينڊ ڪندي هيس ته هر اُتسو يا ڊبيٽ ۾ پڻ شامل ٿيندي
هيس. حيدرآباد ۾ ڪاليجي شاگرد صحتمند ۽ سٺا چرچا ڪندا
هئا، جنهنڪري پروفيسر ۽ شاگرد گڏجي اُنهن لطيفن ۽ چرچن
جو حض ماڻيندا هئا. ڊبيٽ وقت تمام زوردار يا چرچن سان
ڀريل تقريرون ٿينديون. ”ماڪ پارليمينٽ“ وقت ڪارا جُبا
پائي شاگرد لياقت ۽ هوشياريءَ سان ڪارروائي هلائيندا هئا.
پڙهڻ وقت اُهي نهايت گنڀير بڻجي ويندا هئا پر هونئن
ٽهڪڙا ئي ٽهڪڙا پيا گونجندا هئا. ڇوڪرين جي هلڻ ۽ ڳالهائڻ
جو نقل ڪرڻ، ڪنهن تي ”پگل ساز“، ڪنهن تي ”ليڊي ٽاور“
ٽالا رکڻ، پروفيسرن جي ذهن جي پرک ڪرڻ لاءِ ڪانئن عجيب
سوال پڇڻ روزاني ڳالهه هئي. جتي هندستان جي ٻين وڏن
شهرن ۾ ”رئگنگ“ يعني نون ۽ اَبوجهه شاگردن کي بدني ۽
مانسڪ طرح بيحد ستائڻ جو مرض ڦهليل هو اُتي حيدرآباد ۾

سنڌ ماڊل اسڪول جي شاخ دادو ۾ هئي، جتي صرف ڇوڪريون پڙهنديون هيون. اُن جي هيڊ مسٽريس مس ورڌومل ميرچندائي هئي. ڪاروبارن سان اَڻبڻت ٿيڻ ڪري ٽي چار ماستريائيون ۽ هيڊ مسٽريس اسڪول ڇڏي ويئون. سندن پنهنجيون شاگرديائيون پڻ جهجهي تعداد ۾ اسڪول ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويئون.

مان پنهنجي اسڪول ۾ سينئر ڪان جونيئر هيس پر ڏرمداس مونکي گرلس ماڊل هاءِ اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس بڻجي اوڏانهن بدلي ڪرڻ چاهيو. اُن ڪي مهنا ٿي رهڻو هو ڇاڪاڻ ته بانيڪارن جي پنهنجي مائٽياڻي جلد ڊگري وٺي اُتي اچڻي هئي. پر مون اها آڇ قبول ڪئي ڇاڪاڻ ته دادو منهنجي گهر جي ويجهو هئي ۽ اسڪول اسٽيشن جي بلڪل سامهون ٿي هو. بس منهنجي ”ها“ ڪرڻ ۽ سنڌ ماڊل اسڪول جي ڪن ماستريائين جو مون سان وير رکڻ.

حقيقت جي ڄاڻ ته مونکي پوءِ پيئي، ته گرلس ماڊل ۾ گڙٻڙ آهي، ته شاگرديائين ڪي پرچائي اسڪول نه ڇڏڻ لاءِ پرياٿڻو آهي، ته اُن ٿورائي ڪي مهنا رهڻو هو وغيره. مون صرف هڪ ٿي خيال کان ”ها“ ڪئي هئي جو منهنجي ماتا بيمار ٿي پيئي هئي انڪري مسافريءَ جو وقت گرانٽ روڊ تي وڃڻ کان گهٽو ٿيو ٿي. عهدي جي لالچ مونکي ڪين ڇڪيو هو. پر سڀ جي آکاڻي ڪنهنکي ٻڌائجي؟ گرلس ماڊل اسڪول ۾ مون پنهنجو ڪم سر انجام ڪيو. اسڪول جون شاگرديائيون پوري ميزان تي آيون ۽ مان واپس پنهنجي اسڪول سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ موٽي آيس.

١٩٥٧ ۾ ڪي. سي. ڪاليج ٿي کليو ته سنڌي وڀاڳ لاءِ مونکي مقرر ڪيو ويو. پر ڪاليج کلڻ کان هڪ هفتو اڳ ليکراج عزيز منهنجي گهر آيو. هو منهنجي ماءُ جو مائٽ هو. ڏاڍيءَ حجت

ٿئي. انگلنڊ مان موٽي پاڻ سان دوکو ٿيل محسوس ڪري به پارواڻي ٻالڪ ۽ ماءُ کي اپنائڻ چاهيو پر ماڻهن انهن ٿيڻ نه ڏنو. هن شخص پنهنجي پيار جي نالي زندگي قربان ڪري ڇڏي! راڳ، شراب ۽ اڀياس انهن ٽن چيزن ۾ هن جون راتيون ورهائجي وينديون هيون. پنهنجي نوڪر ’موري‘ کان هو سڄي رات سنڌي ڪلام ٻڌندو رهندو هو ۽ شراب پيئندو رهندو هو ۽ صبوح جو شيڪسپيئر جو روح ٻٽجي جاڳي اٿندو هو. هنجون آڱريون سگريٽ وچ ۾ جهلي جهلي پيليون ٿي ويئون هيون. هنجون اکيون شراب جا ڍڪ پي ٻاهر نڪري آيون هيون پر جڏهين اهو قداور ۽ ڏيا وارو شخص ڪارو جبو پهري ڪلاس ۾ گهڙندو هو، تڏهين سندس شخصيت جي چوڌاري ذهن ۽ هوشياريءَ جي لاٽ ٻرندي رهندي هئي. مان سمجهان ٿي ته جنهن به شخص پارواڻيءَ جو هڪوار ئي ليڪچر ٻڌو هوندو سو ڪيس ٻاعمر وساري نه سگهيو هوندو.

ڪاليج جي اُسئون وقت به پارواڻي شاگردن ۾ دلچسپي وٺندو هو. منهنجو ڀاءُ موٽي تمام سهڻو آهي. اسڪولي جيون ۾ هو ”رڪمڻي“ ۽ ”رادا“ جا پارٽ کڻندو هو. ڪاليج ۾ اچي هنجو ڳائڻ تمام مشهور ٿي ويو. هڪ دفعي هن بلند آواز ۾ ”آيا طوفان“ راڳ ڳايو ۽ پارواڻيءَ سندس نالو ئي رکيو ”مسٽر طوفان“. مون پنهنجي اسڪول ۾ سنسڪرت ۾ ”شڪنتلا“ ناٽڪ پيش ڪيو هو. ناٽڪ ڏسي پارواڻي اُمالڪ پٺيان اسٽيج تي اچي مونکي واڌايون ڏنيون.

اسڪول هجي يا ڪاليج، سنڌ ۾ ماسترن ۽ شاگردن، پروفيسرن ۽ شاگردن جي وچ ۾ هڪ خاص قسم جو ناتو هو. ”منهنجو اسڪول“، ”منهنجو پروفيسر“ ٻڌڻ يا چوڻ وقت اسانجي دل گد گد پيئي ٿيندي هئي. تعليمي ڪيتر ۾ جيڪي به پاڻ ۾ گڏ هئا، سي هڪ ٻئي لاءِ وقت ۽ محنت خرچ ڪرڻ لاءِ هميشه

شاگرد پنهنجي جيون جي ان انمول وقت کي ڀرپور نموني ۾ آنند دايڪ بڻائڻ جو جتن ڪندا هئا. ڪلاس ۾ ڪو ڇوڪرو ڪُڪڙ جو آواز ڪندو ته پروفيسر چوندو ”بيضو لٿو آهي ڇا؟ مان پاڻ اڄ ناشتو ڪري نه آيو آهيان.“ – مئٿميٽڪس جو پروفيسر هو مسٽر شاستري. هُو ڏاڍو حاضر جواب هو. پڙهڻ پاڙهڻ جي وچ ۾ ٺهڪ ڏيئي اهي پنهنجو دماغ تازو ڪري وٺندا هئا. شاگرد چوندو هو ته اوهانجو نالو ”مسٽر ڊارڪ“ رکڻ کپندو هو ۽ پروفيسر اُمالڪ پنهنجا سفيد ڏند ڏيکاري جواب ڏيندو هو ”غلط، مان ’مسٽر لائيٽ‘ آهيان.“ ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ناتو نهايت سنهڀ پورڻ ۽ فخر ڀريو هوندو هو. ڪاليج جو پرنسيپال هو مسٽر پارواڻي. جڏهين هُو شيڪسپيئر جا ناٽڪ پاڙهيندو هو، تڏهين اخبارن ۾ خبر ڇپبندي هئي ۽ شڪارپور ۽ ڪراچيءَ مان شاگرد سندس ليڪچر ٻڌڻ لاءِ هليا ايندا هئا. جڏهين هُو پورشيا جو ڊائلاگ پڙهندو هو تڏهين سڀ شاگرد ۽ پروفيسر ”عش عش“ ڪرڻ لڳندا هئا.

پارواڻيءَ شادي نه ڪئي هئي. هُو پنهنجو پگهار شاگردن کي اسڪالرشپس ڏيڻ، ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ تي خرچ ڪندو هو. هن انگلينڊ ۾ تعليم ورتي هئي ۽ انگريزي وشيه ۾ انگريز شاگردن کي جيتي انگلش لٽريچر ۾ پهريون نمبر پاتو هو. شخصي جيون ۾ هُو هڪ ناڪامياب اِنسان هو. هنجو ڪنهن حيدرآبادي نينگر سان نينهن هو. مون اڳ ۾ ئي ٻڌايو آهي ته حيدرآبادي عامل ڇوڪريءَ کي پيار ڪرڻ جي اجازت بلڪل ڪين هئي. ڇوڪريءَ جي مائٽن پارواڻيءَ کي چيو ته تون انگلينڊ مان پڙهي اَچ ته پوءِ توکي ڇوڪري ڏيون. هُو انگلينڊ ڏانهن اُسهيو ته پٺيان مائٽن ڇوڪريءَ کي پرڻائي ڪلڪتي موڪلي ڇڏيو. ڇوڪريءَ جي گهوٽ کي ڪسي ڌنڌي ۾ دشمنيءَ سبب ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ پاسٽيومس ٻالڪ جي ماءُ

هڪ شاگرد فرسٽ ييئر سائنس پاس ڪري ٻيو سال گم ٿي ويو ۽ ٽئين سال اچي انٽر سائنس ۾ داخل ٿيو. پڇڻ تي ٻڌائين منهنجو ڀاءُ اڳئين سال فِي ڀري نه ٿيو سگهي. سائنس پڙهڻ ڪري مان ڪٿي ڪم به ڪري نٿو سگهان ان ڪري هڪ سال گهر ۾ ويهي ڪمايم. ڪو صبوح جو کير جـون ٻوتلون پهچائي، خالي ٻوتلون سان ڀريل ڳوٺڙي کڻي ايندو هو ته ڪو ڳوٺڙيءَ ۾ ڪوپ ساسر وجهي ايندو هو جيئن وڃڻ وقت ڪٿي نه ڪٿي وڪڻي رپيو ڏيڍ ڪمائي وجهي. ڪاليج مان پڙهي سڀ گهٽو ڪري ڪنهن ڪنهن دڪان يا آفيس ۾ وڃي ڪم ڪندا هئا. ڪو اَجمير مان چمپل گهرائي فوٽ پاٿ تي وڃي ويهندو هو ته ڪو مامي يا چاچي وٽ ڪم ٿيو سگهندو هو. مڪاني شاگرد ساڻن همدرديءَ جـو ورتاءُ ڪرڻ بدران مٿن چٿرون ڪندا هئا ڇاڪاڻ ته ان ڪاليج ۾ ڪار ۽ سانتاڪروز جـي بنگلن ۾ رهندڙ واپارين جا ٻـار پڙهڻ ايندا هئا.

ڏٺي ڏٺي سنڌين ڊوارن ٻرپا ڪيل ڪاليجن جو رنـگ رُوپ بدلجندو ويو. اَج اُتـي نه سنڌي شاگرد ڏسڻ ۾ ايندا، نه پروفيسر. صرف آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ ۽ ٻن سالن لاءِ مقرر ڪيل ڊيمانسٽريٽر ئي سنڌي هوندا آهـن. پنهنجن جو گلو گهٽڻ، سندن لياقت جو قدر نه ڪرڻ، غيرن جي خوشامد ڪرڻ ۽ ڪين پروموشن ڏيڻ وغيره جهڙا اَنيڪ مثال هنن ڪاليجن ۾ ملندا.

سچ چوڻ جي همت ٿورن ۾ ٿيندي آهي ڇاڪاڻ ته ٻڌندڙن ۾ سچ ٻڌڻ جي طاقت موجود نه هوندي آهي. خوشامد جو سهارو وٺي عهدو حاصل ڪرڻ وارا به ملي ٿي ويندا آهن. پوءِ ڀلا هيءُ سچ ٻڌڻ ٿي ڇو؟

چوڏهن سالن ۾ پاڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو اَٿم ۽ اَج مـان ڇاونجاهه سالن جي آهيان. ٻائيتاليهن سالن ۾ ڇا ڇا نه ٻڌو ڏٺو

ٿيار رهندا هئا. تڏهين پئسي جو مطلب هو پر انکي ايتري اهميت
نه هئي. هوشياري ۽ لياقت جو وڏ يڪ مان هو. رشتن ۽ ناتن جي
نفيسائي محسوس ڪئي ويندي هئي. سکيا وٺندڙ ۽ ڏيندڙ
وٽ هڪ قسم جي پوترتائي هئي. شاگردن ۾ نمرت ۽ مروت
مروت هئي ته ماسترن وٽ پيار ۽ پنهنجائپ.

پارٽ ۾ اچڻ تي پروفيسر خوشيرام ڪندناڻيءَ جي جفاڪشيءَ
سان باندرا ۾ نئشنل ڪاليج کليو. ڪندناڻي صاحب هڪ عجيب
شخصيت جو مالڪ آهي. جتي اڄ ڪاليج آهي اتي هڪ سنسان
جهنگل هو. ڪڏهن هو گوڏي جيڏيءَ گپ ۾ پٽت جا پاچا
مٿي ڪري مزدورن سان گڏ بيٺل ڏسبو هو ته ڪڏهين پٿرن
پري لاريءَ ۾ ڀرائيندو سان گڏ وينل. پيٽ ڪٽائڻ کان وٺي پروفيسر
کي اپائنٽ ڪرڻ يا شاگرد کي داخلا ڏيڻ تائين سڀ ڪم هو
پاڻ ڪندو هو. هنجي ئي ڪشالن ڪري ممبئيءَ ۾ هيترا سارا
ڪاليج کليا آهن. سنڌي نه هجي ها، هڪ مرهٽو هجي ها ته
سنڌس شيوائن جو قدر ضرور ٿئي ها. پر هندستان جهڙي پرانتڪ
ڀيد ڀاون ۾ ورهايل ملڪ ۾ ڪندناڻيءَ جهڙا شخص بي قدريءَ
جو شڪار ٿين ٿا.

ڪندناڻي صاحب ئي پهريون شخص هو جنهن کي صبوح
وارن ڪلاسن هلائڻ جو خيال آيو. باندرا وارو نئشنل ڪاليج نه
رڳو سنڌين دوارا کوليل پهريون ڪاليج هو پر اتي گهڻي ۾ گهڻا
شاگرد ۽ پروفيسر پڻ سنڌي ئي هئا. سنڌي شاگرد ڪلياڻ مان
ڇهين بجي صبوح جو ٽرين پڪڙيندا هئا ۽ ستين بجي ٻه وڙون
پائيندا اچي ڪلاس ۾ شامل ٿيندا هئا. ان وقت جي انهن سنڌي
شاگردن جي جيون عجيب ڍنگ سان گذرندي هئي. مون
١٩٦٠ع ۾ ڪاليج ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو تڏهين مان شاگردن
مان ڪن جي پيرن ۾ اڳٺ سان ٻڌل چمپل، هڪ هٿ ۾ منجهند جي
ماني ڪيمل ۽ ٻئي ۾ ڪانه ڪاوڪري جي چيز ڍويل ڏٺي هئي.

ورق نائون

زندگي هڪ ناٽڪ

"داڻهن ڪهڙي ڪجي، ٿو ڪير ٻڌي؟
سڀ هتي ڪرٽو دَرگذر آهي"
— ارجن "حاسد"

ناني چوندي هئي تہ "مون ناٽڪ ڏٺا هئا 'راجا هريشچندر'، 'نل دميئنتي'، 'رڪمڻي - ستيياما' وغيره. ڇا تہ اُنهن ۾ راڳن جو مزو هوندو هو. هرشچندر جو پٽ جڏهين نانگ جي ڏنگ ڪري مرڻ تي آهي، تڏهين مترن کي ٿو چوي :-

"ڪيول ميول پائرو، ماتا ڪي حال سڻائجو،
هاءِ! تہ مونکي نانگ ڏنگيو،
روهت پٽ تہ هلي رهيو......"

اَميءَ وري "رام ليلائون" ڏٺيون هيون. شادي ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ ڪجھ وقت رهي هئي، جتي رام باغ ۾ رام ليلا ڏٺي هئائين. گهڻي ڀاڱي اُتر پرديش مان ڪا نہ ڪا ٽولي اَچي رام ليلا کيليندي هئي، پر سنڌي بہ پنهنجي سر ڪي نہ ڪي نظارا ناٽڪ جي ڍنگ تي پيش ڪندا هئا. اهي ياد ڪندي اَمي ڳائيندي هئي:

هاءِ ڙي مهنجي پتيءَ کي ڪير ٿو ماري،
لڇمڻ! ڪيئن ڪنديس مان هاڻ......
لڇمڻ لنهن تي ڌنش اُٿايو،
ليکو ڪنيا کي ڇوڏاري پاٿو،
هاءِ ماتا! رهج اندر ٿون هاڻ.

۽ سٺو هوندو، ان جو اندازو صرف مون جيان ٿي ٻياڪيءَ سان ڪجهه چوڻ وارا لڳائي سگهندا. سڀ سوُريءَ تي چڙهندو آهي ۽ سڀ چوڻ وارا پڻ ڦاهيءَ تي چڙهندا آهن. سڀ نه مرندو ناهي پر چوڻ وارا ڪن حالتن ۾ پنهنجو ڪجهه حصو مارائي يا کُهائي ٿي وجهندا آهن. منهنجي دل جا ته ڪي حصا ڦاسيءَ تي چڙهي چڪا آهن.

ناٽڪ جو فن وغيره اڀياس پڻ ڪيم. اسڪول ۾ ڪي ٿيٽرگيون
بيحد سٺيون هونديون هيون. چندرا هرڪشنداس، شيلا ڪشنچند
(لعل ڪرشن آڏواڻيءَ جي پيڻ)، ساوتري، شوپا وغيره اپسرائن
جي ڪنيائن کان گهٽ نه هيون. چندرا ڪي شڪنتلا، نه شيلا
کي پرمودا، چندرا راڻي پنگلا نه منجري راجا ڀرتري،
شيلا زيب النسا نه شوپا شواجيءَ جو پٽ شهاجي. ان طرح مون
سنسڪرت، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ ناٽڪ لکيا ۽ پيش ڪيا. ٻه ٽي
هفتا ڏهه ٻارنهن ڇوڪريون ۽ مان اسڪول جي هال ۾ ڇوڪرين
د واران آندل ساڙهين مان پوشاڪون ويهي سبنديون هيونسين.
ڪجهه وقت سبق ۽ ڪجهه وقت ريهرسل. وچ وچ ۾ اسانجي
هيڊمسٽريس مس ڪيمچند، آفيس مان نڪري اسانکي اتساهت
ڪندي ويندي هئي. منجهند جو کاڌو ڪنهن نه ڪنهن شاگردياڻيءَ
جي گهران اچي ٿي ويندو هو.

جڏهن مون سنسڪرت ۾ "شڪنتلا" ناٽڪ پيش ڪيو
هو، تڏهين حيدرآباد ڪاليج جو پرنسيپال پارواڻي اٿي اسٽيج
تي آيو هو ۽ مونکي اچي واڌايون ڏنيون هئائين ۽ جڏهين
"زيب النسا" ناٽڪ ٿي ڪيوسين تڏهين صبوح جو ٿي اسڪول
جي پٽين تي مسلمانن جون قطارون ويهي ويئون هيون ۽
"شيواجيءَ جي تاجپوشي" هنديءَ ۾ پيش ڪيم نه حيدرآباد
جي مسلم آفيسرن منع نامو ڪيائي موڪليو نه اهو ناٽڪ وري
ڪٿي ڪڏهين به پيش نه ڪيو وڃي!

اسڪول جون ڇوڪريون تمام گهڻي محنت ڪنديون
هيون. سنسڪرت جو هڪ هڪ لفظ مان کائڻن چاليهه چاليهه دفعا
چوارائيندي هيس (نه جيئن لهجو ۽ اچار ٺيڪ ٿيهي) نه به ڪين
ڪرڪنديون هيون. ناٽڪي رنگ جا ڪپڙا نه ڪٿان ملندا ٿي
ڪين هئا، انڪري پوشاڪون سبڻ ۾ به چڱي تڪليف ٿيندي
هئي. ان زماني ۾ اُن ۾ رهندڙ ڪنيائن جيان ڪلها اگهاڙا

ائين هڪ لمبي راڳ ۾ سيتا ۽ لڇمڻ جو ڊائلاگ سمايو پيو هوندو هو.

ڳائڻ اسانجي ناناڻي آکهه کي ورثي ۾ مليل هو. ناني جو ڏاڏو الائي ته ڏاڏو گرئيو هو. رات جي وقت منهنجي ماسي مٺي ايندي هئي ۽ پوءِ قصا ۽ ڪهاڻيون شروع ٿينديون هيون. ماسي يا سندس ٽون (٩) ٻارن مان ڪنهن مان ٻه، اها ڪلا ڪانه ويئي، پر امي ۽ اسين سندس ستن ئي ٻار ڳائيندا هئاسين. مونکي راڳن ۾ ناٽڪي ڍنگ يا ڊائلاگ وڌيڪ پسند ايندو هو. ان ڪري اسين گهر جا ٻار روا ۽ چادرون کڻي، کٽون اونڌيون ڪري، ڪڏهين نارد ۽ وشنو ته ڪڏهين سيتا ۽ لڪشمڻ ته ڪڏهين ڪرشن سداما بڻجي ڳائيندي نچندا هئاسين. گهر کي ڊانوانڊول ڪرڻ ڪري ۽ ٿئيا ٿئيا جا آواز اٿارڻ ڪري امي ڏاڍو ڪاوڙبي هئي، پر اسين رهون ڇو ٿا؟

اسڪول ۾ اسين ماستريائين کي به ڏاڍو زور پرينديون هيونسين ته ناٽڪ ڪريون، پر ڪاله ماستريائڻي اسان جي ڳالهه ڪين ٻڌندي هئي. مئٽرڪ ۾ آيس، تڏهين هڪ ننڍڙو ناٽڪ پيش ڪيوسين، جنهنجو آڌار سروجني نئڊوءَ جي هڪ ڪوتا هئي. ان ۾ مون پارسياڻي عورت جو پارٽ ادا ڪيو هو. ان کانپوءِ هڪ ناٽڪ، جو اسٽيج تي اچي نه سگهيو.

چوندا آهن ته مائٽ جيڪي پاڻ نه ڪري سگهندو آهي، سو پنهنجي ٻار ڪان ڪرائڻ جي خواهش رکندو آهي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد مون جڏهين پنهنجي ساڳئي اسڪول (ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول) ۾ ماستري ڪئي، تڏهين هر سال اتسوَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. جنهن ۾ ناٽڪ هڪ اهم اسم جي روپ ۾ پيش ڪندي هيس. ان وقت سنسڪرت ناٽڪ پڙهڻ شروع ڪيا هئم ۽ ناٽڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ناٽڪ جو اتهاس،

سامان وغيره رام رسيلا جي ٿي هٿ ۾ هو. ڌرمداس ڌرمي وشيه تي زور ڏيندو هو. اهي ناٽڪ مان هنديءَ ۾ لکندي هيس. ائين ئي "سدامو"، "ستيا ما"، "ڪرشن ليلا" وغيره ناٽڪ لکيم. رام رسيلا کي ٽوارڻي وشيه پسند هيون، ان ڪري "پدمڻي"، "مينا بزار" وغيره لکي تيار ڪيم ۽ مونکي اڪثر سنڌين جي حالت تي لکڻ وڻندو هو، انڪري "خاموش فرياد"، "زمانو بدليو آهي" وغيره ناٽڪ (سنڌيءَ ۾) لکيم ۽ پيش ڪيم. انهن مان سنڌيءَ ۾ لکيل ناٽڪ هندواسيءَ ۾ ڇپيا.

حيدرآباد جي ڀيٽ ۾ بمبئيءَ جون ڇوڪريون وڌيڪ مستيخور ۽ بي ڇيون هيون. اهي ڏاڍا نخرا ڪنديون هيون، انڪري انهنکي تيار ڪرڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿيندي هئي.

١٩٦٠ع ۾ اسڪول ڇڏي، پارٽ ٽائيم نئشنل ڪاليج ۾، پارٽ ٽائيم ڪامرس ڪاليج ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. انهن ڪالجن پاران "هيمون ڪالاڻي" نالي شبد ولي، مالهيءَ جو لکيل ناٽڪ "لاڏلي"، ڪيرت جو "سانوري ڪنوار" ۽ پنهنجون تيار ڪيل ٻئليز "سنڌي شادي"، "نيجڙي"، "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ" ۽ سنڌي ڀڳت "مومل راڻو"، "سورٺ" پيش ڪيم.

"سنڌي شادي" ٻئلي پيش ڪرڻ وقت ڀڳونتيءَ کان پنهنجون لکيل ساکيون ۽ لاڏا تيار ڪيل ڳارايم. اُن کان اڳ ۾ ڀڳونتي ناواڻي ساکيون ۽ لاڏا نه ڳائيندي هئي، ڇاڪاڻ ته پنهنجي آواز کي اڃا هن پروفيشنل ڪين ٺاهيو هو اُن وقت. نيجڙي ٻئلي لاءِ گووردن محبوباڻيءَ کان به گيت خاص تيار ڪرايا هيم. نئشنل ڪاليج ۾ سدا نڪر نالي هڪ ماهر نرتيه سيکاريندڙ هئي. هن جي مدد سان ئي لاڏا يا رانديون ٻئليز ۾ ڳنڍي جي سازباز ٿي پيش ٿي سگهندا هئا. نيجڙي ٻئلي ۾ هن

ڪري گيڙو پوشاڪ پهرڻ ۾ پڻ جڳر ڪيندو هو. پر اسان جي هيڊ ماسٽريس ڪنهن کي به تراساهت نه ڪندي هئي. ڏول گهرائي ڪپڙا رڱيندي يون هيونسين. مشين گهرائي هال جي وچ ۾ فراسيءَ تي ويهي سبندي يون هيونسين. اسڪول جڻ پنهنجو ئي گهر هو اساڄو! منهنجن ناٽڪن جي سڦلتا جو ان وقت مکيه ڪارڻ هو استاد جي محبتا ۽ عزت.

شاگرد ياٽيون نه خير، پر انهن جا پيئر مائر به مون کي عزت ڏيندا هئا. چندرا جي پتا ڊاڪٽر هرڪشنداس بمبئيءَ ۾ اڇي سالن جا سال منهنجين اکين جي علاج لاءِ مون کان ڪا في نه ورتي. پيڻ تي هٿ جوڙي چوندو هو ”گروجي! اوهان کان پئسا ڪيئن وٺبا؟“ شيلا جو پتا ڪشنچند گاندي ڊام ۾ پهچڻ جا وڃڻ وقت هميشه اسٽيشن تي وٺڻ ۽ موڪلائڻ لاءِ اچي سهڙندو هو. مان هميشه کيس چوندي هيس ”بابا! هيڏو سويل صبوح جو تڪليف ڇو ٿا وٺو؟“ ته امالڪ چوندو هو ”ڌيءَ! ڇا تون منهنجي وڏي ڌيءَ نه آهين؟“

ورهاڱي بعد بمبئيءَ ۾ آيس ته سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول، جتي مئي ۱۹۴۸ ۾ ئي اچي ماستري ڪيم. پرنسيپال ڏرمداس ڪشنتي يا ناٽڪن جو نه جنسي ڪوڏيو هو! هو جدم اشٽميءَ تي اسٽڪس پيش ڪرائيندو هو ۽ ساليانئي اُتسؤ تي ڀيڪمدار پروگرام! ڏرمداس هونئن ٻين ڪن ڳالهين تي خرچ نه ڪندو هو، پر ناٽڪن تي دل کولي هزارن جا هزار خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ويندو هو! ساهت منڊل دوارا تي چار پوءِ ئي ناٽڪ پيش ٿيڻ لڳا هئا. پنجواٽي جا ناٽڪ پڻ ۱۹۵۱ ڪانپوءِ ئي رنگ منچ تي آيا.

ڏرمداس کي مليو ”رام رسيلا“ جهڙو اُتساهي هدايتڪار. ناٽڪن جي اسڪرپٽ مان لکندي هيس ۽ ڇوڪرن کي ريهرسل پڻ مان ئي ڪرائيندي هيس. پر پوشاڪون، لائيٽ، اسٽيج جو

ڪالاڻي شبد وارلي سنڌيءَ ۾ پيش ڪرڻ تي ضد ٻڌي مونکان مدد ورتي آيو ۽ سنڌي شاگردن مان سنڌيءَ لاءِ پيار گم ٿي ويو!

ناٽڪ ۽ سنڌي، ٻنهي لاءِ منهنجي نيڻن جي ٽِڪ ۾ پوءِ به ڪمي نه آئي. مون پنهنجين ننڍڙين ڀاڻيجين کي نرتيه سيکارڻ لاءِ ماستر رکي ڏنو. دل ۾ آس هيم ته اُهي سنڌي گيتن تي نرتيه پيش ڪنديون. ننڍي سنگيتا پيچدار قدم کڻڻ ۾ نهايت پرٻيڻ ٿي، پر هوءَ ڀڄڻي ۽ لڄاري ٿي، اسٽيج تي اچڻ کان ڊڄ ڪندي هئي. وڏي ريڻوڪا چهري جا ڀاو پيش ڪرڻ ۾ نهايت هوشيار ٿي. هوءَ اسٽيج تي آئي، ٽي. ويءَ ۾ ٻه پروگرام ڏنائين، پر پوءِ ڪائنس ڪلا جي ساڃاهه نه پيئي.

پنهنجيءَ شخصيت ۽ شوق جو ٻار مون مٿائن وجهڻ نه چاهيو. زندگي ناٽڪ آهي ۽ الڳ زندگيءَ کي پنهنجا الڳ پڙدا ۽ سينس آهن. مون وارا پڙدا هنن کي وڻن، اهو ضروري ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

ماستر ياڻيءَ ۽ شاگرد ياڻيءَ جي وچ ۾ عمر جي ڪاهي ٻڻ وڏي ندي واهي آهي. ٻهران ٻهران ڀڳت اسڪول ۾ ماسترياڻي ٻٽيهه ته گهڻي ڀاڱي شاگرد ياڻيون عمر ۾ مونکان وڏيون ٿي هيون. مان چوڏهن سالن جي ته اُهي ويهن ايڪويهن سالن جون! ڇاڪاڻ ته اُن اسڪول ۾ مسلمان عهديدارن جون ڌيئر ڀيئر پڙهنديون هيون. ترڪيءَ جي ڪانسل جي ڌيءَ فرخنده تاج، ايراني آفيسر سان منگيل محبوب، وزير جي نياڻي فريدا، ان طرح مشنري اسڪول ۾ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ سکڻ جي لالچ وچان وڏيون وڏيون ڇوڪريون اچي اُتي پڙهنديون هيون. هاڻي مان ٻيڏي ٿيندي پيئي وڃان. ناٽڪ يا نرتيه پيش ڪرڻ ۾ محنت ۽ جفاڪشي کپندي آهي جا مونکان نٿي پُڄي، شاگرد ياڻين جا ماڻا ۽ نخرا سهڻا پوندا آهن، جي سهڻ جي مون ۾ توفيق ٿي

جي مدد سان سنڌي رانديون نرتيه جي نموني پيش ٿيون. ’ڇري ڇوڪري ڇم ڇم جي...‘ يا ’ڪنڊڻي ڙي ڪنڊڻي‘ يا ’پٽ پتالي....‘ پيرن جي ڇم ڇم سان پيش ٿيون ۽ ”ڇيڪلي ڇرو گلابي ٻڙو“ ٻاراڻو گيت هڪ نرتيه گيت ٺهي پيو. راند، سنگيت ۽ نرتيه جي سماگم ڪري ٻارڙا نئشنل ڪاليج ۾ پيش ڪيل ٽئبلوز گهڻيون سڦل وينديون هيون. جڏهين نئشنل ڪاليج مان بدلي ٿي ڪي. سي. ڪاليج ۾ آيس، تڏهين اُتي ديوڪا گدواڻي نالي نرتڪ ڪار کان مدد وٺڻ لڳيس. ديوڪا پڻ اوچ ڪوٽيءَ جي ڪلاڪار هئي، پر هنڪي جدا جدا آسن ڏيڻ جو ڏانءُ ڪين هو. ڪي. سي. ڪاليج جي اُستادن لاءِ ٻگونتيءَ جو آواز پڻ منهنجيءَ سهاپتا لاءِ ملي نه پيو سگهي. هونئن ساڪين ڳائڻ وقت زناني گيت ٻنيان ٻگونتي ۽ مرداني راڳ ٻنيان منهنجو آواز ڳونجندو هو ۽ سيٺين جي ڇنايٽيءَ جا راندين جي شغل وقت پڻ اسان ٻن جو آواز ڪم ڏيندو هو، پر هن ڪاليج ۾ ائين ٿي نه سگهيو. ان ڪري ڪڏهين گووردن جي گيت ”ٻوڪ ٻڪي آ، جهاڙ مڙي آ“ جو سولو ڊانس پيش ڪندي هيس ته ڪڏهين ڪنهن سٺي آواز واري نينگر کي تيار ڪري ڪانفنس سنڌي ڪلام ڳارائيندي هيس.

وقت آيو جڏهين شاگردن جو تعداد گهٽجي ويو. ٽمبئيءَ ۾ سنڌي وشيه پڙهندڙ شاگرد هر سال پنجاهه سيڪڙو گهٽجڻ لڳا! ۱۹۶۰ ۾ فرسٽ ييئر ۾ مون وٽ هڪ سؤ سترهن شاگرد هئا، ۱۹۶۱ ۾ اُنهتر ٿيا، ۱۹۶۲ ۾ پنجٽيهه. ان طرح سسندا سسندا وڃي ڏهاڪو کن بچيا! انهن پنجن ڇهن مان ڪلاوان ڳولهه ته ڪيئن ڳولهه؟ منهنجو شوق ناٽڪ، نرتيه يا ٽئبلي پيش ڪرڻ جو گهٽجي ويو! عجب اهو آهي ته سال ٻوءِ ٻه هڪ پنجابي شاگرد ”مسٽر ڪوچر“ نالي پڙهندي لا ڪاليج ۾ ”هيمون

ورق ڏهون

منهنجي پير ۾ چڪر آهي

"ڪونج اُفق ۾ رلندي رلندي
ساٿي ڳولهيندي – ڏک پلندي
لڙندي لڙندي – اُڪجي پوندي"

— شيخ اياز

لڳي ٿو منهنجي پير ۾ چڪر آهي. منهنجو پتا گشت تي ويندو هو. هڪ ٻه دفعو اُن ساڻ ڳوٺن ۾ ويئي هيس پر اُن وقت مان تمام ننڍي هيس ان ڪري ڳوٺن جا نالا به معلوم ڪين اٿم.

پتا جي ديهانت بعد حيدرآباد آياسين ته ساندهه ڪي سال ڪٿي به وڃي نه سگهيس. منهنجي ماسيءَ جو گهوٽ راءِ صاحب پوجراج ملڪاڻي ڪوئيٽا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ هر سال وڪيشن ۾ ماسي ۽ سندس سڀ ٻار ٽي مهنا ڪوئيٽا ويندا هئا. هڪ وڪيشن ۾ مان به اُنهن ساڻ گڏ ڪوئيٽا ويئي هيس جتان "زيارت" ۽ "چمن" جون هل اسٽيشنس پڻ ڏٺيون هيم. ڪوئيٽا ۾ توت ۽ شهتوت رستي جي وڻن ۾ پيا لٽڪندا هئا. چمن ۾ تازين بادامين ۽ تازن اَکروٽن ساڻ جهنجهيل وڻ پڻ ڏٺا هئم. انهي جڳهين جي آب هوا تمام سٺي هئي ان ڪري هر قسم جو ميوو جهجهو ۽ سستو ملندو هو.

ڪندنمل گرلس اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ شروع ڪيم ته اُتي ماستر ڪيمچند پڪنڪس جو شوقين هئڻ ڪري مهني ڏيڍ ڪنهن نه ڪنهن ٽنڊي ۾ ٻنين لئي گهمڻ وٺي هلندو هو. حيدرآباد جي چوگرد هئا ٽنڊا؛ ٽنڊو قيصر، ٽنڊو

ڪنهي، وقت ۽ زماني جي تقاضا موجب رنگ منچ جي ڄاڻ
۽ ڪلا جي وڪاس مان واقف ٿيڻ ضروري ٿيندو آهي جي
ڳالهيون مونکي هينئر دلچسپ نٿيون ڀاسن. ان ڪري هاڻي
ناٽڪ ۽ مان الڳ ٿي ويا آهيون هڪ ٻئي کان يا ائين چئجي
ته پنهنجي ناٽڪ جو ڪيليندڙ ۽ ڏسندڙ فقط مان ٿي آهيان!

غريب ڳوٺاڻا ۽ اهڙي آءُ ڀڳت ڪندا هئا جو ڀڇو ئي نه. جيڪي وس ۾ هوندو هئن، وٽ آڻي آڇيندا هئا. ڇاهه (لسي) جو مٽ ڀري، مٽيءَ ۾ ماڻي ڇڪائي اُن ۾ ڪڏ ڪوئي مٽ ڀُري ڇڏ يندا هئا ته برف جي ضرورت نه پوندي هئن، ڪلاڪ ڏيڍ بعد لسي تمام ٿڌي ٺڄي پوندي هئي، ٻاجهريءَ جو ڍوڍو ۽ مکڻ آڇيندا هئا ۽ پڪا ڏٻا هئن ته تمام ڀريان ٻوڙي وجهي گوشت وٺي ايندا هئا جو مصالح مڙا پنهنجا ڪم آڻي رڌي ڏيندا هئا. تمام اوجهڙ پاسي ۾ ڪڏهين نڪري ويندا هئاسين ته انبڙين کي پيهي، لوڻ ڳاڙها مرچ وجهي ڍوڍي سان کارائيندا هئا. شاهوڪار ميزبان هجي ته ڳالهه ئي ٻي ٺهي پوندي هئي. نوڪريءَ ۾ جنهن وٽ منجهند جي ماني کاڌيسين سو ڪنهن جو مٽ مائٽ يا واقفڪار نه هو تڏهين ۽ پنجٽيهه ڇٽيهه ڇيڙون ميز لئي آنديون هئائين. لاڙڪاڻي ۾ هڪ گهر ۾ ڇوڪريون ڏالون نه هيون ته اُتي سيٺي ڇوڪرن رڌي کارايو! شام جو رستي لاءِ سنهن پڪوڙن جي ٽوڪري ۽ ڀري ڏنائون.

ورهاڱي بعد ۽ اهڙو ئي هڪ آزمودو مليو هئم. ڪڇ جو دؤرو ڪري رهيا هئاسين. سڀ ڏينهن موريون ڳجرون ۽ ڪارڪون ٿي کائڻ لاءِ مليون هيون. شام جو جيپ جي ڀرسان ڪو لنگهي ويو ته واڪو ڪري جيپ کي بيهاريائين. "تو هين يو پٽي هيرانداڻي آهيو نه؟ بس، مون سان روٽي ضرور کائڻي اَٿوَ. مان پوجواڻي آهيان، هتي ڳوٺ ۾ نؤڪري ڪندو آهيان." جيپ مان لهي اسين اندر گهڙين ۾ سنڌس پٺيان وياسين. هڪ "پاڻيءَ" رسوئي کي چيائين "جيترو جلد ٿي سگهي پنجن ڇهن ڄڻن جي روٽي تيار ڪر. سڀ گيهه ڪم آڻج." گرم گرم کاڌو کارائي مٿان سيٺي کي اڌ اڌ سير "ميسوُ پاڪ" ۽ ڏنائين. چي: "هتي ڏاڍو سٺو ٺهندو آهي!"

هي آهن منهنجا مارُو ٿڙا! پوجواڻي عمر ۾ ننڍو جوان هو

محمد خان، ٽنڊو الهيار .... شام جو يا رات جو ٽانگي ۾ موٽبو هو ته ڪڏهن پڪل رانؤن، ڪڏهن ڪمند جون لٺيون وغيره وٺي اچبيون هيون. سڃاڻپ وارن جون ٻنيون ڏسي پوريون ڪيونسين ته پوءِ حيدرآباد جي باغن کي ورتوسين. هرومل جو باغ، مکي گوبند رام جو باغ، ٽولڻداس گارڊن، داس گارڊن ۽ ڪڏهن پري پري جي جهلون جا مهمان به وڃي ٿيندا هئاسين.

گهمڻ لئي ڏاڍ جو هري سو ماستر پاڻهين فيصلو ڪيو ته موهن جو دڙو هلي ڏسجي. ماستر ته هلڻ لاءِ تيار هئا پر مرد زالون گڏجي ڪيئن گهمڻ نڪرن؟ پڪنڪ جي ڳالهه ٻي هئي ڇاڪاڻ ته اُن لاءِ صبوح جو نڪري شام جو واپس اچبو هو. سو سڀ ڇوڪريون نڪتيونسين. گوميءَ جي پيڻ هئي شڪارپور ۾، وشنيءَ جي چاچيءَ جو گهر سکر ۾ ۽ گليءَ جي پڦيءَ جو لاڙڪاڻي ۾! پلا ٻيو ڪهڙو ٿي چاهيو؟ سکر جو ساڌ ٻيلو، براج، شڪارپور جا آچار ۽ مٺايون، سڀ ڏينهن چڙهي گهمي، چڙهي گهمي، ۽ رات جو کل ۽ ٻڪ ٻڪ! ڏاڍو مزو آيو. جنهن ڏينهن لاڙڪاڻي جي پر ۾ ڏوڪري ڳوٺ ۾ پهتاسين، مونکي اُچي ٻرو چڙهيو. مان ٻاهر جو کن کچرو تمام گهٽ کائيندي هيس، عادت هيم. باقي به جو سکر شڪارپور ۾ سوادي چيزون مليون سو مون گهر جو کاڌو کائڻ ڇڏي صرف ٻاهر جا ٻيهه، چٽا ۽ پڪوڙا ٿي کاڌا، سو اُچي تپ چڙهيم. پر موهن جو دڙو ڪيئن نه ڏسان؟ ٽانگي ۾ مٽيءَ جي دڙن ۽ کچن رستن جا جهوٻا کائي پهتاسين ته سهين پر مان گهٽو ڪجهه ڏسي نه سگهيس جو هلي ٿي نه پئي سگهان! اَج ڏينهن تائين اهو اَرمان دل ۾ رهجي ويو آهي ته وجهه ملندي به مون اها ناياب جڳهه انهن نه ڏٺي، جيئن ڏسڻ کپندي هيم.

موهن ڪلپنا هڪ دفعي چيو هو ته سنڌين جي مهمانوازي کي سارهايون ٿا، پر سنڌي ضرور شاهوڪار هوندا تڏهن ئي مهمانن کي پڇندا هئا. پر منهنجي آزمودي موجب سنڌ جا

ٻه ٽي هوندم. ڇاڪاڻ ته اُتي صرف ميٽنگ واري جڳهه ئي ڏسڻ لاءِ ملي ٿي.

غير سنڌين طرفان ليکڪ-ڪانفرنس جي ٿيندي ايندي هئي ته مان صرف پيپر لکي ڏياري موڪليندي هيس، ڪڏهين ڪڏهين اسٽري-ليکڪ سيمينارس ۾ شامل ٿيندي هيس، جنهن سلسلي ۾ نئنيتال ۽ حيدرآباد دکن ۾ وڃڻ ٿيو. غير سنڌي ساهتڪارن طرفان سنمان ملڻ جي حالت ۾ هڪ دفعي پوني، ٻيو دفعو اُچل ڪرنجي (ڪولهاپور) ۽ ٽيون دفعو نئنيتال پڻ وئي هيس.

شخصي جيون ۽ ڪم واري جيون کي مان ڪڏهين به ڪين ڳنڍي سندي آهيان. مونکي گهڻو عجب لڳندو آهي، جڏهين ٻي ليکڪ-مٽر، انهن ڳالهين کي علحدو ڪري نه سگهندا آهن. خاص ڪري هڪ عورت جي جيون کي.

مان مٿي چئي آئي آهيان ته جڏهين به سڀا جي ڪم سان ڪٿي وئي آهيان، ته هڪ ٻه گهمڻ جي جاءِ نه ڏٺي اٿم. احمدآباد ۾ اٽڪل پنجويهه ٽيهه دفعا وئي هوندس، پر اُتي صرف دياال مونواڻيءَ جي گهر ۽ ڌرمسالا (جتي ميٽنگ يا سيمينار رکيل هوندو) کانسواءِ ٻي ڪا ٽين جڳهه ڪين ڏٺي اٿم!

ان ڪري گهر جي ٻارن سان جدا گهمڻ نڪرندي آهيان ۽ پوءِ ڪنهن به اُن ماڻهوءَ سان ڪو نه ڪڏجان، جيڪو مونکي ”ڪم“ سان ڳنڍيندو آهي. شخصي طرح گهمڻ نڪران ته پوءِ ڪشمير، سملو، اوٽي، گوئا وغيره طرف ئي گهمڻ ويندي آهيان.

۱۹۴۹ع ۾ منهنجو پاڻ موٽي سينگاپور ويو ۽ ۱۹۵۵ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ڌمون هانگ ڪانگ ويو. مان ۱۹۶۰ ۾ ٻنهي سينگاپور ۽ پوءِ هانگ ڪانگ ويس. اُن وقت مان سنڌ ماڊل اسڪول مان ماستري ڇڏي وئي هيس. سوچيم پئي ته ٻنهي مان هڪ هنڌ رهڻ جو بندوبست ڪريان، پر مان هانگ ڪانگ مان منيلا

۽ هڪ رواجي ڪلارڪ هو! نه ڄاڻ نه سڃاڻپ. پر دل ڪيڏي وڏي، جگر ۾ ڪيڏي درياهه دلي ۽ من ڪيڏو قرب سان ڀريل!

بنارس ڪاليج جي ڪيزوئل (Casual) شاگرد ٿيڻ هڻڻ سانگي ٻه دفعا اُن طرف پڻ وڃڻ ٿيو. ٻهر ٽين ڀيري مان اَڃا ميران ڪاليج جي شاگرد ٿي هيس، سو شري ايسرداس جڳتياڻيءَ اسان سڀني کي چنڊي ڻ هليو ۽ لاهور ۽ امرتسر ڏيکاريندو هليو. موٽڻ وقت پروفيسر شامداس واسواڻي وٽڻ آيو ته هن مسوري ۽ هردوار گهمائي.

هندستان ۾ اچڻ بعد ٻهر پنجن جوڌپور ويا هئاسين. اُتان اڙودي ۾ اچي رهياسين ۽ پوءِ رڙهي بمبئيءَ آياسين. بمبئيءَ مان هر سال هڪ مهنو مهاٻليشور وڃي رهندا هئاسين ۽ ڪڏهين مٿيران يا لوناوالا پڻ وڃڻ ٿيندو هو. مهاٻليشور وڃڻ لاءِ پوني ۾ پڻ وڃڻو پوندو هو.

١٩٦٠ع کانپوءِ آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان تعلق رکڻ ڪري دؤرا ڪرڻا پوندا هئا يا سميلن، ليکڪ سيمينار ۽ ناٽڪ اُسؤ ڪرڻ سانگي ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ وڃڻو پوندو هو. انڪري گانڌي ڌام، احمد آباد، ڄئپور، اجمير، اُڄين، اندور، ڀوپال، ٻڙاگڙهه، ڄهوناگڙهه، لکنو، ڪانپور، ڪلڪتو، بئنگلور، ڌڙ ٻاد، مائونٽ آبو وغيره طرف وڃڻو پيو هو. دؤرا ڪرڻ وقت ته مند پٽڙو ٻڌجي قرٽو پوندو هو. رات جو بس ۾، ڏينهن جو ميٽنگ ۽ شام جو اُتسؤ. گهڻي ڀاڱي مون دؤرا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان گڏ ئي ڪيا. اُتم يا مالهيءَ سان صرف سميلن سانگي بمبئيءَ کان سميلن واري شهر تائين وڃڻ ٿيو هو. مالهي هروڀرو ڪم ڪين ونندو هو پر ڪيرت کي ڪم ڪانسواءِ ٻيو ڪي سُجهندو ئي ڪين هو. سنڌيت جي هلچل سانگي جڏانهن به ڪيرت سان گڏ وڃڻ ٿيو آهي اُتي شهر گهمڻ ته ڇا، سگهيو

بدران سڀ ڪائونٽ کي لڳي ويا! فرينچ شراب يا شئمپئن جا وڏا پيالا، هر ڪلب ۾ سيلانيءَ کي مفت ملندا آهن ۽ ڀاڙيءَ واريءَ ڪلب ۾ عاليشان بار. مون انهن کي چيو ته، سامهون چشمي ۾ ١٥-١٦ ننگيون نينگريون بيٺيون ترن، انهن ۾ توهانجو ڌيان نه ٿو ٽڪي؟ ته ڪلاڪ لڳا. چيائون امريڪا ۾ هن نموني جون ڪلبون نه آهن، پر هي سڀ اسان ڏٺو نه آهي ڇا؟

هڪ اسڪول-ٽيچر هئي. مون ڪانس پڇيو ته تون ڇو آئي آهين؟ چيائين "جيئن تون آئي آهين. دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو، ان ڏسڻ ۾ ڇا آهي؟"

مان به سڀ ڏسڻ چاهيندي آهيان، ماڊلس کي ڪيئن ٿا ٽريننگ ڏين، ناٽڪن ۾ ڇا ٿا ڏيکارين، ڊانس جا ڪهڙا نمونا آهن، وغيره. لنڊن جو "او ڪلڪتا" هجي يا اسپين جي "فلئمينگو"، ڏسندي سڀ آهيان.

پر هڪ ٻه دفعو ولائت گهمڻ بعد، وري ساڳي چيز ڏسڻ تي دل ڪين ٿيندي آهي. پهريون دفعو لنڊن جا دڪان ڏٺا هئم ته اکيون چرخ تي ويئون هئم، پر ٻيو دفعو لنڊن ويس ته مان ڪنهن دڪان تي چڙهيس به ڪين. ڪن ڪن ملڪن ۾ جهڙوڪ سينگاپور ۾ ته ريسٽورنٽس ڪانسواءِ ڏسڻ لاءِ ڪجهه به ڪينهي. ريسٽورنٽ يا هوٽلس ۾ به ماس-ڪاڌو لذتون وٺي سگهي ٿو، مون جهڙي ويشنوَ ماڻهوءَ لاءِ ته اتي ڪجهه به ڪينهي. جپان ۾ ڏهه ڏينهن رهيس ته صرف آئيسڪريم، ڪافي ۽ ميوو ٿي مليو. جيتوڻيڪ ميوو ائين کائيندي هيس جو ترشوپنت ملي جهڙوڪ اسٽرابيريز مٿان ڪريم يا ڪريم ۽ صوف، تڏهين به جڻ ورت رکيو هئم سڀ ڏينهن!

وڃي ٿي رهي هيس ته پرنسپال اَجوائيءَ جو خط (اُٿي) پهتو ته
اچي انٽرويو ڏي. منهنجن مائٽن گهڻو ئي روڪيو، پر مان هندستان
هلي آيس ۽ اچي پارٽ-ٽائيم باندرا نئشنل ڪاليج ۾ پارٽ-ٽائيم
ڪامرس ڪاليج چرچگيٽ تي نوڪري ڪيم.

اُن بعد هندستان کان ٻاهر گهڻئي ڀيرا وئي آهيان. اوڀر
پاسي سنگاپور، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ، جپان، ملیشیا،
انڊونيشيا وغيره پاسي ۽ اولهه پاسي انگلنڊ، پئرس، اسپين جا
ڪئنري آئرلئنڊس وغيره ملڪ پڻ ڏٺا اٿم. هوائي جهاز، پاڻيءَ
جي جهاز، فيري، ٽرالي، ڪوچس وغيره دواران پڻ سفر
ڪيو اٿم.

گهڻئي دفعا ويچار ايندو اٿم ته هاڻي بس، هن ڪانپوءِ
ٻاهر ڪين وينديس، پر هڪ نه ٻيو ڀيرو شايد چڪر اٿم ۽ ٻيو نه
هڪ ته ٻيو پاڻ ٽڪيٽ موڪلي هرڪائيندو آهي، جنهن ڪري
پيئي ٻاهر ويندي آهيان.

گهڻو مهل ڇوڪرن وانگر سڀ هنڌ ۽ سڀ ڳالهيون پاڻ
سان گڏ جي ڏسندي آهيان. هڪ دفعي جپان ۾ مونکي هوٽل
۾ ڇڏي، منهنجا پٽ پاڻ ڪم وويس ڏسڻ ويا. مونکي هدايتون
ڪين ته ڪيڏانهن نه وڃون. بس تو پڻ ٻچي ٿي ناوساڪا
جي رايل هوٽل ۾ مونکي ڇڏي ڇيائون، تون پنهنجيءَ
روم ۾ وڃي سمهي پئو. مان اُچا روم ۾ گهڙيس ٿي مس ته
فون آيو ته فلاڻي چيز ڏسندينءَ؟ "ها" ڪرڻ تي مونکي وٺي
ويا، پر مونکي خاص مزو ڪين آيو. مونکي عجب لڳندو آهي
ته هي ڏسڻ جا ڏا؟ ڪڏهين ڇوڪرين جون ٽنگون ته ڪڏهين....
پئرس ۾ نائيٽ ڪلبس جون ٽڪيٽون ڏکيون ونيون آهن ته
سٺيون پونڊيون آهن. اسان سان ٻن ڀيڻن ۾ امريڪن سٺلاني
هئا. جڏهين ڇوٽين ڪلب وٺي ڏٺيسين، تڏهين اُنهن مان گهڻا
ڏسڻ ۾ ايتري دلچسپي ٿي نه پيا وٺن! پنهنجين ڪلب ۾ ته ڏسڻ

اٽرن ئي پئسن جو مٺيو ڪڙو ڏيڻ لاءِ تيار هو، پر ڏيٽس ضد ٻڌو ته مان دهقانين جهان شاديءَ ۾ سوديبازي پسند ڪين ڪندس. هن کي پٽس گهڻو ئي سمجهايو، ڪڏ تان ٽپو ڏيئي ڳالهه ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏنائينس، پر ڏيٽس نه مڃيو ۽ وڃي هڪ انگريز سان شادي ڪيائين. ائين ڏن ٻه ڏن عامل نياڻين جو تعداد گهٽجندو رهي ٿو. ڇوڪريون غير سنڌين ۾ ٿيون پرڻجن ته سياڻا ڇوڪرا به ائين ئي ٿا ڪن.

پر اسانجي وقت ۾ ڳالهه صفا ٻي هئي. ڇوڪري جا مائٽ وٺڻ ۾ ئي پنهنجو شان سمجهندا هئا. نقد هزار ٻوليا ويندا هئا ۽ ساڻ ساڻ ٻوليءَ کانسواءِ ڇوڪريءَ لاءِ مٺيا، وهاڻا، هنڌ، چادرون، رگهون، گهر ۾ پائڻ جهڙا ڪپڙا، اُنسو ۾ پائڻ جهڙا ڪپڙا، ساڙهيون، بلائوز، گهوٽ لاءِ ڪپڙا، سُوٽ، ٽايون، رومال، شيونگ سيٽ، ٽئپڪنس، ٽوال، ڇٽُون، منڊي، واچ، خميسون، مائٽس لاءِ ساڙهيون، چادرون، ٽوال، چانديءَ جو گلاس، ڪٽورو، پٽس لاءِ سوٽ، پيٽس لاءِ سوکڙيون، ڀائٽس لاءِ سوٽ، گهوٽ جي دوستن لاءِ ميوي جا ٽوڪرا ...... وغيره وغيره سڀ ڏنو ويندو هو.

عجب اهو ئي آهي ته هڪڙي پاسي گهوٽ کي راجا ڪري مڃي ٿو ۽ ٻئي پاسي هنکي اهڙو فقير سمجهيو وڃي ٿو، جنهن وٽ پنهنجو ڪجهه به ڪينهي! ان فقير کي پنهنجو علم يا پگهار ٻڌائي واڪ ڏيئي پنهنجو ملهه ٻڌائڻو هو ته منهنجي ڳري هيءَ آهي، ان ڪري مان هيترن ڪ هيترن هزارن ۾ وڪامي سگهان ٿو.

۽ مون پنهنجيءَ ماءُ کي چئي ڇڏيو، ”مونکي پنهنجي لاءِ گهوٽ خريد ڪرڻو ڪينهي.“

حيدرآباد ۾ هڪ ٻه موقعو اهڙو آيو، جڏهين منهنجو وڏو ڀاءُ جاءِ وڪڻي مونکي شادي ڪرائڻ لاءِ تيار ٿيو، پر مون ڪيس مڃائي چپ ڪرائي ڇڏيو. جڏهين ورهاڱي بعد منهنجي ڀاڄائي

ورق ٻارهون

مون شادي ڇو نه ڪئي؟

"اسين ٻاڻ امير - دل جي ولايت جا
ڌارن جي ڌڪ هيٺ - اٿي هلي ڪانڪا"

— ڪلياڻ آڏواڻي

مان حيدرآبادي عامل گهراڻي ۾ پيدا ٿي آهيان. ائين ٻڌائيندي فخر به ٿيم ٿو ۽ لڄ به ٿي اچيم. اسانجي ذيات ۾ ڇوڪريءَ کي هر طرح لائق ٺاهيو ويندو آهي ۽ کيس ذهني ۽ سماجي ڳالهين ۾ وڪاس ڪرڻ جو هرڪو وجهه ڏنو ويندو آهي. پاڙهي ڳاڙهي ڊگريون حاصل ڪرائي کيس علم ۽ لياقت سان سينگاريو ويندو آهي. رڌڻ سبڻ جا سڀ نمونا ۽ طريقا سيکاري کيس گهر هلائڻ جي هنر مان چڱيءَ طرح واقف ڪيو ويندو آهي، شاديءَ بعد عورت جي درجي کي هيٺ نه ڪري، مرد پنهنجي ڪم ۽ ڪمائيءَ بابت هنکي هرڪا ڄاڻ ڏيندو آهي ۽ هر ڪم ۾ کانئس صلاح وٺندو آهي، پر شاديءَ ڪرائڻ وقت ڇوڪريءَ جي ٻڙ ۾ ٻيا مٿي تي ناڻي جي ڀاري ڳوڙي رکڻ لازمي سمجهي ويندي آهي! ڄڻ ڇوڪري ناهي، پر ڪا عربي گهوڙي آهي، جنهنجي سوار لاءِ گهوڙيءَ کي سونا سنج پائڻا آهن، نه ته سوار ان گهوڙيءَ کي سويڪار ڪرڻ ۾ پنهنجي بي عزتي سمجهندو!

هن وقت عامل ڇوڪريون ٻيا شادي ڪرڻ کان انڪار ڪنديون آهن يا غير سنڌين سان ٿي وواهه رچائينديون آهن. هڪ واقفڪار جو قصو ياد اٿم. هوءَ ڌيءَ کي اٺ لک ڪئش ۽

اُٿڻ. پر جيڪي ڳيان جو اکري ارٿ ڪم آڻيندا آهن، جيڪي سماج جي ترارت ليکن تي هلڻ لاءِ زور ڀريندا آهن، جيڪي سمجهڻ ٻنا ئي ڪرم ڪانڊ جي وڏڻ جي پوئواري ڪرڻ لازمي سمجهندا آهن، اهي مون کي ڏنا به ڪين وڻندا آهن.

خير .... مون جو 'ها' يا 'نه' تي سي زور ڪونه ٿي ڏنو، سو هڪ ڏينهن منهنجي گهر وارا هڪ انجنيئر کي ڳولهي ٿي آيا.

پندرهن هزار نقد ۽ پندرهن هزارن جو مٿو ڪپڙو ٻوليو ويو. اميءَ مونکي ننڍيءَ ڀيڻ جي شاديءَ جو واسطو وڌو. اميءَ کي ڊپ هو ته مان شادي نه ڪنديس ته منهنجيءَ ڀيڻ ڪملا جي پڻ شادي نه ٿيندي. خاص ڪري منهنجي ڏيتي لهتيءَ واري شاديءَ کان انڪار ڪرڻ جي حالت ۾ هنجي شاديءَ ۾ رنڊڪ پئجي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته ماڻهو چوندا ته "هيءَ ڌيءَ کي ڪجهه ڏين ٿي ڪين."

پر منهنجي من ۾ زبردست هلچل مچي وئي. ٻيا ڪندي مان اُن ڇوڪري کي وٺي گڏيس. اُن وقت هوءُ رستن جون ماپون وٺي رهيو هو. مان اسڪول پوري ٿيڻ بعد اُتي وئي هيس. نٿهڻ اُس ۾ مونکي اُتي ڏسي هوءُ وائڙو ٿي ويو.

مون کيس چيو، "مان جهڳڙو ڪرڻ نه آئي آهيان. صرف ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته مونکي شاديءَ ۾ سوديبازي پسند ڪانهي. توکي ڀيڻ ڪانهي، ان ڪري تون اهو ٻهانو به ڏيئي نه ٿو سگهين ته توکي هنجي شاديءَ لاءِ پئسا کپن. آخر به منهنجا مائٽ پئسا ڇو ڏين؟ مان توکان به وڌيڪ ڪمائيندي آهيان، پڙهيل مان به آهيان، پوءِ ڇونه تنهنجا مائٽ مونکي پئسا ڏين؟ ائين ٿئي ته واهه، نه ته هيءَ شادي نه ٿيندي."

هوءُ هڪو ٻڪو ٿي ويو. پهرين ته هن اشراف ٻي به ڪين ٻولي. نيٺ چيائين، "هي رواج آهن. مان پنهنجن مائٽن کي ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. جيئن تنهنجي مرضي آهي تيئن ٿيندو"

گھر ۾ آئي، لڏهين هن وڏي هٺ جو حق جمائي منهنجيءَ ماءُ کي چيو، ”ڇوري ٿي ته شادي نه ڪنديس، ان ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو اٿوَ؟ انهن ڇرڻ کي پنهنجي وٽ ڇڏيو آهي ڇا؟ ماڻهو ڇا چوندا؟“

مون ڪان ”ها“ ڪرائڻ بنا ئي گهر وارن وري ڏولها ڪرڻ شروع ڪيا. اُن وقت منهنجي عمر ٽيويهه سال هئي ۽ مون ۾ جوانيءَ جو جوش هو، پر حالتن اُنوسار گهڻو ودروهه ڪري به نه پئي سگهيس.

ڏيٺي ليٺي نه وٺڻ جو آدرش رکڻ وارا گهڻائي ڇوڪرا هئا، پر اُنهن مان ڪي گنجا، ڪي گانڌي ٽوپيءَ وارا، ڪي آريه سماجي ... هئا. هندستان جهڙي ملڪ ۾ ”آدرشي ۽ سماج سڌارڪ“ سڏائي پنهنجو ڪونه ڪو مطلب سڌ ڪرڻ وارا جهجهائي هوندا آهن. مان انهن ٻاهرين ٽهن ۽ ٻڙدن جي سخت برخلاف آهيان. ان ڪري مون ڪٿي به ”ها“ ڪين ڪئي. عورت سان شادي ڪري مٿس مهرباني ڪرڻ جو ٽهو هڻڻ واري خيال کان ئي مونکي نفرت آهي.

مون سمجهي ورتو ته جي ڏيٺي ليٺي ڏيان ته من-پسند گهوٽ ملندو ۽ جي نه ڏيان ته اهو ملندو جو پنهنجي اِن کي پسند ڪندو هوندو. ڳالهه ته مڙيوئي ساڳي ٿيندي. ايڪسپلائيٽيشن صرف پنهنجو روپ بدليندو. مونکي، نه مارڪيٽ ۾ وڪامجندڙ گهيٽو پسند هو ۽ نه مندر ۾ پاليل طوطو. مونکي ته هڪ ببر شير کپندو هو، جنهنکي سماج جي اوُندن اهڃن ليڪن ۽ ٽبڪن جي بنهه پرواهه نه هجي.

مان هندو ڌرم جي قائل آهيان. پراچين رشين جي فيلسوفيءَ لاءِ بيحد گهڻي عزت اٿم. ويد، سمرتيون، اُپنشد، پراڻ، راماڻ (اشلوڪو) مهاڀارت، اُنهن تي ٽيڪائون-اُڳهوڻ ۽ هاڻوڪيون سڀ پڙهيون اٿم ۽ انهن مان ڪن جو گهريءَ ريت اڀياس به ڪيو

ڏيندي رهي ٿي. لوڪ ڪٿا ۽ مهتا جي شيخن جي جبري قلعي ۾ بند ٿي، هڪ لچڪيدار ۽ لڏندي شرير واري ڪماري، شاديءَ بعد نهايت مضبوطيءَ سان قدم کڻي ٿي.

پر اهو سڀ لڏهين ٿئي ٿو، جڏهين پتيءَ وٽان کيس پيار ملي ٿو. ۽ پتي؟ هوُ پيار جو بنياد نوٽن، بنگلن ۽ محل سوُنن تي ٿي رکي ته پوءِ شادي طوطيءَ جي گڏ رهڻ وارو هڪ پڃرو ئي ته بڻجندي.

ها.... مان نراس ٿي هيس. ٿوري نه، نهايت ٿي گهڻي، پر مون شادي نه ڪئي- ان لاءِ مون کي ڪوبه ارمان ڪونهي. عجب ۽ حيرت جي اِهائي ڳالهه آهي ته مون پنهنجا پئسا "پنهنجيءَ ڏيتي ليتيءَ" لاءِ ڪم نه آندا، پر پيڻ جي شاديءَ ۾ مون کي اهو سڀ ڪجهه ڏيڻو پيو ۽ ان نفرت آميز نموني ۾ ٿي ڏيڻو پيو، جنهن کان مون کي چڙ هئي. هنجي ساهرن مصريءَ ۾ گنيون گهريون، ڳڻي ڳڻي نوٽ ورتا ۽ چڪي چيزون، پئسا ۽ مٺيا حاصل ڪيا. پنهنجي آدرش تي مان پاڻ ڪنواري ويهي سگهيس ٿي، پر ٻئي ڪنهن کان ڪيئن ٿي قرباني طلبي سگهيس؟ افسوسناڪ ڳالهه اها ٿي آهي ته سماج جي زنجير ان نموني ٺهيل آهي، جو عورت زنجير جي هڪ ڪڙي ٿيئي ته ٻيءَ ۾ جڪڙجي ٿي وڃي ٿي!

شام جو هن جي گهران مصريءَ تي ڏنل سُوٽ ۽ واچ موٽي آئي. اميءَ پنج ئي آڱريون ڪري پنهنجي لِلاٽ تي رکيون! گهر ۾ جنسي طوفان مچي ويو، پر مان ڪنن ۾ آڱريون وجهي گهر کان ٻاهر هلي ويندي هيس.

شادي؟ هندستان ۾ ”ڌرم“ ۽ ”شادي“ لفظن سان جنسي مخول ڪيو ويندو آهي. ڪهڙي ڇوڪري آهي جا وواهه ڪرڻ نه ٿي چاهي؟ مان به نه هڪ نينگر ٿي نه هيس. وواهه جو خيال ڪندي ئي ڪماريءَ جو هر هڪ انگ ٿڙڪي اٿندو آهي، هڪ انوکي آتمڪ خوشيءَ جي ريکا سندس دل ۽ دماغ مٿان ليڪجي ويندي آهي. سندس رڳ رڳ ۾ امرت جي ڌارا وهي اٿي هلندي آهي، سندس خون تيزيءَ سان وهڻ شروع ڪندو آهي ۽ سندس امنگ آنند ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

سياڻا چون ٿا ته وواهه جنسن جي ڪشش جو نتيجو آهي. انهن ۾ جي چالاڪ آهن سي چون ٿا ته شرير جي بک مٽائڻ لاءِ وواهه هڪ قسم جي رزويشن جو نمونو آهي. گهڻو اڳ رشين چيو ته هيءُ پوتر آشرم آهي، پراڻن ۾ لکيو ويو ته سرشٽي قائم رکڻ لاءِ ئي وواهه روُپي سنستا قائم ڪيل آهي. اڄ هو هن سنبنڌ جو مذاق اُڏائين ٿا، پر وواهه ٻنڌن جو هڪ اعليٰ نمونو آهي ۽ جيوت جيئڻ جو هڪ سهج طريقو آهي. پر ان لاءِ صرف جنس مونث کي ئي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. ان کان وڌيڪ وڏي ٺٺولي ان سنبنڌ سان ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

وواهه روپي ناتي سان پاڻ کي جوڙي، هڪ ڪماري مٽ مائٽ، سرتيون سکيون، ٻالپڻ، يادگيريون ۽ ٻيا انيڪ قسمن جا موهه ۽ ٻنڌ تياڳي ٿي. هوءَ پنهنجو نالو ۽ هستي پنهنجي پتيءَ جي نالي ۽ هستيءَ ۾ گم ڪري ڇڏي ٿي. وواهتا استري پيار ۾ هڪ جهرڻو بڻجي پوي ٿي. شايد سندس هر هڪ عضوو پيار ڏيڻ لاءِ ئي خلقيو ويو آهي. شاديءَ بعد بس هوءَ ڏيندي ئي

۾ استرين کي گيان حاصل ڪرڻ کان محروم رکڻ لاءِ ڪونہ چيل آهي، ويدن جون رچنائون استرين جون رچيل آهن، "وڏلا" نالي استريءَ خود راجا جنڪ کي گيان ڏنو، آتري نالي استري رشين کان سکيا ورتي، ميتري، گارگي ۽ لوپامدرا کي برهم ودّيا حاصل ٿيل هئي، ليلاوتيءَ حسابن تي ڪتاب لکيو هو تہ پوءِ زالن خلاف هي سڀ ڪرڪسو ڇو شروع ڪيو ويو آهي؟

هنديءَ ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪندڙ پستڪن ۾ پڻ لکيل هو تہ والميڪيءَ سيتا کي بن موڪلڻ واريءَ ڳالهہ کي پسند نہ ڪري، رام جي چرتر تي نقطچيني ڪئي هئي. سيتا پڻ لڪشمڻ هٿان رام کي هڪ وڏروهي ڏوراپو ڏياري موڪليو هو. دروپديءَ ڪليل دربار ۾ ڀيشم پتامهہ ۽ درونڻ کان ڌرمپتنيءَ جا حق ۽ پتيءَ جا فرض جاڻڻ چاهيا هئا. هن پڇيو، "پتيءَ کي حق آهي ڇا تہ هو پنهنجيءَ زال جي عزت جو داءُ لڳائي؟" جواب مليس تہ پتنيءَ تي پتيءَ جو هرقسم جو اڌڪار آهي." تنهن تي دروپديءَ پڇيو "اهو پتي پاڻ خود هارائجي چڪو آهي. يعني تہ مان پڻ اُن سان گڏ اڳم ئي هارائجي ويئي آهيان. هاڻ هُو ٻيو دفعو مون تي داءُ ڪيئن ٿو رکي سگهي؟" دربار ۾ ويٺل لاجواب ٿي ويا. هن کي جواب سجهيو ئي ڪين. سنسڪرت ۾ ويدن تي ٽيڪائون پڙهيم، سمرتيون واچيم، منوءَ ۽ نارد جا استريءَ بابت خيال ۽ سندس ڇوٽيون سمجهاڻين سوڌ ٻون پڙهيم ۽ ڏٺم تہ جيئن وقت گذرندو رهيو آهي، تيئن مريادا ۽ تهذيب جي نالي ۾ زال کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ هيٺ ڪيرايو ويو آهي. استريءَ جا گڻ ئي هنکي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪيرائڻ جو سبب بڻيا آهن. هنجي ممتا ڀري دل، هنجي پرش کي سنمان ڏيڻ واري عادت، هنجي گهر گرهستي سنڀالڻ واري چاهنا وغيره ئي هنکي پرش جو قيدي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ پوءِ پرش نيم ٺاهيا آهن تہ جيڪا زال ڪمند وانگر پيسجي، ٻين لاءِ رس ميسر ڪري يا چندن وانگر گسجي،

ورق ٻارهون

مان - هڪ عورت

"اڳيان ٻهڳري تي رهيو - ڪنڊن جو اُڪاءُ
پٺيان لتاڙيل قول پيي - ڏيندا رهيا هڳاءُ"

— نارائڻ شيام

منهنجي گهر ۾ جنس مونث جي ڪڏهين به ٻي عزت نه ڏيندي آهي. اُهي انقلابي ويچارن جي هئي. هن منهنجي ڀائرن کي ڪڏهين به ڀينرن کان پاڻ کي مٿي سمجهڻ جو غلط خيال نه ڏنو. هڪ ٽوڙي وهنوار ۾ اسين ڀائر-ڀينر بلڪل سمان سطح تي هڪ ٻئي سان ورتاءُ ڪندا هئاسين، ڪندا آهيون. پر ۾ اسانجي اسڪول ۾ ڇوڪريءَ کي فضيلت سان پيش اچڻ واري "ڪلا" سيکاري ويندي هئي. ڏاڪڻ تان لهڻي ته پهرين تي هلجي، ڪلهي نه گهوڙي وانگر نه، بلڪ هلڪو ٽهڪ ڏجي، پاڻ وڏي سان ۽ پرش سان هميشه ٽوهان ڪري ڳالهائجي، هلڻ مهل سڌو ٿي بعد وقون جهلي نه، پر ٿورو نمي ۽ جهڪي هلجي وغيره.

شام جو باغ ۾ گهمڻ ويجهو هو ته اُتي کهڙي به مائي اُتي، اسانجي مڪت ۽ کليل ٽهڪ ڏيڻ تي اسانکي چيڙي سگهندي هئي ۽ گور سنگت ۾ مٿو نه ڍڪي اچڻ تي کهڙو به شخص ڇوڪرين کي ڊپ ڪيڻ جو حق رکندو هو.

وڏي ٿيڻ تي جڏهين مون سنسڪرت پڙهي ته معلوم ڪيم ته شاسترن ۾ نه استريءَ جو درجو هيٺ ٻڌايل آهي ڪهڙي، پراڻن ۾ زالن کي منهن مٿو ڍڪڻ جي هدايت ڪيل ڪيتري، اپنشدن

سخت ڪاوڙ لڳندي آهي. منهنجي چرچ ڏانهن ڪير آڱر کڻي نه مان سندس هٿ ئي وڍي ڇڏڻ چاهيندي آهيان. آخر هو منهنجو ڪير ٿئي؟ سمجهه کڻي نه مون ڏنگو ٻيو ڪنيو به هجي، ته هڪ ڌارئي شخص کي ڪهڙو اَڌڪار آهي جو هو منهنجي نجي يا شخصي زندگيءَ ۾ دخل ڏئي؟ ڇا مان اُن مرد کي چئي سگهان ٿي ته هو پنهنجيءَ زال لاءِ فلاڻي ساڙهي خريدي نه ٿو سگهي؟ جيڪڏهين مونکي اهڙو اڌڪار نه ٿو ملي ته هنکي حق ڪيئن ٿو ملي سگهي؟

ٻئي دفعي ڀوپال ۾ سمپلن هو. رهڻ جو بندوبست هڪ اسڪول ۾ ٿيل هو. ٽانگي مان لهي ٻن هٿن ۾ سامان کڻي مان زالن لاءِ ڪيل بندوبست ڪيل ڪمري ڏانهن ويس ته اُتي مرد پنهنجين زالن سوڌا رهيل هئا. مونکي ڏسي، لوڪناٿ جيٽلي، جو به اُتي رهيل هو، کلي چوڻ لڳو "هتي سڀ جوڙا رهيل آهن. توکي کپي ته تون به ڪنهنکي وٺي ......" هن قسم جي بيهودگيءَ کي، ٻيا جيڪي رهيل هئا، چرچو سمجهي کلڻ لڳا، پر مونکي سخت غصو آيو ۽ مون سندس ڪل لاٿي.

سڀا جا ڀانيڪار پڻ زالن جي رهائش جي بندوبست طرف هميشهه بيپرواهه رهندا آهن. عام ماڻهن جيان شايد اُهي به ائين ئي وسهندا آهن ته اڪيلي جيون ۾ گهرندڙ زال، زال ٻڄڻ بند ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري هنکي ڪنهن خاص سهوليت جي ضرورت ئي ناهي. ڇانوَ، آرام، فضيلت، نرمائي، سهوليت، آسائش وغيره ٿي صرف گهر ۾ وينل استريءَ کي يا سندس پتنيءَ کي ئي حق آهي، ائين سمجهي زالن لاءِ مقرر ٿيل ڪمري مٿان لکيل بورڊ، يا پٽي، سمپلن شروع ٿيڻ کان اڳ ئي اُهي لهرائي ڇڏيندا آهن! چڙ وچان مان سمپلن وقت هميشه هوٽل ۾ وڃي رهندي آهيان، ڇاڪاڻ ته هيءُ وهنوار مونکان برداشت ٿي نه سگهندو آهي.

ڪڇ جي ڏوري ٿي نڪتا هئاسين. رات جو اُتين ٻجي

ٻين کي سرهاڻ ڏني، سائي آدرشي ناري آهي!

جڏهين به استريءَ ظلم خلاف آواز اُٿاريو آهي، تڏهين پرش ”مريادا ... مريادا“ پڪاري هنجي سِسِي ڪٽڻ لاءِ تلوار کنئي آهي. عجب آهي، ٻانها آواز اُٿاري سگهن ٿا، مزور ۽ ڪڙمي ”انقلاب“ پڪاري سگهن ٿا، پر زال کهڙين به حالتن هيٺ ڇنڊي نه ٿي سگهي!

هيءُ ٿي ملڪ آهي، جتي مرد راوڻ کي اخلاقي ڏوهي سمجهي، هنجو پتلو هرسال جلائيندو آهي، پر عملي جيون ۾ هوُ پاڻ هرسيتا جي عزت لٽڻ لاءِ چاهنا رکندو آهي! آفيسر، ڊاڪٽر، پوليس وارو سڀ جا سڀ، زال کي هڪ راند ڀڪو سمجهي، اُن سان کيڏڻ جو به حق رکن ٿا ته اُنکي پچڻ جو به شوق پالين ٿا!

رڳو بيوقوف ۽ جاهل انهن نه ٿا سمجهن، پر پڙهيل ۽ سمجهوُ به استريءَ کي ناچيز سمجهي، ٿي ٿي تي سندس بي عزتي ڪن ٿا. بمبئيءَ ۾ سنڌي ساهت منڊل برپا ٿيو هو، پر مان ڪڏهين به اُنجي ميٽنگين ۾ شامل ڪين ٿيندي هيس. جڏهين لوڪنات جيٽلي سيڪريٽري ٿيو، تڏهين ڪنهن مترجي زور ڀرڻ تي هڪ دفعي منڊل جي ميٽنگ ۾ ويئي هيس. هڪ آڪاٽيءَ لي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي، جيٽلي چيو، ”ولايت ۾ چوڪريون پاڪيءَ سان ٽنگن جا وار لاهينديون آهن....“ مان وائڙي ٿي ويس. مون کيس چيو ته ولايت وارا گهٽ ۾ گهٽ ايترا سڀيه ضرور آهن، جو اُهي ڪنهن زال جي حاضريءَ ۾ اَسڀيه لفظ ڪم ڪونه آڻيندا آهن. ”هيءَ ساهت منڊل جي ساهتڪ بيٺڪ آهي؛ ڪنهن لفنگي جي اوطاق ناهي.“ اُن بعد مان وري ڪڏهين به منڊل جي ميٽنگ ۾ نه ويس.

منهنجون پسنديون ۽ ناپسنديون نهايت تيز آهن. ڪوبه مرد ڪنهن به زال جي عورتپڻي جو مذاق اُڏائي ته مونکي

ٻه ڪيئن. پوءِ ٻه اُهي انهن پستڪن جي چوٽين تي پڙندا آهن! مونکي ته اهڙا ماڻهو اَڌ چريا لڳندا آهن.

گهر کان ٻاهر نڪري، جيڪا عورت مردن سان گڏ ڪم ڪري ٿي، اُنکي ڪيترا عجيب وغريب آزمودا ملن ٿا. سيا ۾ ڪم ڪندي مالهي، اُتم ۽ ڪيرت سان واسطو پيو هوم. انهن ٽنهي مان ڪنهن هڪ جي ٻه اَک ميري نه هوندي هئي، ان ڪري ڪم ڪرڻ ۾ نهايت سهوليت ٿيندي هئي. باقي دورا ڪرڻ وقت هر شهر ۾ قسمين قسمين جي ماڻهن جون نظرون ڏسڻ لاءِ ملنديون هيون. هر شخص جي نگاهه مان سندس سيبه يا اَسيبه هئڻ جي ڄاڻ اسان استرين کي جلد ئي پئجي ويندي آهي.

زندگيءَ جي هر موڙ تي هندستاني مرد جي جاچڻو اُتم. نميدي هوندي ڪان ٿي ڪنهن اهڙي ڪا ترتيب ملي ٿي، جو هو عورتپڻي کي هڪ تماشو سمجهي، ان جي ڪِل اُڏائي ٿو. ڪو جوان اديب آهي، ان ڪري عورت ڏانهن سندس صحيح رخ هوندو، ائين به ناهي. ڪو هندو آهي ۽ هندتو تي فخر ٿو ڪري، ان ڪري هو سيبه هوندو، ائين به ڪونهي. ڪن حالتن ۾ ڪي اديب گهڻا بي اَدب ۽ بد اخلاق ٿيندا آهن. گهڻي ڪترا ڏيکاريندا آهن ۽ ”ڌرم ـ ڌرم“ پڪاريندڙ وڌيڪ خراب روش اختيار ڪندا آهن. پنهنجي پنهنجي گهر جي ٻالنا انوسار هنن وٽ زال ٻابت ڪي دقيانوسي يا عجيب وغريب خيال هوندا آهن.

مرد سمجهندا آهن ته زال ۾ ئي حسد آهي ۽ هوءَ ئي جهڳڙالو آهي. مان به پهرين ائين ئي سمجهندي هيس. پر پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ هڪ سيمينار ۾ پيپر پڙهيو، جو بعد ۾ اخبار ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن پرنسيپال اَجواڻيءَ جي مضمون نويسيءَ سان گڏ منهنجي مضمون نويسيءَ جي پڻ ساراهه ڪئي هئي.

پڄي پهتاسين. سنڌي پنچائت جي هڪ ڪاريه ڪرتا سان گڏجي،
نون ٻجي ميٽنگ سڏائڻ لاءِ ڪيس چٺي، هي سڀ ڌرمسالا ۾
سامان رکڻ هليا. ڪمرا، ڪرشن راڌي، ڀڳوان ايپڇنداڻي ۽
هڪ ڪڇي شاگرد، جنهن جيپ ٻئي هلائي ۽ مان ڪل پنج ڄڻا
هئاسين ۽ هنن ڌرمسالا ۾ ڇهين آني تي هڪ ئي ڪمرو ورتو!
سڀن خيال هو ته ميٽنگ تي ٻارهن لڳي ويندا ۽ وري ڇهين
ٻجي صبوح جو ڏوري تي نڪرڻو آهي، سو ٻه چار ڪلاڪ ئي
ته ٽنگون سڌيون ڪرڻيون آهن! پر هڪ زال ذات ساڻن گڏ
آهي، جنهن کي ڪي ٻيون سهوليتون به کپنديون، اهو هنن
کي ويچار ئي نه آيو! (ڪم ڪندڙ عورت جو قدر اجهو اهو آهي
هنن وٽ!)

خير... مون ته ڌرمسالا ۾ رهندڙ هڪ ماءُ ڌيءَ کي
ڳولهي ئي ورتو، پر هنن جي خيال جي وهڪري جي ڳالهه ٿي
ڪريان. اهنڪار يا وڏپڻ جي هتي ڳالهه ناهي، اهنڪار ڪريان
ها ته ڪهن چوان ها ته مان لنڊن جي هلٽن هوٽل ۾ رهي چڪي
آهيان، سو هن ڌرمسالا ۾ ڪيئن رهندس؟ پر هتي زالن ڏانهن
رخ جو ذڪر ٿي ڪريان، جنهن کي پيش ڪرڻ ٿي چاهيان ۽
رخ به ڪن جو؟ سمجهو ۽ سياڻن ماڻهن جو!

هڪ دفعي سنڌي ساهت سنگت پاران پرنسيپال اجواڻيءَ
ميڙ ڪوٺايو هو، جتي مونکي ”ڪاليداس“ تي ڳالهائڻو هو.
ميڙ ختم ٿيڻ بعد هڪ جوان اٿي ويجهو آيو. پوءِ ٽنوليءَ طور
ڪلهي چوڻ لڳو، ”اوهان مِس آهيو؟ توهانجي چاڻ مان لڳي ته
نه ٿو؟ هه... هه... هه!“ زال جي چرتر ۽ اخلاق تي ”اهي“
آڱر کڻندا آهن، جنهن جو من ڪن ڪچري مان ٺهيل هوندو آهي.
پنهنجي گندي من جي قيمت سان پرائيءَ زال جي اخلاق کي
ماپي ۽ ڪڇي، اهي اُن ڪٽ کي ”مريادا ۽ تهذيب“ جو
نالو ڏيندا آهن. انهن هندو شاستر پڙهيا نه ڇا، ڪڏهن ڏنا

کان ڀڄان؟" ياد اٿم تہ نديڙا هئاسين تہ منهنجي ماءُ سڀني
ٻارن کي چيو تہ ٻئي ٻارڻ ٻڌا جيڪو ڪُڏ واري منگهہ وٽ
پهچندو، تنهن کي انعام ملندو. ڪير بہ وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.
مون چيو "مان ٿي وڃان." ماءُ چيو، توکي ڀڄڻو نہ، صرف
ٽڪو ملندو. مان ڊوڙ پائي، اڱڻ لنگهي، چوٽيهہ ڏاڪا
چڙهي، ماڙيءَ واري ٻالڪنيءَ، پوءِ ورانڊي، اُن ڪانپوءِ اڱڻ،
ڊيڄي، وري مٿي نديو اڱڻ ۽ پوءِ نيدي ڏاڪڻ چڙهي ڪُڏ
واري منگهہ وٽ پهچي ويس! ۽ اُتان آواز ڪندي چيم "هيٺ
اچان؟" هيٺ لهي اچڻ تي منهنجي ماءُ وٽ پڇيو "توکي
ڊپ ٿي نہ لڳو؟"

تڏهين بہ، وڏي ٿيڻ تي هڪ عورت کي سماجڪ نقطہ نگاهہ
کان پنهنجي چوڌاري هڪ ليڪو پائڻو ٿي پوندو آهي ۽ هڪ
لوڙهو رکڻو ٿي پوندو آهي. استريءَ مٿان پابنديون وجهڻ
ناداني آهي، پر ڪيس سمجهو ٻڌائي صحيح ۽ غلط جي پاڻيهي
پڇاڻ رکڻ جي ضرورت آهي. رات جو ڪٿان مان اڪيلي موٽڻ
نہ چاهيندي آهيان تہ شادي ڪيل زال ڪلندي چوندي آهي
"تون ٿي ڊڄين؟" ۽ مرد چوندو آهي "تون تہ مرد آهين!"

مونکي اُنهن ٻنهي جي عقل تي کل ايندي آهي. جيڪا
زال چوي تہ مان زال نہ آهيان، يا ائين ظاهر ڪري تہ مان
مردن جو مٽ آهيان، سا حد درجي جي مُورک آهي. عورت
جي جامي کي هڪ خاص اهميت آهي ۽ مان اُن اهميت کي
ٻڌائي رکڻ جي فائدي ۾ آهيان. عورت ۽ مرد ٻنهي کي
پنهنجو پنهنجو ڪيتر آهي ۽ اُهي پنهنجي ڪيتر جي فرض کي
نباهين تہ سٺو ٿي آهي.

مون شادي برابر نہ ڪئي آهي، پر تنهنجو اهو مطلب هرگز
ڪينهي تہ مان زال نہ آهيان. جيئن مرد کي پنهنجي مرد هئڻ
تي فخر آهي، تيئن مونکي بہ پنهنجي استري هئڻ تي ناز آهي.

منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهين ٻُڌم ته اجوائي صاحب ان ئي اصل مهرجي ويو هو!

ائين هيڏي زندگي ڪاٽي اَٿم. گهڻائي مرد ڏٺا اَٿم، جي تمام ٿورن پئسن تي للڇبا آهن، خسيس ڳالهه ڪري ڪُوڙ ڳالهائيندا آهن، تمام ننڍي عهدي ڪري تمام وڏا دوکا ڏيندا آهن، وشواس گهات ڪندا آهن. ڪنهنجو وڏو نقصان ڪري پنهنجو ننڍڙو فائدو حاصل ڪندا آهن. مونکي عجب لڳندو آهي ته هيءُ دنيا جو مرد صدين کان مالڪي ماڻيندو آيو آهي، اهو ايترو ٽيچ ۽ ڪمين جهڙو اِنسان ڇو ٿيو آهي؟

انهن کن جي من جو چور مان سڃاڻندي آهيان. اُنهنجي لالچي مراد مان پاڻهي وٺندي آهيان ۽ من ئي من ۾ مٺن ترس کائيندي آهيان. مونکي لڳندو آهي ته جنس مذڪر مان گهڻا ته وڏا ٿيندا ئي نه آهن، عمر ۾ وڌي به اُهي ٻارن جهڙا بيوقوف ئي هوندا آهن!

سال ٿيا، مون ٻهرين جڏهين ماستري شروع ڪئي ته اَچانڪ هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ ڪليگ ماستر دوارا، پنهنجي ٻهرين نالي سان ڪيس سڏ ڪندو ٻڌم. ٻئي ڏينهن مون ته سندس نالو ورتو ۽ ساڻس ”تون“ ڪري ڳالهايم. هن ڇرڪ ڀريو ۽ عجب ظاهر ڪندي پڇيائين ته توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ مون چيو ڪجهه به نه، جيئن تون تو ڪرين، تيئن مان ٿي ڪريان. هن چيو ته زال سان ته هميشه ”تون“ ڪري ڳالهائبو آهي ۽ ٻيو ته تون مونکان ننڍي آهين.“ مون چيو ”جي زال سان ’تون‘ ڪري ڳالهائبو آهي ته مرد وري ڪٿان مٿان لٿو آهي؟ ڇا تون سمرو پربت آهين، جنهن جي چوڌاري سج ٿو ڦري؟“

مون سان گڏ ڪم ڪندڙ، منهنجو بيباڪيءَ وارو رخ ڏسي عجب کائي چوندا يون هئون ”تون ڇو جيئن نه ٿي؟“ ”ڪنهن

ورق ٽيرهون

ڪالهه جي ياد - اَڄ جو سپنو

منهنجي سنڌ جو نقشو
ڪاغذ جو نقشو نہ آهي
اِهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي

— ارجن شاد

ڪالهه جي ياد ايندي ئي هڪ ندي اُٿلي ٿي پوي... ندي، جنهنجي چانديءَ جي ڌارا ۾ يادگيرين جون سونهريون ٻيڙيون پيئون ترنديون آهن. ٻنهي پاسن کان کان شوخ ۽ چنچل لهرون ٽهڪ ڏينديون ”ٽا ٽئي ٽہ ٽہ ٽئي“ ڪنديون، نچنديون هلهون اينديون آهن ۽ ”گم ڙپ... ڙپ گم ڳائينديون هلنديون وينديون آهن.

ٻالڪپڻ جا اُهي ڏينهن جڏهين اَمي اَچا ۽ لفظ چوندي هئي تہ ٻہ ڳوڙها اَکين مان ائين ٽپڪي پوندا هئا، جڻ پڪل ميوا آهن. ڪشور اوستا ۾ ماستريائڻي ۽ مٺا ٻول ٻوليندي هئي تہ اهي ائين دل تي چنبڙي پوندا هئا، جڻ ڪي ماڻهو آهن جي گلي ٿا لڳن!

هر آرتوار تي اَسين سڀ ٻار پيءُ ماءُ سوڌا وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ چڙهي، سنڌوءَ ڪناري گنڊو بندر تي گهمڻ ويندا هئاسين. سنڌوُ — جا ندي بہ آهي تہ ساگر بہ آهي، نئين بہ آهي تہ پراڻي بہ آهي، منهنجي بہ آهي تہ پرائي بہ آهي.

حيدرآباد جهڙي وڪٽوريا گاڏي ٻيو ڪٿي ڏٺي اٿوَ؟ ڇا تہ اُن ۾ تندرست ۽ شاندار گهوڙو ٻڌل هوندو هو! فلڪ سان

موٽڪي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته شادي هڪ سهڄ سڀاويڪ سنسٿا آهي ۽ هندستان جهڙي ملڪ ۾ ان سنسٿا کان ٻاهر رهي جيئڻ مشڪل ڳالهه آهي. وواهت زال ڪي سندس پتي آس ۽ ميڻهن کان بچائي، سندس عزت جي رکيا ڪري، سندس آرٿڪ مشڪلات دوُر ڪري، هر هڪ ڳالهه ۾ هن جو رکوالو بڻجي ٿو، تنهن جو مطلب اهو ناهي ته هوُ شادي نه ڪيل عورت جو مخول اُڏائي. ڪيترائي مرد هڪ ڪنواريءَ تي قياس جي نظر اُچليندا آهن. اُهي پنهنجيءَ سمجهه ۾ سخت ڀليل آهن.

نه عورت هجڻ گناهه آهي ۽ نه شادي نه ڪرڻ ساڻ ڪا ڪاڻ رهي ٿي. اُلٽي سمجهه وارا ڪجهه ته ڀيا چون، منهنجي سمجهه سلٽي آهي، انڪري انهن جي چوڻ جي پرواهه ڪرڻ جي ڪڏهين به ضرورت نه پيئي اَٿم.

ساهيڙين نالو ئي ڪٽي رکيو "ٽهڪن جو ڦوهارو". حيدرآباد جي هيرآباد واري هن ڪاٽي ۽ ماءِ دواران آندل قنڌاري ڏاڙهن جي رس پي، گل ۾ گلاب ٽڙي پيا هئا سو جوانيءَ ۾ پير ڌري ته پاڙي وارن سڏيو "پوڦٽي".

هڪ دفعي اسڪول جي ناٽڪ ۾ "زيب النسا" جو پارٽ مليم. ننڍي هوندي کان ئي مونکي شاعره ٿيڻ جي ڏاڍي چاهنا هئي. ناٽڪ جي سين جو وشيه هو زيب النسا جو شيواجيءَ جي پٽ لاءِ پيار. مون ڪيئن بيت ياد ڪيا ۽ سُر ۾ ڳايا. پر جنهن ڏينهن شام جو ناٽڪ اسٽيج تي کيلڻو هو، اُن ڏينهن صبوح جو حيدرآباد جي ڪليڪٽر منع نامو ڪڍي موڪليو ته اهو ناٽڪ نه ڏيکاريو.

بس... نه منهنجي شاعره ٿيڻ واري چاهه کي راهه ملي ۽ نه منهنجي پيار کي منزل. نه اسٽيج تي ۽ نه زندگيءَ ۾ مان پنهنجي سمڀاجيءَ کي ملي سگهيس ۽ نه شاعره ٿي سگهيس.

هتي هندستان ۾ حيدرآباد دکن ۾ ٻه دفعا شاعرائن طرفان ٿيل مشاعرن ۾ شريڪ ٿي آهيان ۽ مونکي گهڻو عجب لڳو آهي ته جتي هندن کان گهڻيئي مسلمان عورتون شاعرائون ٿيڻ جو سؤڀاڳيه حاصل ڪري سگهيون آهن، اُتي مسلمانن کان گهڻيئي سنڌي عورتون شاعرائون ڇو نه ٿي سگهيون هيون؟ مجبورن سنڌيءَ ۾ نه پر مان هنديءَ ۾ ئي ڪوتائون رچيندي هيس جي هندستان جي ڪن مئگزنن ۾ ڇپيون هيون. تڏهن به شاعرائي جذبات جهڙيءَ طرح مادري زبان ۾ ڌوم سان اُٿي وهي هلي ٿي، اوپري ٻي زبان، پوءِ چاهي اُن ۾ ماهريت ئي ڇو نه هجي، ڪٿي ٿي وهي سگهي؟

پوءِ آئي ڦوهه جواني. ڪنهن سهڻي يا قداور رشت پشت جوان کي ڏسي چهري تي لعل رنگ جا سيپ ٽهه واري واري سان ائين ايندا ويندا هئا، جئين پاڻيءَ مٿان هوا لنگهندي

هڻڪار ڪري، پوءِ ڦيرائي اُنهن نهاريندو هو، ڄڻ ته گهوڙو نه پر ڪو راڄا آهي! گاڏيءَ وارا به ڪيس ڏاڍو ڀانئيندا هئا. مکڻ لڳائي سندس چمڙي چمڪائيندا هئا ۽ تازو گاهه کارائي کيس رشٽ پشٽ بڻائيندا هئا. گاڏيءَ اندر مان، منهنجون ڀينر، امي ۽ وڏا به ڀائر ۽ گاڏيءَ واري سان ٻه ننڍا ڀائر، موتي ۽ ناراڻ. اسين ڇوڪريون اکيون ٻوري ڪَنن ڀرسان لنگهندڙ هوا سان رهاڻيون ڪرڻ جو لطف وٺنديون هيونسين ۽ مٿي به ويٺل، واري سان هٿ ۾ چهبڪ ڪڍي، پير سان گهنٽي وڄائي، دوستن اڳيان پنهنجو رعب ڏيکاريندا هئا. مارڪيٽ ڀرسان لنگهندي ڪو ڇوڪرو گاڏيءَ جي پٺيان واريءَ سيٽ (جڳهه) تي ٽپ ڏئي چڙهندو هو ته ٻيا ڇوڪرا پڪاريندا هئا ”گاڏيءَ وارا! پٺيان ڇوڪرو!“ ۽ گاڏيءَ وارو اُهو چهبڪ هٿ ۾ ڪري ”زيٽ“ وارو آواز ڪري زور سان چهبڪ ڦيرائي چوندو هو ”خبردار! خبردار!“

لاهور جي تيز هلندڙ ٽانگن، بنارس جي اڪن (جن ۾ پلٿي ماري گديءَ تي ويهبو آهي)، هردوار جي سائيڪل وارين رڪشائن، دهليءَ ۽ پوني جي آٽو رڪشائن، اندور جي جهوليندڙ گهنٽين ۽ گلن سان سينگاريل گاڏين، مسوريءَ جي ڏولين ۽ بمبئيءَ جي ٽئڪسين ۾ گهمي ڏٺو اٿم، پر جيڪو لطف حيدرآباد جي وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ گهمڻ مهل ٿي آيو، سو انهن سوارين ۾ گهمندي ناحق نو ملي!

۽ حيدرآباد؟ روءِ زمين تي منهنجيءَ جنم ڀوميءَ جهڙو شهر ٻيو ڪو ناهي. اسڪول ۽ باغ، چٽڪار ٽيل رستا ۽ هوا موڪليندڙ منگهه، ڦليليءَ جو واهه ۽ گدو بندر وارو درياهه، بيسنٽ لاج ۾ فيلسوفيءَ تي ڀاشڻ ۽ پراميننٽ پارڪ ۾ نوجوانن جون شرطون - اهڙو ڪهڙو آنند هو جو حيدرآباد ۾ ميسر نه هو؟ ڪشور اوستا ۾ ڪلاڪارن ڀري جو ڪلندي هيس ته

ان ڪري "ٻي گھر" ۽ "ٻي وطن" جو احساس مُنهنجي مَن کي وڪوڙي ويو آهي.

ايندڙ بهار جي اُميد ۾، دل، سياري جي ٿڌ کي سهاري ويندي آهي، پر همت اَهڙي آس ئي ڪٿي آهي؟

ڪالهه جي ياد ته تازي آهي، پر سڀاڻ جو ڪوئي سپنو ڪينهي مون وٽ.

ويندي آهي ۽ لهرون به ٽُٽڻ لڳنديون آهن. پل چوڪ ۾ ڪو اهڙو پُرسان لنگهي ويندو هو يا اکيون مٿي کڻي گهوريندو هو ۽ اکين ۾ نشو پرچي ويندو هو ۽ اونڌيون ۽ ڪڻن جون پاڙيون گرم ٿي وينديون هيون.

ملڪ جو وراڳو ٿيو.

زندگيءَ جو سونهري سمو گذري ويو.

ڇهري ٿان اندرينءَ خوشيءَ جو رنگ ائين گم ٿيو،
جيئن اُس ۾ ماڪ جو قطرو.

هتي اچي ڏاڍي جهد وجهد ڪرڻي پيئي. منهنجا ٻه ننڍا ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ اچا ڪاليج پڙهي رهيا هئا. هڪ دهليءَ هليو ويو هو ۽ هڪ سنڌ ۾ ئي هو. اسين ڏاڍو پڇڪياسين.

هاڻي ٺانئينڪا آهيون ۽ چڱا آسودا به آهيون. مان ۽ منهنجا ڀائر ولائتن جا خوب چڪر به هڻندا آهيون. پر منهنجي من ۾ هڪ عجيب بي آرامي آهي.

هند ۾ اچي اسين سنڌي راجنيتيءَ طرح اناٿ ۽ سنسڪرتيءَ جي لحاظ کان فقير بڻجي پيا آهيون. هر راڄ ۾ اسين ڄڻ غلام آهيون. سنڌي شاعر جي آواز کي دادا نه ٿو ملي ۽ هو پنهنجو آواز ڪوهي رهيو آهي؛ سنڌي ليکڪ آئينده ۾ اونده ٿو ڏسي ۽ هو منجهي پيو آهي. هند کان باهر رهندڙ سنڌي پنهنجو زمين - ٽڪر نه ڏسي، ٽٽائون بڻجي پيو آهي. هندستان اندر رهندڙ سنڌي پئسي جي ڪڏ اچي لڳو آهي.

جيڪي پاڻ کي ناڪٽا ٿا سڏائين، سي به پنهنجي اولاد کي ٻوليءَ، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو ورثو ڏيڻ بدران، جاءِ ۽ ناڻو ڏيئي وڃڻ جي پيا سوچين.

ان عجيب استٿيءَ ۾ منهنجون پلڪون خواب ڪيئن اُڻي سگهنديون؟ منهنجي دل پنهنجن ڀاوناڻن سان سازگار آهي،

ڀاءُ لنڊن ۾ ٻيو سينگاپور ۾ ٽيون ڪوريا! انهن منهنجي ڪٽنب جي مالها جا داڻا هتي هتي پکڙيل آهن ۽ ٻين سنڌين جا پريوار پڻ ائين وانگر ٽڙيل ۽ ڇڳل ئي آهن! ان حالت ۾ اخلاق جا ماڻ ۽ ماپا، سماجڪ ريتون رسمون، سنسڪرتي قائم رکڻ لاءِ اُنسوُ ملهائڻ جا نمونا ۽ شاديءَ غميءَ ۾ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ جو سرشتو قائم رهي نه سگهيو آهي.

پکيءَ جو آکيرو ٽٽندو آهي ته ٻيءَ جڳهه ۾ ٺاهڻ پاڻ کان اڳ پيو جڳهون مٿائيندو آهي. اسين به ٻهراڻ جوڌپور، پوءِ ٻڙودي ۽ اُن کان پوءِ ممبئي آياسين. ممبئيءَ ۾ به ٻهراڻ انڌيريءَ، پوءِ ماهيم، کانپوءِ ڪرلا ۾ هڪ جڳهه ۾ ۽ هاڻ ٻيءَ جڳهه ۾ ائين اُڏندا ۽ ويهندا رهيا آهيون. ان حالت ۾ ٻولي، ساهت، سنسڪرتيءَ جو وجود قائم رکڻ جي ڪوشش ڪير ٿو ڪري سگهي؟ اهڙي وقت جن به حوصلو ۽ همت ڌاري انهن چيزن کي بچائڻ جو يتن ڪيو، تنهن جا اسين ٿورائتا آهيون.

ننڍي هوندي خواب ۾ ڏٺو هوم ته مونکي پکه آهن ۽ مان پکيءَ جيان پيو اڏامان. صبوح جو گدگد ٿي سيڌي سرليءَ کي ان اڏام جي مزي بابت ٻڌايو هوم ۽ پوءِ گهڻن ڏينهن تائين پکيءَ جيان هوا ۾ ترڻ واري خوشي هڪ لهر ڄڻ ته من جي سطح تي پئي آئي ۽ ويئي ۽ پئي هڪ عجيب ترنگ پکيڙيائين. پر وڏي ٿي جڏهين هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پٽڪيو پيو، تڏهن هر پيڪار مونکي ٽڙقايو ۽ روئاريو.

شروعات ۾ جوڌپور ۽ ٻڙودي مان سنسار سماچار ۽ هندستان اخبارن ۾ ليک موڪلي پنهنجي من سان ٿيل روڪار کي پئي اظهار ڏنم. ممبئيءَ ۾ اچي سنڌ ماڊل اسڪول ۾ ماستري ڇڏڻ ڪري ڪيرت بابانيءَ سان ٿوري ”ڪيئن آهيو؟“ جهڙي واقفيت ٿي هئي. پر ننڍي هوندي کان

ورق چوڏهون

زندگيءَ جي شام

زندگيءَ جي شام آئي آهه،
ٿو وڻن ۾ زرد پن ڪِرڻ ڪري
بس هوا ۾ مان به ٿي ويندس هوا

— پريو "وفا"

پنهنجيءَ پوُنءَ جي ٻُوءِ ڪٺي اسين هيل تائين زنده رهيا آهيون. پنهنجيءَ ٻوليءَ تي دسترس رکي اسين ساهتڪار سڏائي رهيا آهيون. لاڏاڻائيءَ جهمر هڻي اسين سنڌ جي جُونِن جي تهذيب جي هيڪار سان اڃا تائين واسيل آهيون. پر ڄاڻ يا اڻڄاڻائيءَ ۾، چٽيءَ طرح يا ڌنڌليءَ ريت پنهنجيءَ هستيءَ ڪوهڙ جو لپ اسانجي من جي ڪنهن نه ڪنهن تهه ۾ موجود ٿي رهيو آهي. ڪڏهين ملڪ جي عجيب فضا ۾ اهو پوءِ اندران نڪري ٻاهر اچي هڪ سوال جو روپ ڌاري اسان اڳيان ڪڙو ٿي ٿو وڃي ته ڪڏهين مسئلن جي ڳنڍ ٻڌجي اسان کي منجهائي ٿو رکي.

جڏهين پکي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندا آهن، يعني مائيگريٽ (Migrate) ڪندا آهن، تڏهين اهي ٽوليون ٺاهي اڏامندا آهن. پر اسين انهن ڇڙوڇڙ ٿي ويا آهيون، جڻ تيز هوا ۾ اُڏاڻل ڪي پنا آهيون يا ڪي مٽيءَ جا ذرڙا آهيون. عزيز خويش، پاڙيوارا ته هڪ ٻئي کان جدا ٿيا، پر ڀائر ڀيڻر پڻ هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا! منهنجي ماسي دهليءَ ۾ ته چاچو ڪلڪتي، هڪ ماسات ڪوئمبٽور ۾ ته ٻي ٻڙودي، منهنجو

عورتن پٽو ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ڪيس اڳيان وڌڻ کان روڪي ٿو. سنڌيت ڏانهن منهنجي گھڻي جذبات آهي، اهو جاڳي پئي، وقت ۽ محنت جي حساب ۾ مونکي گھٽ ئي پئي لڳيو آهي ۽ عورت هجڻ ڪري لڪل يا کليل نموني ۾ منهنجي چرتر ڏانهن ڪيترن آڱر پئي کڻي آهي. شروعات ۾ اهي پئي ڳالهيون منهنجو من ڏوڏائي اُن جو ميزان هيٺ مٿي ڪري ڇڏينديون هيون. پوئين ڳالهه ڪري منهنجي اکين جي پلڪن تي ڪيئين پيرا قطرا موتي آيا ۽ منهنجي دل مان ڪيئين دفعا دونهون نڪتو، پر مون اُنهن قطرن کي ڌارا ڪين بڻايو ۽ نه ئي دونهي جي ڌنڌ ۾ پنهنجو هوش ۽ حوصلو گم ڪيو.

سپا جي ڪاروباري ڪاميابيءَ لئي رهي سپا جي ڪم ۾ مان نهايت سرگرم رهيس. اُتم سان سفر ڪيئن ڪبو آهي، مالهيءَ جي غير حاضري ۾ روزانو ڪم ڪيئن نباهبو آهي، ڪيرت سان سميلن ڪيئن وقت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪيئن تفصيل ناهبا آهن، سڀ ڳالهيون معلوم ڪري ويس.

اُتم احمد آباد هلي يا جوڌپور، ٽرين جي ڇٽڻ کان فقط هڪ منٽ اڳ ايندو. پوءِ پيٽي اندر ڦٽي ڪري سٽيل ڊٻي ۾ ڊاڙ پائي پاڻ به اندر گھسندو ۽ مونکي به اندر ڌڪيندو. جوڌپور ۾ اڌ رات جو ٽڙ ڪنڊڙ سيءَ ۾ اهڙو ٽڪڙو هلندو، جو مونکي پنهنجا ڊوڙ پائي اچڻو پوندو. مالهي جهڳڙن وقت بلڪل گم هوندو. جي ايندو به ته چوندو ”هنن حالتن هيٺ سميلن ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي، وري به جيئن سيٺي جي صلاح ڏيهي.“ ۽ ڪيرت اُئين ڪم وٺندو جڻ ماڻهو نه بلڪ ڪا پرزن واري مشين ئي سامهون اٿس! ڪين اهو ڪڏهين به ياد نه رهندو ته هڪ عورت ئي ساڻن ڪم ڪري رهي آهي! ٿنهي ۾ وري به مالهي ان طرح جي مريادا ڏيکاري سگھندو آهي. جيئو ٽيڪ مان هميشه سطحي متڙنا ئي رکندي آهيان ۽

پنهنجي چوڌاري ٿوڊ کان گهبرائي لوڙهي اندر رهڻ جي عادت
هيم، ان ڪري مان ڪڏهين به ڪنهن ميٽنگ مڙي ۾ ڪين
ويس. جيڪي ڪجهه مان لکندي هيس، سو منهنجو ڀاءُ
ڌرمداس، جو فورٽ ۾ ٿي سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن ۾
اڪائونٽنٽ هو، هندستان اخبار جي آفيس ۾ پهچائي ايندو هو.
١٩٤٨ کان هندستان جي هفتيوار اخبار هندواسيءَ ۾ لڳاتار منهنجا
ليک ۽ ڪهاڻيون ڇپجنديون رهيون، پر مون ڪڏهين به اخبار
جي ايڊيٽر هيرانند يا مانسنگهه چوهڙمل سان ملاقات ڪين
ڪئي هئي! ١٩٦٠ع ۾ هندستان ڪتاب گهر پاران ڀاڳوت جو
ترجمو ڪيم ۽ بعد ۾ سوامي وويڪانند جي جيونيءَ جو پڻ ترجمو
ڪرڻ شروع ڪيم ۽ ان سلسلي ۾ هندستان اخبار جي آفيس
۾ ويس. اتفاق سان اُن ئي سال ۾ باندرا نئشنل ڪاليج ۾ پڻ
ليڪچرار مقرر ٿيس. ٻئي سال سنڌي ساهت منڊل طرفان سڏايل
گانڌي يادگار ۾ سميلن جي ادبي ٻيٺڪ جي صدارت ڪرڻ لاءِ مان
اُن سميلن ۾ شامل ٿيس. گهر مان ٻاهر نڪري پبلڪ ۾ ڪم
ڪرڻ جو اهو منهنجو پهريون آزمودو هو. اُن سميلن ۾ جيڪا
سڀا جي پهرين ڪاروباري ڪاميٽي ٺاهي وئي، تنهن ۾
مون کي ڪين کنيو ويو، ڇاڪاڻ ته ڪيترن ٻاهاڻي اهو اعتراض
اٿاريو ته مان گهر کان ٻاهر نڪرندي ئي ڪين آهيان. پر قيد
ٿي پوءِ آزاد پکي جيئن پهرين پڃري جي چوڌاري ڦيرا پائيندو
آهي ۽ پوءِ آزاد هوا ۾ پکڙ ڦهلائي اڏامي ويندو آهي، تيئن
مون به هڪوار ٻاهر نڪري سنڌيت جو سڏ ٻڌو ۽ اُن سڏ ۾
پنهنجي ئي دل جي گهراين جي گونج سڻيم ته پوءِ گهر اندر
بند ڪين ٿيس.

گهر کان ٻاهر نڪري ٻن ڳالهين جو شدت سان احساس
ٿيم. هڪڙو ته (کهڙو نه ڪيرنه) هڪ ذال جي ايمانداريءَ
سان پرپل احساس جو گهڻو فائدو ٿو وٺي ۽ ٻيو ته عورت جو

ڀوپال ۾ ديوناگري سميلن جو بهشڪار ڪرڻو هجي يا گانڌي ميدان ۾ بک هڙتال، پنهنجي لڇي قائم رکڻ لاءِ ٻــ ڏينهن بک مرڻو هجي يا نٿهڻ اُس ۾ سرگس ۾ ميلن جا ميل پنڌ ڪرڻو هجي، لٽريچر ريون ڪولڻ لاءِ ڪتابن جون ياداشتون (قيمت ۽ نالن سميت، ٺاهڻيون هجن يا ڊيليگيٽن جــون لسٽيون وڪڻيون هجن، ليڪن جا پتا رکڻا هجن يا ڪنهن سيمينار جي سيشن جو پرڌان ٻڌجڻ لاءِ ڪيس عرض ڪرڻو هجي، سڀا جي ڪم جي دائري اندر ته سڀ ڳالهيون ٿي اچي وينيون. جنهن ڪري روزانو ٽي چار ڪلاڪ ڪم ڪرڻ سان به ڪم پورو نــ ٿيندو هو. احمدآباد ۾ آرتوار صبح جو ميٽنگ هجي ته ڇنڇر ڏينهن ڪاليج ۾ پاڙهي رات واري ٽرين پڪڙي آرتوار صبح سويل احمدآباد ۾ پهچي، ميٽنگ ۾ شامل ٿي، شام واري ڪلچرل پروگرام ۾ اٺين ٻجي ٽائين شامل ٿي نوين ٻجي واري گاڏيءَ ۾ سڄي رات بيهي ٿي ويهي (احمدآباد وارا ڪڏهين به برٿ رزرو نه ڪرائيندا هئا). سومر صبوح جو ٻمبئي پهچي لفٽ ۾ سامان رکي، اُن ئي ٽئڪسيءَ ۾ ڪاليج ۾ پهچي ڪم تي چڙهندي هيس. دورا ڪرڻ وقت ٻن ڏينهن ۾ ڀوپال، ٻڙا ڳڙهه ۽ اُجين يا هڪ ڏينهن ۾ اندور ۽ اُجين يا ٽن ڏينهن ۾ نڙياد، ٻـڙودو ۽ احمدآباد اٿين وڃندا هئاسين. سميلن وقت موهن گيهاڻي، موتي پرڪاش ۽ واسديو نرمل ڪــم ۾ ورتائيندا هئا ۽ دورن وقت سندر اَگـناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي ۽ واشديو سندر ويارٿي، ڄيپور ۾ سميلن ٿئي ته گوردن چوڌري ۽ گوردن پارٽي سرگرم رهن ۽ جي دهليءَ ۾ ٿئي ته جيون گرسهاڻي ۽ هري ميراڻي ۽ هيم ناگواڻي سرجوش ٿي ڪم ڪن! اهي ڏينهن به ڪي شينهن هئا شينهن! سنڌ جي ناريءَ جي ڊولائتي نڪ ۾ جهڙي شفاف چوُني پيل هوندي هئي اهڙو اوُجل ڳاڙهو ڳـل ڪٽي موتي پرڪاش ”عزيز“ ۽ ”شيام“ جا ٻالڪل موزون ۽

ڪنهن به شخص سان ويجهڙائيءَ جو ناتو رکڻ پسند نه ڪندي آهيان، تڏهين به ڪم جي دوران ۾ ماڻهن، اُنهن ۽ ڪيرت جا گڻ اوگڻ چڱيءَ طرح جاچي سگهي آهيان. پر انهن جو ورتن صرف ڪم سان لاڳاپو رکندڙ جي روپ ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته شخصي طرح منهنجو انهن مان ڪنهن سان به ڪنهن به قسم جو لاڳاپو نه پئي رهيو آهي. ماڻهن ٽنهي ۾ احساسي وڏيڪ آهي. انهن ڳالهه ۾ ماڻهوءَ جي صفا اُٿڙ آهي. وهنواري ڳالهين ۾ ڪيرت ٽنهي ۾ وڌيڪ پڪو پختو آهي. سندس چهري يا ڳالهائڻ مان سندس دل جي سچي مراد ظاهر ٿي نه سگهندي آهي. انهن ان ڳالهه ۾ ڪيرت جي اُٿڙ آهي. انگريزي ۾ جنهن کي "ڪروڊ" چئبو آهي، انهن اهو ئي آهي. غصو يا نفرت هوءَ لڪائي نه سگهندو آهي. انهن جيان ڪيرت ۾ به "اهم ڀاو" جهجهو ئي آهي پر هوءَ وقت ئي غم ڪائي سگهندو آهي.

سيا جي ڪم کان ٻاهر ڪرشن کٽواڻي تمام سٺو، گوورڌن ڀارتي تمام موڊي، گنو سامتاڻي تمام انبر ستنب نگ، هريش واسواڻي تمام ذهين، ڪرشن راهي تمام ڏکيو، موتي پرڪاش تمام قرب وارو انين ٻين گڻن اوگڻن ئي سندن کي خاص سڀاءَ ۽ هلت جا نمونا چانيل لڳا اٿم.

انهن کان سواءِ ٻيا ڪئين سنڌ ڀت جي هلچل سان واسطہ رهي مون واري ڪم جي دائره اندر پئي گڏيا اٿم. جئپور جي نموتي سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي ۽ واشديو سنڌو ڀارتي، دهليءَ جي نموتي جيون گرسهاڻي، هيم ناگواڻي ۽ هري ميراڻي، احمدآباد جي جوڙي ديال موتواڻي ۽ هنس پنجابي وغيره. ڪي جيون گرسهاڻيءَ جهڙا حشمت وارا ته ڪي ميراڻيءَ جهڙا خاموش ڪم ڪندڙ، ڪي لڇمڻ ڀمياڻيءَ جهڙا ڏيکاءَ کان پري ڪم ڪندڙ ته ڪي سندر اگناڻيءَ جهڙا لگن سان ڪم ڪندڙ. مونکي انهن سڀني لاءِ عزت هئي، آهي ۽ رهندي.

ملهائڻ جو سڏ ايندو هو، اجمير مان ساهت - اڪادمي انعام کٽندڙ ڪي سنمان ڏيڻ لاءِ ڪوٽ ٿيندي هئي ۽ پنهنجو خرچ ڪري، ڪاليج مان موڪل وٺي وڃڻو پوندو هو. سميلن ٽڻ وقت ڀرين پنهنجيءَ هڙ کي ڇيهه ڏيئي پئسا ڪيڏا پوندا هئا.

پوءِ به ٺيڪ هو. منهنجو خيال هوندو هو ته سڄو گهر ئي، گهر جي هڪ ڪنڊ صفا ڪري اُتي ڏيئو ٻاري ويهجي ته به ٺيڪ آهي. سيا جي محاذ تي جاتيءَ جي ڀهبوديءَ لاءِ ڪم تي رهيو آهي ۽ هڪڙي ڪنڊ صفا سٺي آهي، ائين سوچي مان سيا سان ڳنڍجي رهيس پر......

ٿوري ٿوري يا ننڍڙي ننڍڙي ڳالهه تي ڪم ڪندڙ رسڻ لڳا. قلم ۽ ڪاغذ کڻي سيا ۾ ڪم ڪندڙن تي ڪي حملو ڪرڻ لڳا. "سنڌ پت" جي نالي يا ليکڪ هئڻ جي ناتي چالاڪ شخص، نالو ۽ ناڻو ڪمائڻ جو يتن ڪيو.

اُتو لٿو اڄهو ملڻ بعد سڀني ڪم ڪندڙن کي پنهنجي پنهنجي ڪٽنب جو اونو لڳو. ڪمائيءَ ۾ واڌ، آرام پسندگي، فرصت، نت نات سڀ ڪپي، ائين سوچي، هڪ هڪ ڪري سڀ ڪم کان پاسيرا ٿيندا ويا.

شروعات ۾ مقصد تي ڀهچڻ وارو وشواس منهنجي من ائين سوگهو جهليو هو جيئن ٻار پنهنجي ماءُ جو پلئه پڪو پڪڙيندو آهي، پر ڌيري ڌيري اوءُ ائين ٿڪي گسڻ ٿيڻ لڳو، جيئن سياري ۾ منجهند ڪانپوءِ اس ٿڪندي گم ٿي ويندي آهي! حالتون نهايت مايوس ڪندڙ هيون.

سميلن ۾ جيڪو شامل ٿئي، سو ناتيءَ جهڙو سواگت طلبي. ڪاروباري ڪاميٽي تي چونڊجڻ ڪانپوءِ سڀ کو ٽنگون ٽيڙي وڃيو سمهي پوي. جوابدار ماڻهو به بانيڪار خلاف پترا پيو ڇپائي. سيا کي نڀيندڙن سان پڻ سمجهوتو پيو ڪرڻو پوي. چاڪاڻ ته فلاڻي ايراضيءَ ۾ سميلن ڪرڻو پيو پوي. سيمينار

وقائتا شعر ٻڌائيندو هلندو هو ته اُڪ اُي گم ٿي ويندو هو.

اُتم ۽ مالهيءَ جي پيٽ ۾ ڪيڙا وڌيڪ رڌائتي نموني ڪم هلائيندو هو. فائيل، ڪاپيون، خرچ، ٽالا، اسڪيم سڀ ڪم "پاس" جيان ٿي وٺندو هو ۽ موهن گيهاڻي ۽ واسديو سلائيز ڪاٽي يا چانهه پي ڪم ۾ جنبي ويندا هئا. موٽي پنهنجي سندر هٽ - اُڪرن سان ڀني کي ٿي سونهائي چڙهندو، وقت ۽ هند ڏسي سندر اگناڻي گنيير هٽجي ٽڪاڻي ۾ به تقرير ڪري وجهندو ۽ ڪيڙا ماڻهن جي اُهتي سمجهه کان ٻجي پوڙهي چوڻ کان پهرين "پيڙ" لفظ ڪم آڻيندو ۽ واشديو سنڌو پارٽي ۽ مان ٻاهر ٽڪري رستي تي پاڻ ۾ ٺهڪ پچائيندا سين! ليمڻ پمياڻي ٽائيپ رائيٽر تي آڱريون نچائيندو هلندو ۽ گورڌن پارٽي پنهنجن ساٿين ۾ چرچو ڀري ناراڻ پارٽيءَ کي چيڙائيندو. اُتساهه ۽ همٿ کي ساڻ ڪري اُسين سڀ مست هٽجي ڪم ڪندا هئاسين. ڪڏهين ته قربدار ٽن ٽن هند ٽيرن ڪرائيندا هئا ۽ ڪڏهين ته سڄي ڏينهن ۾ صرف گجرون ۽ موڙيون ٿي نصيب ٿينديون هيون. دهلي ڪانفرنس وقت پڻ ٻه راليون ساندهه ٻ ٻلروٽيءَ تي لوڻ مرچ وجهي ڪاڌو هٿم جو ڊيو ٿيڻ ڪري دڪان سڀ ٻند ٿي ويندا هئا. ٻر مونکي ته اُڪ سٽائيندو هو ۽ نه بک ٿي ياد هوندي هئي.

هڏ ڏيڻ ڪانسواءِ سيا جي ڪمن لاءِ هڙ ۾ گسائڻي پوندي هئي. ٽڪليون ڪٿان؟ پوپٽي! پئسا اُئيٽي؟ پنجاه رپيا ته ڏجانس، اُڳوپوءِ پوسٽ آفيس مان ٽڪليون وٺي اچي - چيٽي پچڊ جو اُلسؤ آهي، پنجويهه ڪن هار ٺهرائي اچج. هڪ اُچو سٺو ڏهن پنڌرهن رپين جو ۽ باقي ٻيا پنجين پنجين رپئي وارا. پريس ڪانفرنس ٿا ڪريون، ٽون رپٻو ڪلب جي ميمبر آهين، ٽي چار شيون ۽ چانهه، اُٽڪل پنجاهه ماڻهن جو ٻندوبست ڪج.

اهڙن هند خرچ ڪرڻ ڪانسواءِ ڳانڍ پڌام مان چيٽي - چڊ

مليل اٿئون ان ڪري. گهڻن مان ٿهل ٻڪوڙن کي ڏسڻ تي هر پل آهيون ان ڪري - يا چانديءَ جا چانور ڪائڻ لاءِ سوچيندا آهيون ان ڪري - اسين پنهنجي وجود قائم رکڻ جو اونو ٿي ڪين ٿا ڪريون. پئسي گڏ ڪرڻ جي عيوض يا ٿورو نالو حاصل ڪرڻ جي بدلي ۾، پنهنجن پٽن لاءِ جاءِ ڇڏڻ جي چنتا وچان يا زال کي موٽر ۾ گهمائڻ جي تمنا ڪري اسين جاڙيءَ جو سڀ ڪجهه سواها ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃون.

مون ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو

هاڻي نه جيون جي شام اچي ٿي آهي. منهنجي زندگيءَ تي رات جو پاڇو پئجي چڪو آهي.

هر رات جو اکيون ٻوٽڻ کان اڳ ڏينهن ۾ ڪيل ڪم سئنيما جي فلمن جيان من اڳيان گذرندا آهن، پر انهن سڀني ۾ جهڪا اثردار ڳالهه هوندي آهي سا دل کي چنبڙي پيئي هوندي آهي ۽ پيئي روئاريندي يا کلائيندي آهي. ساڳيءَ طرح هميشه لاءِ اکيون ٻوٽڻ کان اڳ زندگيءَ جي هنن آخرين ڏينهن ۾ پٺيان نهاري پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ سوچيان ٿي ته معلوم ٿئم ٿو ته ايران ۾ ته ڪٿي هڪ محمد غزنوي ٿيو ۽ هڪ فردوسي، پر سنڌ ۾ ته سوين فردوسي آهن جن جو قدر ڪين ٿيو آهي.

لياقت ۽ ايمانداريءَ جو قدر ڪندڙن جو سنڌ ۾ ائين ٿي قحط آهي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي ته ڪڙا آزمودا آهن.

زندگيءَ جي شاهراه تان هلندي هلندي ائين به محسوس ڪيو اٿم ته جن تي گهڻي ۾ گهڻو وشواس رکيو اٿم، انهن ئي مونکي گهڻي ۾ گهڻو پٺي ڌڪيو آهي ۽ ٻاهرين ٿهه تي پنهنجي جن ۾ جهڙي اميد هئڻ جو ڀرم پئي پاليو اٿم، سي ئي انسانيت کان خالي ڏٺا اٿم. خير......

ٽنهي کان وڌي هئڻ ٿسائين گهڻي جدوجهد ڪئي اٿم.

تي جوءِ کي آڻي ڪو اَلڳ ڪمرو پيو گهري، سڀا کان پاڙو وٺڻ
لاءِ هرڪو تيار، پر پئسي جي مدد ڪرڻ کان هرڪو پيو نٽائي.
اُسين پر ٽڪا ڪائي، انڊور ٽائيزمينٽ هڪڙا پيا وٺي اچن ۽
پنهنجي وڏائي ڏيکاري سڀا جا پئسا خرچي دوستن اڳيان پيا
پيا سرخرو ٿين، مطلب ته ايتري ننڍڙي من وارن ماڻهن سان ٿي
ڪم پيو، جو دل ۾ سڀا جي ڪم کان ئي نفرت اچي وئي
سنڌيت جو سچو شيدائي ڪو ڳولڻ سان به نه پيو لڀي، پر سنڌيت
جي نالي تي موج اُڏائڻ وارا سوين پيا ملن! جيئن ماڪوڙي
کنڊ جو ڪڻو وات ۾ پڪڙي هلندي آهي ۽ خوش پيئي ٿيندي
آهي، تيئن متر ٿورا ٿورا پئسا ڪٽي پيا خوش ٿين! جيئن ڏيڏر
ٽپ ڏيندا آهن، تيئن سڀ ننڍڙو ننڍڙو عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ
پيا جفاڪشي ڪن! سنڌو سماچار اخبار نڪتي ۽ بند ٿي،
مونکي شخصي طرح تمام گهڻو مالي نقصان پيو! منهنجي دڪان
جو ڪو آرپار ئي نه هو. جڏهن به ڊائريڪٽرس جي ميٽنگ
ٿيندي هئي، اخبار جو وڪرو يا سرڪيوليشن وغيره ڳالهين
تي سوچڻ بدران جهيڙا لڳندا هئا ۽ اُنهن جا نبيرا ٿيندا هئا.
ٻيم سڏائيندڙن ٻوڙن جو ٻارن جيان وڙهڻ ڏسي، مان نهايت
حيران ۽ پريشان ٿيندي هيس. (ميٽنگن ۾ ناگواڻي ۽ اُم، سڪو
هگوراڻي ۽ اُم، ٽي. ٽي. واڌواڻي ۽ اُم، ناري گرسهاڻي ۽ اُم
پاڻ ۾ اٽڪندا هئا ۽ انهيءَ اٽڪڻ ئي اخبار کي ٽڪڻ نه ڏنو!)
راهيءَ جو شعر:

”وله ۾ واڪو، سڏ ئي سڏ، وراڻي ناهي - ڪوئي ناهي
هر ڪو ننڊ ۾، ڪير اُٿي ڪنهن کي جاڳائي - ڪوئي ناهي
ڪنهنجو سڏ آ، ڪنهنکي سڏ آ، ڪوئي ناهي - ڪوئي ناهي“

سڏ ۽ پڙاڏو ٻنهي منهنجي من ۾ گونجڻ لڳو. خبر ناهي
ڪهڙو سبب آهي جو اسين انهن ٻنهي پيا آهيون. وڏيءَ پڪيڙ
۾ ونڏيل پڪڙيل آهيون، ان ڪري پا ساهي ۽ وت ڌرتي ۾

پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ساهتڪ پونجي

جنم: ١٧-٩-١٩٢٤ع

حيدرآباد، سنڌ.

کهاڻين جا مجموعا

١) رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون - ١٩٥٣

٢) پڪار - ١٩٥٣

٣) ڪليءِ گلاب جي ساغر شراب جو - ١٩٦٧

٤) مون توکي پيار ڪيو - ١٩٧٥

٥) خزان جو دور پورو ٿيو - ١٩٧٦

ناول

٦) منجهو - ١٩٥٠

٧) حسرتن جو تربت - ١٩٦١

٨) جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات - ١٩٦٦

٩) سيلاب زندگيءَ جو - ١٩٨٠

مضمونن جا مجموعا

١٠) هڪ پشپ پنڌرهن پنکڙيون - ١٩٦٢

١١) پارس جي استري (کوجنا تمڪ - ٻه ڇاپا) - ١٩٦٣

١٢) مان ڇا آهيان (ويدانت جي سمجهاڻيءَ تي) - ١٩٦٥

١٣) ڇون ڇڪن ڇمڪ ۾ - ١٩٧١

١٤) زنده سا قوم رهندي - ١٩٧٥

١٥) ٻولي منهنجي ماءُ - ١٩٧٧

ادب لطيف ۽ ڪوتائون

١٦) روح سنڌي رچ

هاڻي مان ٽڪي آهيان. جهان مان هلي وڃڻ جو مونکي ڪوئي غم نه آهي. نه ڪا چيز، نه ڪائي ڳالهه ۽ نه ڪوئي انسان، مونکي هت وڌيڪ رهڻ لاءِ موهت ٿو ڪري. ائين پيو لڳيم، ڄڻ دنيا مون لاءِ اجنبي بڻجندي ٿي وڃي.

هر رات جو اکيون ٻوٽڻ کان اڳ، مان ائين محسوس ڪندي آهيان، ڄڻ دنيا هڪڙي پاسي پيئي هلندي وڃي ۽ مان ٻئي پاسي. ٻئي هڪ ٻئي کان دور دور پيا ٿيندا وڃون. اسان ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو وڃي ٿو وڌندو.

هيءَ منهنجي زندگيءَ جي شام آهي. اُفق وٽ لالاڻ آهي. پکي پنهنجن آکيرن ڏانهن اُڏامندا ٿا وڃن. ڏينهن رات کان موڪلائي هليو آهي. اسان به ڄاڻ ڄاڻ موڪلايو......

ڀلا يادگيرين جي ڳلين ۾ آخر ڪيترو ڀٽڪبو؟

ٻيا ڪتاب

١٧) ڀاشا شاستر - ١٩٦٣

١٨) سنڌي ساهت جي جهلڪ - ١٩٦٧

١٩) عزيز - شخص ۽ عالم - ١٩٧٩

٢٠) سنڌي ٻولي - ١٩٨٠

انگريزيءَ ۾ لکيل

٢١) Sindhis - The Scattered Treasure

٢٢) سنڌي هستيون

ترجما

٢٣) شريمد ڀاڳوت (انگريزيءَ مان)

٢٤) ڪبير (هنديءَ مان)

٢٥) وويڪانند جيوني (هنديءَ مان)

پتو:
٥١، سنگيتا بلڊنگ،
ٽيليفون ڀون جي پٺيان،
ڪولابا، بمبئي-٤٠٠٠٠٥.

هيءُ ڪتاب شري پرڪاش ايچ. مونواڻي، ڪوُنج ڪتابي پوجنا ٨١ هينٺ، شري ماڌوداس جي. ڇماڻي (اچڙا)، شري گيتا پرنٽنگ پريس، هوٽل ايگل جي سامهون، الهاس نگر-٣ مان ڇپائي، ٤، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، شهيد ڀڳت سنگهه روڊ، بمبئي-٤٠٠٠٢٣ مان پڌرو ڪيو.